


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڪيئن وساريان ويڙهيچن |
| مصنف: | وينا شرنگي |
| ڇپائيندڙ: | ناري پبليڪيشن حيدرآباد |
| ڪيٽيگري: | آتم ڪٿا / آٽوبايوگرافي |
| شايع ٿيڻ جو سال: | 2009 |

هن ڪتاب ۾ وينا شرنگيءَ جون يادگيريون آهن. اهي يادگيريون سنڌ ڌرتيءَ سان وابسته آهن، انهي ڪري هن ڪتاب لکڻ جي انداز ۾ سندس زبان جنهن مان سنڌ ڌرتي جي محبت ليئا پائي رهي آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي مهڪ اچي رهي آهي. نج ڳوٺاڻو سٻاجهو انداز هن ڪتاب جي سونهن آهي.

---

**فهرست:**


- ارپنا
- ڪمپوزرس پاران
- سنڌ سلامت پاران
- فهرست
- پبلشر پاران
- دل جون ڳالهيون
- ٻه اکر
- ليکڪا پاران
- ڪيئن وساريان ويڙهيچن
- عاشورا
- حڪمت
- مروئان موت ملوڪان شڪار
- لاکو کٽي باريجو کائي
- آپ نه پلي ڏوجهيان متيان ڏيوي
- !ستي ٿي سيڙائي، لنبدي ٿي لاڏ ڪري
- آ بلاڙي ! ويندينءَ ڪاڏي؟
- حب الوطني


---

**ارپنا**

پنهنجي پويتر ڪک مان جنم ڏيندڙ
محبت، لگن ۽ عقيدتمندي جي مجسم
اَمڙ ستي ۽
ابي گوپي ڪرشن

کي
جيڪي زندگي پر گمناميءَ جي چادر اوڍي، سماجي ۽ قومي پلي جا ڪم ڪندا رهيا آهن ۽ جن مان ئي مونکي سماجي پلي، محنت ۽ فرض جي راه تي اڳتي وڌڻ جو اُتساهه ملندو رهيو آهي.

وينا شرنگي

**فهرست**

نذير ناز : پبلشر پاران
ادل سومرو :دل جون ڳالهيون
ڊاڪٽر فهميده حسين :ٻه اکر
وينا شرنگي :ليکڪا پاران

**يادگيريون**

ڪيئن وساريان ويڙهيچن
عاشورا
حڪمت
مروئان موت، ملوڪان شڪار
لاکو ڪٿي، باريجو ڪائي
آپ نه پلي، ڏوجها متيان ڏيوي
ستي ٿي سيڙائي، لنديِ ٿي لاڏ ڪري
آ ٻلاڙي! ويندينءَ ڪاڏي؟
حب الوطني

**دل جون ڳالهيون**

وينا شرنگيءَ جو نالو هند ۽ سنڌ جي ادبي دنيا ۾ نئون ناهي سندس ڪتاب ۽ تحريرون ته سنڌي ماڻهن تائين پهچنديون رهن ٿيون، پر سندس آواز ريڊيو ذريعي لکين ماڻهن تائين پهچي ٿو. اِهي سڀ سندس سڄاڻپ جون صورتون آهن. ان ڪان انهي سپني تخليقي . .مارئي" تنظيم جي پليٽ فارم تان سنڌي ادب جي اوسر ۽ ڦهلاءَ ۾ سندس اهم ڪردار رهيو آهي "سواءِ سرگرمين جي باوجود وينا، پاڻ بابت ڪا دعوى نٿي ڪري هڪ ناليواري ليکڪا جي روپ ۾ هُن ڪيترائي ڪتاب سنڌي سندس انڪساري، هن ڪتاب جي .ٻولي کي ارپيا آهن. پر پوءِ به ڪنهن نالي، شهرت يا پذيرائي جي تمنا ڪان پري آهي هوءَ هڪ هنڌ لکي ٿي : . . . مُهڙ ۾ لکيل "ليکڪا پاران" عنوان هيٺ لکيل چند لفظن مان ٻه محسوس ڪري سگهجي ٿي "مان يقين سان ٿي چوان ته نه ئي مون کي اديب جو خطاب حاصل ڪرڻ جو جنون آهي ۽ نه ئي اديبن جي قطار ۾ بيهڻ جي گُستاخي ڪنديس."
وينا شرنگي پنهنجي باري ۾ کهڙي به راءِ قائم ڪري، پر ان حقيقت کان انڪار ڪير ڪري سگهندو ته هوءَ سنڌي ٻوليءَ اِهيئي سڀ .جي هڪ مانائتي ليکڪا ۽ اديبا آهي، هن ريڊيو پروگرامز وسيلي سنڌي ٻولي جي مڃتا لاءِ پرچار ڪيو آهي .عمل آهن جن جي وسيلي هڪ انسان عام ماڻهوءَ مان شخصيت بڻجي ٿو
ڪيئن وساريان ويڙهيچن" ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيئن ڪتاب جي عنوان مان ظاهر آهي ته هي يادگيريون "
پنهنجن مارُن جون آهن، پنهنجن ويڙهيچن ۽ ساٿين جون آهن، جن سان ليکڪا، پنهنجي زندگي جا ڪيئي املهه پل گهاريا

آهن، هڪ خواب جي وارتا کي ڊائريءَ جي صفحن تي لکندي، وينا کي ماضي جون ڪيئي ڪهاڻيون، واقعا ۽ حادثا ياد ايندا ويا ۽ هوءَ انهن کي لکندي ويئي ۽ هڪ ڪتاب تيار ٿي ويو. اهڙو ڪتاب جنهن جو بنياد هڪ سپنو آهي ، ڪتاب ۾ .مختلف يادگيرين کي ڌار ڌار عنوانن تحت بيان ڪيو ويو آهي

ڪيئن وساريان ويڙهيچن'' جي عنوان واري حصي ۾ وينا، ننڍپڻ ۾ جڏهن هو اڃا 21 ڏينهن جي مَس هئي، جو سندن هڪ " گهريلو ملازم، ڪيس گهمائڻ جي بهاني اغوا جو ارادو ڪيو هو ، واري واقعي سان شروعات ڪئي آهي، انهيءَ حادثي بابت تمام گهرائي سان سوچيندي، هوءَ پاڻ بابت انومانن جو ذڪر ڪري ٿي ته جيڪڏهن ايئن ٿي وڃي ها ته هُن ڪي زماني هوءَ انهي حادثي کان پوءِ واري پنهنجي حياتي کي پنهنجو نئون جنم تصور ڪري .جون ڪيترين تڪليفون نصيب ٿين ها ٿي . . . پنهنجي اندر جي جذبن کي، خوداعتمادي ۽ جرئت واري شخصيت اُڀارڻ جو سبب سمجهي ٿي. جنهن سبب ابي ۽ انهن ئي "امڙ جا سندس لاءِ هي لفظ، اڃا به وڏيڪ ڪيس همت عطا ڪن ٿا ته ''توکي ڏيءَ نه بلڪه پُٽ هئڻ ڪپي ها .احساسن جي آڌار تي هن جي همت پري للڪار، ٿن وحشي بگهڙن کان هڪ ڪمزور ناري جي عصمت بچائي ٿي

عاشورن جا پڙ ۽ شوالي جي دريءَ مان عاشورن ڏسڻ واري مالڪيءَ جو حق، ڪنهن کي عاشورن جا پڙ ڏسڻ ڏيون يا نه، ڏرمن جي حدبندين کان بي پرواهه، ٻارڙن جو عاشورن جي ڏينهن ۾ گهر ۾ ماتم ڪرڻ ۽ اُنهن جي اڳواٽي جو شرف وينا کي ملڻ، جيڪا عمر جي ان حصي ۾ ڌرمي مت ڀيد کان پري، صرف هڪ معصوم آهي جنهن بابت پاڻ ئي اظهار ڪري ٿي ته : ''گهر جي صاف سٿرن گلاسن کي ڇڏي اُنهن جي جوٺن جستي ٿولين ۾ گلاسن ۾ شربت پيئڻ ۾ نه ٻُڇان ايندي هئي ۽ نه اِهو احساس ٿيندو هو ته برهمڻ جو اولاد ٿي ڪري ڇٽن جي جوٺن گلاسن ۾ شربت پي رهيا آهيون. خبر ناهي ته اهو ڪهڙو ".جذبو هو

ڏاڏي مهراج رامچندر جي حڪمت جون ڳالهيون، جڏهن وينا ياد ڪري ٿي ته ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ٿي وڃي. مهراج رامچندر صرف حڪيم نه هو پر اهڙو ڪردار هو، جنهن جي هر طبقي وٽ عزت هئي. هُو جڏهن ديهانت ڪري وڃي ٿو ته سڀ افسوس ڪن ٿا ۽ سندس گهر ۾ پاڪرن جا ڍير لڳي ٿا وڃن. ان ساڳي حصي ۾ لاڙڪاڻي ۾ هندو مسلم فساد جي سازش ۽ ان جي ناڪاميءَ جو ذڪر به اچي ٿو. ''مروئان موت ملوڪان شڪار'' ۾ مهمان نوازي جي سلسلي ۾ نماءُ ۽ ڏيکاءُ وارن روين بابت طنزيه اظهار ڪندي، وينا ڪيترن شومن جو ذڪر ڪيو آهي. هي ليک هڪ تسلسل ۾ مختلف لاکو ڪٿي، باريجو ڪائي'' جي عنوان واري " .واقعن جو مجموعو آهن، جن ۾ اڳواٽ ڪابه رٿابندي ڪيل محسوس نٿي ٿئي پنهنجي والد جي سخاوت واري ذڪر سان گڏ، پنهنجي دور .حصي ۾ ليکڪا ڪيترين ئي يادگيريون سمائي ڇڏيون آهن جي ڪيترن نامور شخصيتن جا واقعا ۽ اُنهن جي پنهنجي والد صاحب سان دوستي واري نسبت جوڙيندي، من کي ڇهندڙ ڳالهيون تحرير ڪيون آهن، سردار پير بخش ڀٽي جو سندن اوطاق تي اچڻ ۽ هرڻ لاءِ فرمائش ڪرڻ ۽ ٻارڙن جو هرڻ لاءِ بيچين ٿيڻ، اَنن ٻارن جو اُٺ تي چڙهڻ ۽ اُتان ڪرڻ، ڀٽاريءَ جي چوري ۽ اُن جي واپسي، جهل مگسي واري لاکي پير جو چشمو، ڏاڙيلن پاران عورتن جي عزت واري روايت، مهراج جي ڏيءُ هئڻ جي ڪري مختلف ماڻهن پاران ليکڪا کي مليل عزت، لاڙڪاڻي ۾ پڙهائي ۽ مختلف ٽيچرس جو ذڪر، انگريزي ڊبيٽ جو ڪردار ادا ڪرڻ، اِهي سڀ ساروڻيون انهيءَ .ڀاڱي ۾ اچي وڃن ٿيون

آپ نه پلي ڏوجهيان متان ڏيوين'' واري يادگيرين جي حصي ۾ پڻ ڪيترين ئي حقيقتن کي وائکو ڪيو ويو آهي. انهن " سچائين کي پڙهي محسوس ٿئي ٿو ته ليکڪا عمر جي هن حصي ۾ ڪنهن به مصلحت پسنديءَ ۾ نه ڦاسڻ جو حوصلو رکي .ٿي ، جنهن ڪري ئي سندس قلم مان هي تلخ ۽ تيز جملا لکجي سگهيا آهن

چاهي پوءِ انهن عزت جي علمبردارن جي خود گهر ۾ ڪاٺ لڳل هوندو هو. ڪنهن جي نونهن ، ڏير سان نهيل . . . . " ". . . هوندي هئي. ڪا سُهري سان ته ڪا مُنشيءَ سان ته ڪا گهران ڀڄي ويندي هئي

:يا هي سٽون پڙهو

جيڪي ٻين کي نصيحتون ڏيندا هئا سي خود بدڪاري ۽ بدچلنيءَ جو شڪار هئا، پيو ته شهدادڪوٽ جي پنگياڻي، (نالو " ".نٿي ڏيان) جنهن هڪ عزت دار سان شادي ڪئي آهي. اُن جا ڪيترائي عاشق هئا

سنڌي سماج جون غلط روايتون، دشمنيون، پلاند، ڏي وٺ جون شاديون وغيره جي موضوعن بابت ليکڪا انهي حصي ۾ .جرئت سان لکيو آهي

جهڙن عنوانن تحت ٻه ليکڪا ڪاميابيءَ سان پنهنجي ”ستي ٿي سيڙائي، لنڊي ٿي لاڏ ڪري“ ۽ ”آ ٻلاڙي! ويندين ڪاڏي“ حياتي جي وساريل ورقن کي سهڙيو آهي. ”هجيئي ناٿو ته گهُم لاڙڪاڻو“ رائيس ڪئنال سارين جا فصل، فصلن تي ڪيڙن جو حملو، والده جي پيءُ جو ذڪر، ڪراچي ۾ سماجي تحريڪ، جيني سپا هيملاٽي، ڳوٺ جا ٺيڪيدار، ٻاگي جون لپاڙون، شهدادڪوٽ سارين جا ڪارخانا، بيگاري هاري، ڪوئٽا ۾ وڏي پاءُ جي نوڪري، بلوچن جون روايتون وغيره.

وينا شرنگي هن ڪتاب ۾ پنهنجي وکريل يادگيرين کي جنهن انداز ۾ سهيڙيو آهي اهو دلچسپ ۽ وڻندڙ آهي ۽ پڙهندڙ انهن ۾ خود گُم ٿي وڃي ٿو سندس انهن يادگيرين کي پڙهندي، مونکي سائين حسام الدين راشدي جو ڪتاب ”هو ڏوٿي هو ڏينهن“ ياد اچي ويو. جنهن جي لکت ۾ ڪا به بناوت ۽ مصنوعيت ناهي. بس دل جون ڳالهيون آهن، جيڪي پني تي اُتارجي ويون آهن. انهن يادن ۾ پنهنجو ذڪر گهٽ، ٻين جو وڌيڪ آهي، انهي اظهاري طريقي تحت وينا شرنگيءَ ٻه هنن يادگيرين ۾ ڪيترين اهم ۽ غير اهم ماڻهن کي ياد ڪيو آهي. اِهي سڀ يادون پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ، شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو، اهي سڀ ماڳ مڪان، سندس ساهه ۾ سمايل آهن دهلي ۾ ٻه سندس دل ڇڻ سنڌ جي گهٽين ۾ گهُمي ٿي . ديس جي محبت ٻه پنهنجي گهر اِهي سڀ فطري ڳالهيون آهن، .ڪان ئي شروع ٿئي ٿي. وينا پنهجي ماتا ۽ پتا جي شخصيتن کي خوب اجاگر ڪيو آهي جيڪي ”حب الوطني“ واري جذبي تحت هڪٻئي سان جڙيل آهن. وينا شرنگيءَ جو هي ڪتاب، جيڪو توڙي جو مختصر آهي پر متاثر ڪرڻ جا سڀئي سامان رکي ٿو ۽ هند سنڌ جي ليکڪن توڙي پڙهندڙن کي پسند ايندو.

ادل سومرو

واري تڙ – سکر

**ٻه اکر**

منهنجي وينا شرنگيءَ سان ملاقات ڪل ٻه ڀيرا ٿيل آهي پهريون ڀيرو آءُ ساڻس اسي واري ڏهاڪي ۾ ملي هئس جڏهن سگا پاران ”سچل ڪانگريس“ نالي ڪانفرنس ٿي هئي ۽ هند ۽ سنڌ جي سنڌي اديبن ۽ اديبائن سان ڀريل بس ۾ چڙهي اسين ڪراچي کان لاڙڪاڻي تائين ۽ واپسي ۾ سموري سنڌ جو چڪر هڻڻ لاءِ ويا هئاسين. ان سفر ۾ هوءَ ٻه شامل ٻه هئي . . . تڏهن پاڻ ننڍي نينڍي، سنهڙي سمارٽ ڇوڪري جي حيثيت ۾ سڀني جي توجهه جو مرڪز بڻيل هئي . . . ٻيو ڀيرو .

2008ع جي مارچ واري مهيني ۾ جڏهن آءُ ساهتيه اڪيڊمي پاران ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ دهليءَ وئي هئس ان سفر ۾ مون وينا پهرئين ڏينهن ئي اسان کي پاڻ وٽ چانهه تي .سان گڏ امداد حسيني، تاج جويو، اياز گل، اسحاق سميجو شامل هئا گهرايو هو . سالن جون ريکائون سندس چهري ۽ جسم تي پنهنجا نشان ڇڏي ڪيس هڪ ميچوئر بردبار ۽ سنجيده عورت بڻائي ڇڪيون هيون. مٿي تي بنديا نه لڳل هجيس ها ته سندس ڳالهائڻ مان ڪٿان ٻه نه لڳي ها ته هوءَ ڀارت ۾ سنسڪرت ۽ سندس ٻولي ٻين ڀارتي ليکڪن ۽ ليکڪائن کان مختلف بلڪل هتي اسان وٽ .هنديءَ جي اثر ۾ رهندڙ سنڌياڻي آهي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جهڙي هئي جيڪا نج ڀهراڙي جي سنڌيءَ جو ساهُ رکندڙ هئي اتي ئي سندس مائيٽاڻي ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي ٻه موجود هئا ، انهن جي وچ ۾ رهندي هن پنهنجي ٻولي کي اصلوڪي شڪل ۾ ڪيئن رکيو آهي ان تي حيرت ظاهر ڪيم ته خبر پئي ته ورهاڱي وقت نه پر تمام گهڻو پوءِ ڪن اٽڪر سببن ڪري نوجوانيءَ واري عمر ۾ ڀارت آئي ان ڪري ائين آهي . . . ۽ ان ڳالهه جي تصديق سندس هي ڪتاب ڪري ٿو جنهن ۾ هن پنهنجيون يادگيريون قلمبند ڪيون آهن . نج سنڌي ڳوٺاڻي ماحول ۾ شهدادڪوٽ ۾ ننڍپڻ گذارڻ، لاڙڪاڻي ۾ جواني جو وقت هئڻ رهڻ سبب سندس ٻولي ۾ اها رواني رس ۽ چس آهي ، هن جيڪي زندگي جا ننڍا وڏا واقعا بيان ڪيا آهن انهن مان هوءَ هڪ سچاڻ ۽ دردمند دل رکندڙ خاتون محسوس ٿئي ٿي. هي ڪتاب پڙهي جتي سندس نج سنڌي ٻوليءَ کي ساراهڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهجي، اتي ٻيون ٻه ڪي خوبيون متاثر ڪن ٿيون جن ۾ سڀ کان پهرين سندس سنڌ ۽ سنڌين لاءِ اڪير ۽ محبت آهي ۽ ٻيو مذهبي / ڌرمي ڀيد ڀاوَ کان دوري ۽ هر هڪ انسان لاءِ هڪ جهڙو احساس نمايان آهي جيئن هڪ هنڌ لکي ٿي،

ان وقت مون کي پنهنجي لباس، پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي انفراديت تي فخر ۽ ناز ٿيو. ”منهنجي رواجي لباس ۽ منهنجي سباجهڙي سنڌي ۾ ايتري ڪشش هئي.“ ٻئي هنڌ لکي ٿي، ”خبر ناهي ڇو انسان انسان کي الڳ سمجهي ٿو. قيامت جي ڏهاڙي هندو مسلمان سک عيسائي، سڀني کي مالڪ اڳيان حساب ڏيڻو پوندو. . . خلقيندڙ ته هڪ آهي. نانءُ الڳ الڳ ،

مثيان به مثال سنڌين جي صوفين جي روايت جا ساکي آهن جيڪا هن ڌرتي ۽ هن مٽيءَ جي خاص خوبي آهي . . . وينا به انهي ساڳيءَ مٽي مان جنم ورتو آهي منجهس اهي سنڌي گڻ موجود آهن.
آءُ پانيان ٿي هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ موضوعن جي ڪري پڙهندڙن کي ضرور پسند ايندو.

ڊاڪٽر فهميده حسين

**ليکڪا پاران**

” اهو نه ڪيئن وساريان ويڙهيچن“ هيءُ ڪتاب ڪڏهن قلم بند ڪنديس، يا ڪتاب لکي اديبن جي فهرست ۾ شمار ٿينديس، هيءُ ڪتاب لکڻ عجيب اتفاق آهي، ائين ته ريڊيو لاءِ ننڍيون ننڍيون .ڪڏهن تصور ڪيو هيم ۽ نه ئي خواب خيال ۾ هو ڪهاڻيون الڳ الڳ موضوعن ۽ ننڍن فيچرن تي قلم آزمائي، پيشي جي تقاضا پئي رهي آهي. پر ڪي ڳاڻ ڳٽيا هوندا، جيڪي قلم آزمائي ڪري چڪا هوندا، مان خوشقسمت آهيان، جو انهن چند ڳاڻ ڳٽين (Announcer) انائونسر ايڊيٽنگ (production) شخصيتن ۾ منهنجو شمار به ٿئي ٿو، خاص ڪري دهلي ريڊيو تي آءٌ پراڊڪشن announcer) ۽ ترجمو ڪندڙ واحد خاتون انائونسر (planning) ، رٿابندي (Editing Script) اسڪرپٽ ڪنهن ڪنهن وقت انجنئير جي غير حاضر .آهيان اهو منهنجو نه بلڪه ريڊيو جي بيشمار ساٿين جو رايو آهي (Female تي پروگرام پهچائڻ جو به شرف آرٽسٽ طبقي مان (Transmitter) ڏيئي ٽرانسميٽر (line) رهڻ تي پروگرام جي لائين نشريات جي هر کيتر ۾ ڪم هلائڻ ۽ .ٿيڻ کان بچايو اٿم (Break down) مونکي عطا ٿيو آهي. ۽ پروگرام بريڪ ڊائون وقت جي تقاضا واري چاڻ کان پاڻ کي محروم نه رکيو اٿم. پنهنجي پيشي ۽ شوق کان مطمئن آهيان.
پوءِ ڪتاب لکڻ جو شوق چو لڳو؟ مان اُن کي، حقيقتن کي قلم بند ڪرڻ چونديس، مون کي چاڻ آهي ته ڪيترا ادبي دائري جا دانشور ان کي اديبه جو نالو ڏيئي پنهنجي ادب نواز ذات ۾ اڻ چاڻ ۽ ائين اوچتو ڪنهن عورت جي داخلا کي گستاخي قرار ڏيندا. ڪي لحاظ ۽ حضور شرمائي وچان مُرڪي بي دليو داد ڏئي چوندا : واه پائي وينا! هاڻي تون به اديب ٿي وئينءَ، پر مان يقين سان ٿي چوان ته نه ئي مونکي اديب جي خطاب حاصل ڪرڻ جو جُنون آهي ۽ نه ئي اديبن جي قطار ۾ ويهڻ جي گستاخي ڪنديس.
مان اهو ضرور چونديس ته جڏهن به مون حقيقت کي ڏٺو آهي ته مون اُن جو اظهار ڪيو آهي ، انسانن جا بدلجندڙ تاثرات ڪوڙي مسڪراهٽ، جهڙوڪ: وڏن ماڻهن ۽ نام نهاد سماج سيوڪن جي ڏيکاءُ واري خدمت تي بناوٽي داد، غريبن کي پنڻ ۽ ڌڪن کائڻ جي دهائي ڏيڻ.
ادب نوازن، شاعرن، دانشورن، علمي شخصيتن، اعلى سياسي ۽ سماجي خدمتگارن سان ملاقاتون وقت به وقت ٿينديون رهنديون آهن. پر اُن کان وڌيڪ عام ماڻهو، اڻ پڙهيل ريڊيو جي شائقن ، پنهنجي نالي ٻڌڻ واري ديوانگي ۽ انائونسر سان ملاقات ڪرڻ واري عام ماڻهو سان گهڻي لهه وچڙ ٿي آهي، جنهن ۾ ٻار ٻڍا، عورتون مرد، هندو مسلمان، سک عيسائي سڀ اچي وڃن ٿا. ميڊيا کي پيشي ۽ ڪمائيءَ جي ذريعي طور نه بلڪه شوق طور اپنايو اٿم، جيڪو منهنجو مقصد به هو.
پر ڪتاب لکڻ نه ئي شوق ۽ نه ئي پيشي جي تقاضا، نه ئي ڪا منهنجي تمنا هئي. مارچ مهيني ۾ رات جو خواب ڏٺم ته هڪ چوڪريءَ کي ٿي شخص پنهنجي هوس جو شڪار بڻائي رهيا آهن. مون انهن کي للڪاريو. انهن ٽنهي مون طرف پلٽو کاڌو. تڏهن مون کي پنهنجي ڪمزوري جو احساس ٿيو. منهنجي واتان رڙ نڪري وئي ”چور – چور“ مون سان گڏ اُن ۽ ٻپ وچان چرڪ پري اٿيس. يڪدم الماري کوليءَ ڊائري ڪڍيم ۽ اهو حادثو ”چوڪري جي واتان به نڪتو “چور چور قلم بند ڪيم. دراصل اُن خواب جو اڻ چاڻائي ۾ پنهنجي شخصي حفاظت سان لاڳاپو قرار ڏينديس. جو ننڍپڻ ۾ جڏهن 21 ڏينهن جي هيس ته گهر جي ملازم اغوا ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو هو، جنهن ۾ هو ڪامياب نه ويو هو. مون کي پنهنجي حفاظت ، عورت جي عزت ۽ آبرو جو خيال هميشه ستائيندو رهندو آهي.
مون صرف پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو آهي. مون صرف حقيقتن کي قلم بند ڪيو آهي. اُن کي الڳ الڳ شخصيتون مان صرف اهو چاڻان ٿي ته مون زندگيءَ ۾ جيڪو ڏٺو ۽ محسوس ڪيو .ڪهڙا خطاب ڏينديون، ان کان ناواقف آهيان

آهي، اهو اوهان اڳيان پيش ڪريان ٿي. اوهين خود امين آهيو. مان اوهان جهڙي ئي هڪ شخصيت آهيان. اوهان به انهن حالتن، حادثن ۽ هيٺ مثاهين مان گذري چڪا هوندا، ها ضرور گذري چڪا هوندا.

**وينا شرنگي**

**ڪيئن وساريان ويڙهيچن**

امڙ ڳالهه ڪندي آهي ته جڏهن 21 ڏينهن جي هئس ته گهر جو ملازم گهمائڻ جي بهاني اغوا ڪرڻ جو منصوبو ٺاهي ٽيشن طرف ڪٽي پڳو هو، پر هن جو منصوبو ڪامياب نه ويو يا ائين چوان ته قسمت منهنجو ساٿ ڏنو ۽ منهنجي امڙ ابي کي زندگيءَ پر جي وڇوڙي جي زهريلي ڏنگ کان رها ڪيو. جڏهن نوجوان ملازم جي ريل گاڏي چڙهي وئي ته هن ڏاند گاڏي جي هيٺان پناه ورتي ۽ ٻُهه سان پاڻ کي لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. تنهن وچ ۾ امڙ جي هاءِ گهوڙا ۽ اکين جي گنگا جمنا جي ڌارا وانگر وهندڙ لڙڪن ۽ ڏاڍي سائين جي ڪمدارن جي زوردار هڪلن سچي ڳوٺ ۾ واءِ ويلا مچائي ڏني. ”اڙي پڪڙيو ڙي پڪڙيو ڦهر ٿي ويو!“ اوڙو پاڙو ته ڪنو ٿيو، تنهن سان گڏ سڄو ڳوٺ تلاش ۾ نڪري پيو. ابي جو به سياسي ۽ سماجي خدمتگار جي حيثيت ۾ سٺو اثر رسوخ هو، جتان لنگهندا هئا ، سلام جي اسلام سان ۽ رام رام جي رام رام ڏورانهون فاصلو بنا ٽڪاوٽ جي طئه ٿي ويندو .سان موٽ ڏيندي ڏيندي منٽن جو وقت ڇڻ سيڪنڊن ۾ گذري ويندو هو هون. اُن ڏهاڙي سندن مختصر قافلو به وڌي ويو ۽ ادب ۽ تهذيب کي تلانجي ڏيئي دعا سلام جي موٽ ڏيڻ بنا تلاش ۾ نڪري پيا. نيٺ گهر جي منشيءَ کي ڪاميابي پلئه پئي، جنهن ٻُهه جي وٽي مان ڏاند گاڏيءَ هيٺان ملازم کي ويٺل ڏٺو. گهلي ڪري ٻاهر ڪڍيائينس ۽ منهنجو راڙو لڳو پيو هو. ان وقت معصوم ٻار جو روئڻ نه بلڪه ڪڙا رنياڻ نڪري رهيا هئا. ملازم جي بابي خوب مرمت ۽ موچڙي موچٽائي ڪئي ۽ ڏاڏي سائينءَ جي گارين جو ڦهڪو لڳو پيو هو. مٿان ڳوٺ وارن جي ٺڦاٺوڦي ۽ ٿُڪ لعنت ، ڪُٽيندا ڪُٽيندا، ٽيشن تان گهليندا ڪيس سڌو اوطاق تي وٺي آيا. امڙ به غير مردن ۽ اڻ چاتل هندو مومن جو خيال ڪرڻ بنا پڙدي ۽ حجاب کي تلانجلي ڏيئي، پيهه ۽ گوڙ ۾ مينهن واچوڙي وانگر ڌوڪيندي اچي ملازم چوري کي چنبڙ کان وتو. اُن وقت عورت جو ديوي ۽ گونگيءَ گانءِ وارو روپ نه بلڪه ٿوناري گانءِ وارو سروپ هو. اُن سروپ گهڻي دير جٽاءُ نه ڪيو، چو جو رت ولوڙو ڏنو ۽ ٽچ جي چِڪ، ممتا جي ان حملي ڪرڻ واري هٺ کي ڪمزور بڻائي ڇڏيو. ملازم هٿ ٻڌي معافي طلب ڪرڻ لڳو ۽ روئي چوڻ لڳو: ”ايمان سان مون کي ٻارڙي اغوا ڪرڻ جو ڪو ارادو نه هو، خدا گواهه آهي مان پنهنجي ڳوٺ وڃڻ پئي چاهيو“.
ملازم جي آزين نيزارين ۽ پيرن تي ڪري ليلائڻ تي امڙ ۽ ابي کي رحم اچي ويو ۽ ڪيس اکين اڳيان ٽري وڃڻ جي هدايت ڪيائون. امڙ به ميڻ وانگر پگهرجي وئي. رحم کائي گناه بخشي ڇڏيائينس پر ڏاڏي سائينءَ جي گارين جو ڦهڪو پئي پيو. ڏمرجي چيائون، ”ڪوڙو ڪرم – ساک اٿو. بلڪل نه ڇڏيوس.“ اچي لڪڻ جو وسڪارو ڪيائينس. ابي ۽ امڙ ڏاڏي سائينءَ کي معاف ڪرڻ جو عرض ڪيو ٻڍيون عورتون پٽ پاراتن سان گڏ چوري کي پوندا ڏيئي رهيون هيون. ننڍيون نيٽيون وائل جي پوتي مان اڌ منهن اگهاڙو ڪري ڪاوڙ ۾ نڪ چپ موڙي رهيون هيون. نيٺ ملازم کي چئن چڳن ڦٽ لعنت ڪري تڙي ڪڍيو.
اهو حادثو امڙ ڪيترا ڀيرا بيان ڪيو آهي. ذهن ۾ ان واقعي متعلق الڳ الڳ ويچار اُڀرندا آهن ۽ اکين آڏو مختلف منظرن ڪڏهن سوچيندي آهيان ته ڪٿي فقيرن جي ٽوليءَ ۾ پنڻ لاءِ يا اوڏن جي ڪٽنب ۾ .جو سلسلو جاري ٿي ويندو آهي اوڏڪيون پٽيون ڪٽڻ لاءِ تغاري ڍوئڻ نصيب ٿئي ها. ڪڏهن ڪڏهن اهو سوچيندي آهيان ته بروهين کي وڪٽڻ تي خانه بدوش ٿي، اُنهن سان الڳ الڳ ڳوٺن ۾ لاڏن جهڙي زندگي بسر ڪريان ها. ڪڏهن ڪڏهن اهو تصور به ڪندي آهيان ته ڪنهن بي اولاد مالدار جي گهر جي سڪيلڏي گود ورتل نياڻي ٿي وڏان ويجهان ها، يا اهو به ٿي سگهي پيو ته غريب گهر ۾ رڌ پچاءَ ڪرڻ ۽ باسڻ برتڻ صاف ڪرڻ نصيب ٿئي ها. اهي سڀ تصور ايترو ذهن تي اثر ڪندڙ ۽ ڏک رسائيندڙ نه لڳندا آهن، جڏهن من ۾ اهو ويچار ايندو آهي ته ڪنهن رقص گاهه جي رونق به بڻجي سگهان ها ته پاڻ کي خوبصورت لباس ۽ زيورن سان جڙيل جسم جو تصور ڪري ڏڪي اٿندي آهيان. دل جي ڌڙڪن وڌي ويندي آهي. اکيون خوفزده ٿي ويندي آهن، سچي بدن ۾ سيئاندو پئجي ويندو آهي، نرڙ تي پگهر جون بوندون موتين جيان چمڪي اٿنديون آهن، ۽ تڏو ساهه کڻي مالڪ جا شڪرانا مڃيندي آهيان ته اڄ جتي آهيان، جنهن حال ۾ آهيان، خوش آهيان ۽ خوش نصيب آهيان. امڙ کلي چوندي

.آهي ته ايڪيهين ڏينهن جي هلي وڃين ها، ايڏو موهه به نه پوي ها ۽ خبر نه آهي ڪٿي هجين ها

شايد ماءُ پيءُ روئي ڌوئي وقت جي اُن گهاءَ کي برداشت ڪري ۽ نصيب جو پاٽو سمجهي روزمره جي ڪمن ۾ مصروف ٿي وڃن ها، پر مان ڪٿي هجان ها ۽ ڪهڙي حال ۾ هجان ها، اهو تصور ڪري خوفزده ٿي ويندي آهيان، ان سان گڏوگڏ پاڻ کي خوشنصيب پائيندي آهيان. ڌڻيءَ جا لک لک شڪرانا مڃي عقيدي سان من ئي من ۾ سر جهڪائيندي آهيان. قسمت تي ناز ۽ فخر ڪري، مالڪ جي احسانن کي مڃي، عقيدي جو جذبو سرشار ٿي ويندو آهي. نوڙت ۽ نياز سان دل بار بار سلام ڪندي آهي، شايد نَنڍپڻ جي اُن حادثي، ذهني سوچ ۽ دل جي اُنهن جذباتن جو اثر ئي آهي، جو عورت جي حفاظت ۽ عزت جو فڪر، دل ۽ دماغ تي ڇانيل آهي، انهي ڪري عورت خلاف گٿن لفظن ٻڌڻ تي نفرت اٿم. پاڪ دامني تي فخر ۽ ناز، اُنهن جي حفاظت ۽ عزت جو فڪر ستائيندو رهندو اٿم. انهن ويچارن ايتري ته دل تي ڇاپ ڇڏي آهي ، جو انهن کي ڪو مٿائڻ جي ڪنهن به طريقي سان ڪوشش ڪندو ته به ڪاميابي پلئه نه پوندس ۽ نااميديءَ جو منهن ڏسڻو پوندس. اُن کي سڪندر اعظم وانگر وقت ۽ مقدر اڳيان زبردست شڪست جو مقابلو ڪرڻو پوندو. سمنڊ جي طوفاني ڇولين جون ڦٽڙون کائي بيهوشي جي عالم ۾ ڪناري تي موٽڻو پوندو يا واچوڙي جي زد ۾ آيل هڪ ڪمزور پن وانگر اُتر کان ڏکڻ ۽ .اولهه کان اوڀر ڌڪا کائڻا پوندا

لڪل جذبا، همت، خوداعتمادي، پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ جي .ائين چونديس ته مون اُن حادثي کان پوءِ نئون جنم ورتو آهي خود .قوت ۽ جرئت واري شخصيت اڀارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. شايد انهي ڪري ئي ڊپ بنهه نه جي برابر ٿيندو اٿم اعتمادي ۽ جرئت گهبرائڻ تي اڻ ڇاٽائيءَ ۾ حاوي پئجي رهيا آهن. ڪوشش ڪري ڪڍهن پاڻ کي ڊپ ۽ گهبراهٽ واري صورتحال ۾ تصور ڪندي آهيان. ناٽڪ رچي ڪنهن ڪردار کي سمائڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان. پر اهو ڊپ وارو ڪردار پنهنجي ناٽڪ جي ڪلائيميڪس تي پهچڻ کان ٿُٽي پوندو آهي ۽ مردن جيان مقابلو ڪرڻ جو سوچڻ لڳندي آهيان. پاڻ کي ڪمزور نينگر نه سمجهي، بردبار شخصيتن وانگر مخالف جنس کي للڪاريندي آهيان. اها شخصيت، اهو ڪردار مون تي حاوي پوڻ لڳو آهي. ان بهادريءَ جي ساک ڪڍهن ابو ۽ امڙ به پريندا آهن ۽ ڪلي چوندا آهن : “توکي ڌيءَ نه .بلڪه پُٽ هئڻ کپي ها.” بس ابي امڙ جا اهي لفظ تهائين اُن شخصيت کي مضبوط ڪن ٿا

ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنهن ڪم سانگي سانجهيءَ ڌاري ڪٿي وڃڻو پئجي ويو. شام جا ساڍا ست وڄي رهيا هئا. سج لهي چڪو هو پکي پنهنجن آکيرن ڏي ولر ڪري وڃڻ لڳا هئا. ڪم ڪار ڪندڙ مرد ۽ عورتون گهر موٽي ٿانيڪا ٿي رهيا ايڪڙ ٻيڪڙ مجبوريءَ ڪري ڪم ڪار تان جلدي جند ڇڏائڻ جا سانباها ڪري رهيا هئا. مون کي اهڙي رستي تان .هئا لنگهڻو هو، جتي ايتري وسئن ڪانه هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ جهوپڙيون هيون. روشنيءَ جو به خاص بندوبست ڪونه هو. مان پنهنجي ڌُن ۾ مگن مڪني هاٿيءَ وانگر ڪنڌ لوڏيندي پئي ويس. پنهنجي چال ڍال کان بي خبر، نازڪ ناز نخري واري نينگر وانگر نه، بلڪه بي پرواهه بي ڊپي داداگير ڇوڪريءَ وانگر. اوچتو منهنجي اُن چال ڍال ۽ موج مستي ۾ رخنو پيو. لاپرواهي ۽ بي خبريءَ وارو عالم ٽٽي پيو. اوچتو منهنجي نگاهه هڪ نينگر تي پيئي، جيڪا مون کان ڪجهه فاصلي تي وڃي رهي هئي. اوچتو ان نينگريءَ جي چال ۾ بي اعتمادي ۽ لرزش نظر آئي، يڪدم اکين ان جو ڪارڻ تلاش ڪرڻ چاهيو. اکين جي ان تلاش کي عقل ساٿ ڏنو ۽ سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته ان لرزندڙ ۽ بي اعتماديءَ واري چال جو ڪهڙو راز آهي. پاڪ دامن ۽ پاڪيزگيءَ تي ناپاڪ ۽ بدڪار نگاهه جو حملو ئي بدڪار، عصمت فروش، پاڪ دامن کي هوس جي وار سان چاڪ ڪرڻ ۽ پاڪيزگي تي بدنما داغ جي ڇاپ ڇڏڻ جو پهه پچائي چڪا هئا. ڪيس پنهنجي هوس جو شڪار بنائڻ لاءِ پنهنجن قدمن کي طوفاني رفتار سان اڳتي وڌائڻ لڳا. مان به انهن جي پٺيان پٺيان وڃي رهي هئس، اُن نوجوان نينگر جي حالت ڪاسائيءَ اڳيان بي زبان ٻڪريءَ وانگر هئي. جيتوڻيڪ اُن ڇوڪريءَ جو چهرو مان مڪمل ڏسي نه پئي سگهيس، پر سندس احساسن ۽ جذبن کان مڪمل واقف هيس. اُن عالم ۾ منهنجي من ۾ غصي جو طوفان مچي اٿيو. غصي شايد اهو احساس عورت کي عورت سان همدردي ۽ اخلاق جي اثر .وڃان جسم تپڻ لڳو. مٿن حملي ڪرڻ لاءِ دل آماده ٿي هيٺ هو، آبروءَ جي حفاظت ۽ خاندانيءَ بهادري ۽ جرئت وارا منظر اکين اڳيان تري آيا. انهن جذبن جي پٺڀرائيءَ للڪار جو روپ اختيار ڪيو. عصمت ۽ آبرو لُٽڻ جي خواهشمندن ۽ پاڪ دامنيءَ کي داغدار ڪندڙ لٽيرن کي للڪاريم. ٽي هٽا .ڪٽا شخص هئا. منهنجي للڪار تي ٽنهي مڙي ڏٺو. مٿن شينهڻ وانگر وار ڪرڻ لاءِ قدم تيز ڪيم. فاصلو تمام گهٽو هو سپ کان اڳ اُها گهبرايل ڇوڪري، اُن پٺيان اُهي ٽي بداخلاق ۽ هوس جا بکيا گدڙ ۽ سندن پويان مان هيس. منهنجي للڪار سندن رفتار ۽ ارادن ۾ ڪجهه خلل وڌو، ان ناقابل برداشت حرڪت تي غصو کائي، اُنهن ٽنهي بدڪارن پٺتي مڙي ڏٺو ۽

منهنجي للڪار ۽ آواز سندن ارادن ۾ رخنو پيو ۽ سندن قدمن ۾ ڪنبو ڇُپايو. مان به پنهنجي هم ذات تي حملو ڏسندي پاڻ کي روڪي نه سگهيس ۽ منهنجا قدم تيز رفتار سان اڳتي وڌڻ لڳا. اُن وقت هڪ ازغيبي جهٽڪو لڳو. ٿنهي مردن جي قد بت، وزن، طاقت ۽ قوت جو احساس ٿيو، عقل، حماقت جي پڙدي کي فاش ڪري سوچ کان ڪم وٺڻ لاءِ مجبور ڪيو. پنهنجي پنهنجي همت ۽ قوت جي تور جڏهن تارازيءَ ۾ ڪيم ته عورت جي وزن جو پلڙو .عورت هئڻ جو احساس شدت سان ٿيو جهٽڪي سان ڪچي ويو ۽ مرد جي پيٽ ۾ ڪک برابر لڳم. توازن جو احساس ڪري گهبرائجي ويس. انهن ٽنهي لُٽيرن اُن چوڪري کي ڇڏي مون طرف پلٽو کاڌو. قسمت ۽ عقل ساٿ ڏنو. مان پويان پير ڪري پڳيس ۽ مون سان گڏ اها چوڪري به مونکي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪيئن مقابلو ڪريان. مون هرڻي واري رفتار سان ڊڪڻ شروع ڪيو. ان پڇڻ واري عالم ۾ اوچتو سمڪ آئي، عقل جي زوردار چماٽ لڳي. يڪدم واتان آواز نڪتو، ”چور چور، چور چور“ مون سان گڏ ان چوڪريءَ به پرپور آواز ۽ وڏي واڪي سان “چور چور” جو آواز ڪيو. ٻنهي جا آواز ملي ڪري وڏي واڪي سان ڪرڻ لڳا ”“چور چور.

چور چور جي آواز تي اوڙي پاڙي جي جهوپڙين مان ٻار، ٻڍا نوجوان نڪري آيا ۽ سڀني هڪ ئي آواز ڪڍيو ”چور چور !، چور وارو ڪريو پڪڙيو اڙي پڪڙيو“ وٺ سٽ ٿي وئي

عصمت جي لٽيرن، عورتن جي پاڪ دامن کي داغدار ڪرڻ وارن سماج جي بدڪار انسانن کي ماڻهن گهيري ورتو. سندن چئني طرف ماڻهن جي پيهه لڳي وئي. ماڻهن جا هشام گڏ ٿي ويا. اُنهن ٽنهي کي ٻڪ ڪٽي وڌائون، اها چوڪري ماڻهن جي گوڙ کان ڪنارو ڪري پنهنجي گهر طرف رواني ٿي وئي. مان چند گهڙين لاءِ سوچ ۾ پئجي ويس نه گهبراهٽ هئي، نه ڊپ، نه غصو هو، نه ڪاميابي جي خوشي. بلڪه سَپ سِنگهڻ واري خاموشي طاري هئي. ان خاموشي کي ”سماج“ لفظ ٽوڙيو. ها سماج جي تعاون کان سواءِ انسان ڪجهه به نٿو ڪري سگهي. اڪيلو انسان، ڪمزرو، هيڻو ۽ بيوس آهي. ”ٻه ته ٻارهن“ سماج جي ساٿ سان سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهجي ٿو. چئني طرف ”چور چور، وارو ڪريو، وارو ڪريو“ جا آواز اچي رهيا هئا. مان ان گوڙ گنبوڙ ۽ پيهه کان پري يڪمشتي ۽ سماجي ۾ ٻڌيءَ ۾ ڪوٺ جو سوچي پنهنجي واٽ وٺي هلڻ لڳيس. ڪنهن کي خبر ڪانه هئي ته اهي چور ڪنهن جي چوري ڪري رهيا هئا. ها چورن کي چوري ڪرڻ کان اڳ ئي پڪڙيو ويو هو.

### عاشورا

اسان جي گهر جي پٺيان واڙو آهي. ان واڙي جي سامهون مڪان آهي. هر سال محرم دوران اُن رستي تي پيڙ پاڙ وڏي ويندي هئي. جيئن جيئن ماتم جو ڏينهن قريب ايندو هو، تيئن تيئن پِٽڪو رفتار پڪڙيندو ويندو هو. ان سان گڏ اسان ۾ به بيچيني وڌندي ويندي هئي. ”علي مولی يا حسين!“ جا نعرا زور زور سان ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. دل چاهيندي هئي ته اسين به وڃي جڏهن عاشوري دوران گهر پرسان واري مڪان ۾ پڙ لهڻ شروع ڪندا هئا. .پٽڪي ۾ شريڪ ٿيون، پر اهو ناممڪن هو ته اسين جلدي جلدي پڄندا وڃي شوالي جي در مان ڏسندا هئاسين. شهدادڪوٽ ۾ اسان جو پنهنجو مندر آهي ۽ ان مندر جي پٺ ۽ مڪان جي پٺ لڳو لڳ آهي. اسان جو ڏاڏو سائين ۽ ان مڪان وارا هڪ ٻئي کي چڱي طرح سڃاڻندا هئا ۽ هڪٻئي سان دعا سلام به هُئن. ان ڪري مندر ۽ مڪان جي گڏ هئڻ يا مذهبي فرقيوار فسادن يا نفرت وارن جذبن جو ته سوال ئي نه هو، نه صرف اسين، پر پيون به ڪيتريون واڻياڻيون ۽ سندن ننڍيون نيٽيون نهرون ۽ ڏيئرون اتان اچي عاشورا ڏسنديون هيون.

اسين ڦوند ۾ پرجي ويندون هُيوسين، چو ته شوالو اسان جي شخصي ملڪيت هو. هونئن ته خدا جو گهر ڪنهن جي شخصي ملڪيت ٿي نٿو سگهي، پر سرڪاري ڪاتن ۾ ڏيڪارڻ لاءِ يا ٻئي ڪنهن جي قبضي جي خيال کان اُن تي شخصي ۽ ڏرمائو نالو پئجي وڃي ٿو. اسين اُن ڏهاڙي پنهنجي شخصي ملڪيت تي وڏيڪ فخر ڪندا هئاسين، چو جو، جنهن کي مرضي پوي ته شوالي جي دري مان عاشورا ڏسڻ ڏيون ۽ جنهن کي ناپسند ڪريون، تنهن تي قلم 144 لڳائي ڇڏيون.

جيڪي وڙهندا هئا، ان ڏهاڙي، انهن کان بدلو وٺڻ جو موقعو عطا ٿيندو هو ۽ ڪين کي پڙ ۽ عاشورن جي ماتم واري نظاري ڏسڻ کان محروم ڪندا هئاسين. پوءِ چاهي ان انتخاب ۾ پنهنجو اڌ وقت وڃائي وهندا هئاسين، چو جو هر گهڙي شوالي جو در بندا ڪندا ۽ کوليندا هئاسين ۽ اسان تي مالڪ هئڻ جو احساس حاوي پئجي ويندو هو.

هن جي عمر ڪافي وڏي هئي، ائين چئجي ته چاليهن .عاشورن جي مڪان مالڪ گلوءَ جو به ساڳيو اسان جهڙو حال هو

پنجيتاليهن جي وچ ۾ هو. سچو سال مڪان جو خيال نه ڪندو هو. پر محرم دوران هو به پنهنجي ابي ڏاڏي جي مڪان جي اچي سَڌُ سَماءُ لهندو هو. سچو ڏينهن سلفي ۽ چرس جا پيو سُوٽا هڻندو هو. اسان جي گهر جو لحاظ رکندو هو ۽ عزت به ڪندو هو. گهر طرف پاڻ ته ڪونه نهاريندو هو، پين ڪي به اک کڻي نهارڻ جي جرئت نه ٿيندي هئي. سندن ساڳيو ئي رويو مندر ڏانهن به هوندو هئو. اهو پٽڪو (ماتم) گهڻو وقت اڳ ۾ شروع ٿي ويندو هو، خاص ڪري ڪيترا ڏينهن اڳ، امام حسن ۽ حسين جا دک پريا ۽ دل ڏاريندڙ داستان ٻڌڻ لاءِ ايندڙن ۽ ماتم ۾ شريڪ ٿيندڙن جون اوچنگارون اسان جي واري تائين پهچنديون هيون، پندرنهن ويهه ڪٺولا پيا هوندا هئا ۽ اسين سڀ پائر پينر قطار ڪري سمهندا هئاسين. بابو سائين ڪاوڙجي چوندو هو: ”اڙي چريا ته ڪونه ٿيا آهيو اسپتالن وانگر ڪٺولن جي قطار لڳائي ڇڏي اٿو.“ وچ ۾ اسان ٽنهي پينرن جا ڪٺولا ۽ اوسي پاسي کان پائرن جا. بس سپيئي اُٺي کڙا ٿيندا هئاسين، رات جو پري کان ايندڙ پڙن جو انتظار ڪندا هئاسين. ڪڏهن واري واري در کان دڪون پائيندا هئاسين ته ڪڏهن آڳر واري در ڏانهن پڇندا هئاسين.

هڪ رات مهاجرن جو پڙ اچي رهيو هو. اسان سپني پائرن ۽ پينرن ان جو آواز ٻڌي ڪٺولن تان ٽپا ڏيڻ شروع ڪيا. هڪ ٻئي جي ڪٺولن تان ٽپا ڏيندا، پچڻ لڳاسين. آخر ۾ امڙ جي ڪڻ هئي، امڙ جي ننڊ حرام ڪرڻ جي پرواه ڪرڻ بغير اوطاق ڏانهن پڇڻ لڳاسين. ان ٽاڪوڙي تي امڙ چرڪ پري اُٺي ڪڙي ٿي. اسان جي پويان هوءَ به دڪڻ لڳي. اسين سمجهي وياسين ته امڙ کي غلط فهمي ٿي آهي. امڙ کي ڪري ٻڪ وڌوسين : ”آئي! پڙ اچي رهيو آهي پڙ، اهو ڏسڻ لاءِ ٿا وڃون.“ ان ڏس ۾ اسان جي هاڪ هئي ته .امڙ سمجهيو، شايد ڪٿي ڌاڙو لڳو آهي، يا ڪو چور ڪنهن گهر ۾ گهڙي پيو آهي ڪٿي به ڪنهن به هنڌ ڪو شاهينگ داخل ٿيو ناهي، ڪيس پڪڙي، ٺڪاٺوڪي ڪري، نوڙيءَ سان ٻڌي، سندس مُنهن ڪارو ڪري ، ٺاٺي ۾ ڏيندا هئاسين.

جڏهن امڙ کي حقيقت جي خبر پئي ته هوءَ خاموش ٿي ويئي، اسين سڀ ٻار مار جي ڊپ وچان، امڙ کي پاڪر پائي بيهي رهياسين، ”امڙ اسين پڙ ڏسڻ لاءِ پڳا هئاسين“ ننڊ مان چرڪ پري اٿڻ تي امڙ جي حالت جو اسانکي بخوبي احساس هو. ته ڪجهه ڪونه آهي، ڪجهه ڪونه ”متان چاٺوڙا پون، اِن ڪري سڀ ٻار، امڙ جي چوڌاري دائرو ٺاهي چوڻ لڳاسين، آهي.“ امڙ جي چهري تي ڪاوڙ، ننڊ مان چرڪ پري اٿڻ ۽ چور کي پڪڙڻ وارا گڏيل سڏيل تاثرات هئا. خبر نه آهي، ننڊ ڦٽائڻ واري گستاخي ڪيئن معاف ڪري ڇڏيائين.

ان وچ ۾ پڙ به اچي چڪو هو. جيئن ته عاشورن جو پٽڪو ڪافي ڏينهن اڳ شروع ٿيندو هو، ان ڪري اسين به ان جي تيارين ۾ ڪافي ڏينهن اڳ ۾ لڳي ويندا هئاسين. حويليءَ جا سڀ ٻار اچي اسان جي گهر ۾ گڏ ٿيندا هئا. چوڪرا گهٽا ۽ چوڪريون گهٽ هونديون هيون. ائين چئجي ته انهن جي قيادت جو شرف مون کي عطا ٿيندو هو، چو ته اسين گهرن ۾ عاشورن جو ماتم ڪندا هئاسين، جنهن کان امڙ ابو ڏاڍا بيخبر هوندا هئا. ڪوٺي تي ڪليل ڇت کان علاوه بنگلو هوندو هو. ٻارن جو سچو ٽولو ان بنگلي ۾ پهچي ويندو هو، ۽ چوطرف گول دائرو ٺاهي، اسين ”علي مولى يا حسين“ جو پٽڪو ڪندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن ته زنجيرن جي بدران نوڙيون کڻي ايندا هئاسين ۽ پوءِ هڪ ڪلهي تان ٻئي ڪلهي طرف گهمائي ”علي مولى يا حسين“ جا نعرا هڻندا هئاسين ۽ ان جي رفتار ايتري تيز ڪندا هئاسين، جيتري وڌ ۾ وڌ ڪري سگهجي، ڏاڏي ڪڏهن ڪڏهن ابي امڙ جي اڳيان ”علي مولى يا حسين“ جا .سائين کي شڪ پوندو هو ته اسين ڪجهه ڪري رهيا آهيون لفظ نڪرندا هئا ته ڪاوڙجي چوندا هئا : ”چريا ته نه ٿيا آهيو، ماليخوليا ته نه ٿي اٿو، پٽڪو چو ٿا ڪريو“ هڪدم وات کي ٻنجو اچي ويندو هو. هڪ ڏينهن ڏاڏو سائينءَ تاڙ ۾ رهيو، اسين جيئن بنگلي ۾ جيئن ئي گول پڙ ٺاهي، چئني طرف گهمي، پٽڪو ڪري رهيا هئاسين، ”يا حسين ياحسين“ ته ڏاڏو سائين اچي مٿان نڪتو. نه ڪيائين هم نه ڪيائين تم. لڪڻ جو وسڪارو شروع ڪري ڇڏيائين. ڏاڏي جا خار پاڙي وارن چورن ۽ چورين تي گهٽا رهيا. اسين ڏاڪڻ تان دڪون پائيندا پڳاسين ته مان امڙ سان ٽڪرائجي پيس. پوندو ڏئي چيائين، ”لک جي لعنت هجيئي، ڏيءَ ڏڻ ٿي، چورن سان گڏ پٽڪو ڪري رهي آهين، هنن جو ته خانو خراب ٿيو آهي تنهن سان گڏ تون به چٽي ٿي مُئي آهين.“ اُن وقت چَتا چڙيل هجن، پير اگهاڙا، مٿيءَ ۾ پريل ۽ بنگلي جي ڌڌڙ سان هٿ ۽ منهن پريل، ايتري قدر جو جيڪا بنگلي جي ڌڌڙ اڏامي هُئي، ان مٿيءَ جي رَوَ چپن ۽ ڏندن تي چڙهيل هئي. اسين امام حسن رضه ۽ امام حسين رضه جو ماتم ته ڪري رهيا هئاسين، پر اسان کي ڪير پاڻي پيئارڻ وارو خدا جو بندو ڪونه هو. ڏاڏي سائينءَ جي گارين جو ڦهڪو لڳو پيو هو. امڙ کي چيائين: ”چورن سان گڏ تنهنجي ڏيءُ جو به خانو خراب ٿي چڪو آهي. ڏنئه پٽڪو پئي ڪري!“ پائرن کي ته خوب ڪچيون گاريون مليون ۽ مون تي ڦٽ لعنت جو وسڪارو پيو. خوف وچان ڏڪڻ لڳيس ته ڏاڏا سائينءَ لڪڻ جو وسڪارو نه ڪري، پاڙي وارن

چورن ۽ چورين تي ته خوب لڪڻ جو وسڪارو ٿيو. پر خبر نه آهي، مون کان ڪيئن ڪؤ ڪائي ويا. تنهن وچ ۾ امڙ جي لعنت جو وسڪارو هو. گڏوگڏ باسڻ مَلڻ ۽ ماني رڌڻ وارن ماين به ملامت وِڌي : ”امڙ قهر آهي چا آهي؟ مهراج جي ڏِيءُ ٿي پِٽڪو پئي ڪري، سري رام سري، گرو بابا ديا ڪر، برهمڻ جا ٻار ٿي يا حسين يا حسين پيا ڪن!“ مٿان وري اسان جي جهوني ملازم جلال خان جون لعنتون مطلب ته هر ڪنهن پنهنجو پنهنجو سُر آلاپيو. جنهن ڪان جيترو وس پڳو، اوتري لعنت ملامت ڪيائون، ڪنهن معاف نه ڪيو. دل ۾ ڏاڍا جڪ لڳي رهيا هئا. ماءُ پيءُ ۽ ڏاڏي ڪي ته معاف ڪري ڇڏيم. جلال خان تي ٿورا جڪ ڪاڻم. ڇو ته جلال خان جي امڙ ۽ ابو عزت ڪندا هئا ۽ خود جلال خان به اسان کي پيار ڪندو هو، ان ڪري ان کي به بخشي ڇڏيم. باقي ٻن ڪم ڪندڙ ماين تي اهڙا خار لڳي رهيا هئا، جو دل چيو پوتي لاهي، چنبن .کان وٺي گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيان

دل ئي دل ۾ گاريون ڏئي رهي هيم ته اڄ انهن چغلخورن جو به مڪو متو آهي. ايتري ناٽڪ جي باوجود ٻاهر مڪان مان پِٽڪي جي دهل سان گڏ دل ئي دل ۾ آواز اُٿي رهيو هو: ”علي مؤلى يا حسين ياحسين !“ بس اُن ڏينهن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪندا هئاسين. جڏهن پڙ نڪرندا هئا ته نه صرف اسين، پر اوڙي پاڙي واريون واٽياٽيون ۽ واٽيا به انتظار ڪندا هئا. اسان جي امڙ به اُن ڏينهن جو انتظار ڪندي هئي ته پڙ لنگهن ته ڏسون. مڪان جي ٻاهران دُڪان کلي ويندا هئا. گهُورڙيا خومچن تي مٺايون ڪٽي وڪڻندا هئا. ان سان گڏ پاڻي ۾ رنگ وجهي الڳ الڳ بالٽيون ٺاهيندا هئا ۽ شربت جا گلاس وڪڻندا هئا. اسين گهر مان پئسا وٺي شربت ۽ مٺايون کائيندا هئاسين، جيڪي گهر ۾ ٺهيل مٺاين جي اڳيان رتيءَ جيتري !سواد جيتريون به نه هونديون هيون ۽ شربت به سئڪرين جو هوندو هو، پر ٻاراڻا شوق

انهيءَ ڏهاڙي ڏاند گاڏين جي پيهه لڳل هوندي هئي، گاڏير به لهي شربت پيئندا هئا. گهر جي صاف سٿرن گلاسن کي ڇڏي، اُنهن جي جوٺن جستي ٺوٺين گلاسن ۾ شربت پيئڻ ۾ نه بچان ايندي هئي ۽ نه اهو احساس ٿيندو هو ته برهمڻ جو اولاد ٿي ڪري چٽن جي جوٺن گلاسن ۾ شربت پي رهيا آهيون. خبر نه آهي اهو ڪهڙو جذبو هو. بس جيئن ئي پڙ نڪرندا هئا ته گهر جي اوطاق جي ڪاٺ جي دروازي جي ڳلڪڙين مان اکيون ڪڍي ڏسندا هئاسون ته زالون ڌڪا ڏينديون هيون ته توهين وڃي ٻاهر ڏسو. هڪ ٻئي پٺيان تابوت اچڻ شروع ٿيندا هئا. سيني کي هڪ ئي پڙ جو انتظار هوندو هو. ڪيتريون زالون لوڻ جا ٻڪ ڏينديون هيون ته ڪيتريون ڪوهر ۽ شربت ڏينديون هيون. ماتم ڪرڻ تي ڇاتيءَ ۽ مٿي مان خون جون ڌارون نڪرنديون هيون. ڪي ته زنجيرن سان چمڙي چلي ڇڏينديون هيون. ٻيا مٿان رک ۽ پاڻي وجهندا هئا. هڪ ٻئي پٺيان تابوتن جو جلوس جاري رهندو هو. سيني کي هڪ ئي پڙ جو بيچيني سان انتظار هوندو هو. اهو پڙ هو رنن جو، اُن سان گڏ پوليس جو خاص بندوبست هوندو هو. نه صرف مردن کي پر زالن کي به ان جو انتظار هوندو هو. اهي عورتون ڏسڻ ۾ ڪو ٺاهوڪيون نه هونديون هيون، تنهن هوندي به سندن پِڙ پٺيان پيهه لڳل هوندي هئي. مسلمانن سان گڏ شيخڪا چوڪرا پٺيان پٺيان هلندا هئا. انهن جي ماتم جو ڏينهن نه، بلڪه پاڻ کي ڏيکارڻ جو ڏينهن هوندو هو. هر ڪنهن کي ڪنهن چڪني جا ڪُرتا، سٿيون گوڏيون، ڪن کي اڇا سلوار ڪرتا، ڳچي ۾ سوني چين ۽ هٿ ۾ بوچي، سٺن ڪاون سان پريل ٽوپيون، ته ڪن ڪن کي وري ڳچيءَ ۾ ريشمي رومال هوندا هئا. اُهي پڙ سان گڏ گڏ هلندا هئا. پوليس وارن جو ان پڙ سان وڏيڪ اهي زالون ڪارا ڪپڙا پائي، وار کولي، ڏورن تي ڏڪ هڻي، پِٽڪو ڪنديون هيون. اسان جي گهر اندر .تعداد هوندو هو جيڪي زالون هونديون هيون، سي اوطاق جي ڪاٺ جي در جي ڪلڳڙين مان جهاتيون پائي ڏسنديون هيون. اُنهن بازارو عورتن کي ڏسڻ کان علاوه جيڪي ننڍا چوڪرا هوندا هئا، سي اوطاق اندر بيٺل زالن کي ٻڌائيندا هئا ته ”هي ڦلاڻي زميندار جو پٽ آهي، هي شيخڪو چوڪرو آهي، هي ٻروچ آهي، هي فلاڻي چانڊئي، کوکر يا بروهيءَ جو پٽ يا ڀاءَ آهي“ انهن عورتن سان گڏ اُن ڏهاڙي غير مردن کي ڏسڻ جو به موقعو ملندو هئن، جن جا قصا پنهنجي گهر ۾ مردن کان ٻڌنديون هيون .ته فلاڻو شوقين آهي يا فلاڻيءَ سان رستو اٽس يا انهن عورتن وٽ ويندو آهي

هڪ پيري اوچتو اسان جو ڏاڏو سائين اچي نڪتو. زالن کي هڪل ڏنائين؛ ”پڙ هليا ويا آهن اڃا ڇو بيٺيون آهيو؟“ ان جو مقصد مٿي بيان ڪيل مراد وٺان هو. بابا سائين جيڪي پردي جا سخت پابند آهن، عورتن کي گهر جي چار ديواري اندر رهڻ ۽ عورتون گهر جي عزت آهن، ننڍين نيٽين کي ٻين ماڻهن اڳيان اچڻ نه گهرجي ، انهن ڳالهين ۾ يقين رکندا هئا. تن کي اهو ٻڌي زالون شڪي ”کل اچي وئي. کلي ڏاڏي سائينءَ کي چيائون ، ”پڙ ته هليا ويا آهن، پر ٺوٺ چورا ته اڃا وڃن پيا نه .ٿيون، ۽ ٻچ پائي اٿي پڳيون. بابو سائين، امڙ ۽ گهر ۾ آيل هندو ۽ مسلمان چوڪرا ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا

**حڪمت**

ڏاڏي سائينءَ کي حڪمت ۾ مهارت حاصل هئي. اوري پري جي ڳوٺن مان مريض دوا درمل لاءِ ايندا هئا. هٿ ۾ وڏي شفا هُين، هندو ته کيس برهمڻ ڪري مڃيندا ئي هئا، پر وڏي ڳالهه ته پوري تر جا مومن اسان جي گهر کي مرشد جو گهر مڃيندا هئا چوندا هئا ته مرشد جي گهر مان رک چپٽي به ملي وڃي ته به شفا ڪندي، اسر ويلي کان وٺي ڏاند گاڏين جي قطار لڳي ويندي هئي. ڏاڏو سائين امڙ کان مدد وٺندو هو. 70 سالن کان مٿي عمر هئڻ ڪري پوين ڏينهن ۾ نظر گهٽ پوندي هُين، پر صحت سٺي، رنگ گلابي، اکيون نيريون ۽ قد ڇهه فوٽ هوندو هُئن. مٿان وري بوسڪي جو پٽڪو ٻڌندا هئا ته تهائين شخصيت ۾ نکار اچي ويندو هو. ڪپڙي لٽي جا شوقين هئا، ٿُنهرن جي پڙهيل هئڻ جي ڪري انگريزيءَ ۾ پنهنجو پاڻ به پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا هئا. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن جي دوران ڪراچي مان نڪرندڙ انگريزي اخبار ڊان جيڪا گهر ايندي هئي، اُن جو سرخيون چڱي طرح پڙهي ملڪ جو واءُ سواءُ رکندا هئا. ان سان گڏ چرچو پوگ ۽ موقعي سان ٺهڪندڙ جملو ۽ حاضر جوابي جي به وڏي خوبي هُين. چرچو ڪندا هئا ته پاڻ نه کلندا هئا، پر محفل ۾ ويٺل دل کولي ٽهڪ ڏيندا هئا، چو جو اهو چرچو، اهو جملو، عقل ۽ طنز سان پريل هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن آئون چرچو ٻڌائيندي آهيان ته امڙ کلي چوندي آهي : ”هن پنهنجي ڏاڏي جي اِڌ چڪي آهي.“ خاص ڪري جڏهن کان وٺي آل انڊيا ريڊيو ايڪسٽرنل سروس ڊويزن تان مزاح ۽ موسيقيءَ جو پروگرام “ڳالهه مان ڳالهه” شروع ڪيم ته امڙ کي ڏاڏي سائينءَ جون ڳالهيون ياد ايندي‌ون آهن. ڪڏهن ته چوندي آهي ته ”چرچو ٻڌائي کلين چو ٿي؟ چرچي جو سڄو مزو ئي هليو وڃي.“ ۽ منهنجي اها ڪمزوري آهي، جو ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيان ته بند ئي نه ٿين ۽ اڪثر کلي کيڪارڻ جي عادت پئجي وئي آهي. ان تي ڪڏهن ڪڏهن امڙ چوندي آهي ته ”اها عادت بدل، ڌيءُ ڌڻ ٿي ائين اٽڃاڻ ماڻهن جي اڳيان دل کولي ٽهڪ ڏيڻ سان ڪو ”.غلط فهمي جو شڪار بڻجي سگهي ٿو

ريڊيو ۾ فنڪاره جي حيثيت ۾ شايد هي فن مون تي حاوي پئجي ويو آهي. ڪنهن سان به ڳالهائڻ ۾ نه ڊپ ٿئي ٿو، نه ئي جهجهڪ ۽ نه ئي ناز نخرن واريون ادائون، نه وري فضول حجاب، جيڪي من ۾ اچي چئي ڏيان. اها عادت ننڍپڻ کان ئي هئي، جنهن تي اڪثر ڏاڏو سائين ڪاوڙجي ويندو هو ۽ منهنجي امڙ پنهنجي ٿُنهن کي چوندو هو: ”مائي! تنهنجي ڌيءُ اوڙي پاڙي جي ڇوڪرن سان به پئي کلي ڳالهائي، ڌيءَ ڌڻ آهي.“ ان تي امڙ چوندي هئي: ”توهان جي به ته پوٽي آهي، توهين ڇو نٿا چئوس؟“ ڪڏهن ڪڏهن ٺاهوڪي دٻ ڪيندا هئا، پر پيار به گهڻو ڪندا هئا. دلي خواهش هين ته ڊاڪٽرياڻي بڻجان. ابي ۽ ڏاڏي سائين کي فن، سنگيت ۽ رقص کان سخت نفرت هئي. ڪوبه نچندو هو ته چوندا هئا ته ”ڪيدو مشانگ آهين ڇا؟“ (مسخرن وانگر ٺينگ ٺپا پيو ڏين!)

پاڙي ۾ هڪ واڻياڻيءَ جي ڌيءَ هئي. رنگ روپ جو نالو نشان ڪونه پر قدم قدم تي ادائون ۽ ناز نخرا. غصي ۾ اچي ڏاڏو سائينءَ چوندو هو: ”واڻڪو وياءُ جيئن وڏي ٿيئن ڪڙي.“ اهڙين عورتن ۽ ڇوڪرين کي گهر ۾ بيهندي نه سهندا هئا. ڏاڏي سائين وٽ وسو ٺيڻائي اچي ويهندو هو ، جيڪو بابي ۽ ڏاڏي سائين کي زور وغيره به اچي ڏيندو هو ۽ اسان کي قصا ٻڌائيندو هو ته ”مم گوڏا ڇٽي ويندي آهي، ۽ پوءِ ماڻهو هلي نه سگهندا آهن. يا بلا جي ڦوڪ هٽڻ سان اکيون انڌيون ٿي ويندي‌ون آهن.“ ڪڏهن وسو ٺيڻائيءَ تي ڏاڏا ڪاوڙجي ويندو هو ۽ سرائڪي ۾ چوندو هو ته ”بس وسو هان تي هان، نا تي نا ڪرندا هئه“ ڦونا ڳاءِ ڦونا ورءُ، بس جي ڦوني کي چئو ته ڳاءَ ته ڳائيندو، جي چئو ته روءُ ته روئندو. اسين به ڏاڏي سائين جون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌندا هئاسين. اُن کان وڌيڪ انتظار هوندو هو ته ڪانئس ڏوڪڙ ڇڏائي کيسو گرم ڪريون، .هر روز ڪلفيءَ وارو ايندو هو. شام جو ڪلفي سيڻي جي ڪري

دوائن ڏيارڻ ۾ همراهي ڪندا هئاسون. ابرڪ جو ڪڪ گرميءَ لاءِ فولاد طاقت لاءِ خميرو گائو زبان دل جي طاقت لاءِ، سِپَ يا گرمي لاءِ اِنج پاڙ جو شربت، ڪنور ڪاني پيٽ جي تڪليف لاءِ ، ننڍيون هويڙيون وڏيون هويڙيون وغيره وغيره. انهن دوائن ۽ سُتين جو ڪهڙين بيمارين لاءِ استعمال ڪيو وڃي، اسان کي ڪافي ڄاڻ پئجي ويئي هئي. امڙ ڏاڏي سائين جي ڪافي مدد ڪندي هئي. ابرڪ جو ڪڪ ٺاهڻ تي سيئي لڳي ويندا هئاسين. روهيءَ ۾ پيهه پيهان لڳي پئي هوندي هئي ۽ شنگرف سؤ لڏون ٺاهي، اُن جي وچ ۾ وجهي جالاري گيهه ۾ ترينڊا هئا ۽ اُن کان پوءِ الڳ رس سان روهيءَ ۾ پاٽي ڇانڊيا ٻروچ، مگسي، بروهي، جروار، گهلُو، لغاري، کهاوڙ وغيره ته پاڻ .ڪٺائيندا هئا. هر هڪ ذات جا مريض ايندا هئا سان گڏ جستي چونريءَ ۾ لسيءَ سان گڏ مکڻ ڪٽي ايندا هئا. ڍوڍي تي اهو مکڻ لڳائي کائڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. هڪ پيري

ﭘروچياٽي دوا لاءِ آئي، پورو ڪَنُ ڪچي سون جي ڪيوتين سان پريل هئس. ڏاڏي سائين نبض ڏسي دوا لاءِ شيشي گهري، ﭘروچياٽي دوا جي لاءِ شيشي ﭘاڻ سان گڏ آندي هئي. جيئن دوا وجهڻ لڳاسين ته اُن شيشي اندر وچون جي جوڙي ڪي ﭘچا ڏنا هئا سي دوا جي شيشيءَ ۾ پرنڌ سان ئي وچون جا ﭘچا ﭘڙڪو ڏئي شيشي کان ٻاهر نڪرڻ لڳا. بس چوطرف وچون ئي وچون ڦهلجي ويا. اسان جو رڙ جو واڪو لڳي ويو. ڏاڏي سائين جو ان عورت تي گارين جو ڦهڪو ۽ لعنت جو وسڪارو پئجي رهيو هو. سچي اوطاق ۾ ٺاڪوڙو پئجي ويو هو. ان وقت اهي لفظ ازخود زبان تي اچي ويا : ”ريل گاڏي ڪُو ڪُو ڏاڏي سائينءَ جي گارين جي .ڪندي ، ڇُو ڇُو ڪندي آئي، ﭘيڙيءَ ﭔڌي ﭘروچ کي رڻ ۾ رولي وئي “ ﭘر هتي معاملو اُلٽو هو ڦهڪي جي رفتار ڪافي وقت جاري رهي. ڏاڏي سائين جي اهڙين چڙﭘن جا اڪثر ڪيترائي مريض شڪار ﭔڻجندا هئا.
جنهن کي گرميءَ جي لهس هوندي هئي، جي اُن چيو ته ڪڪڙ کاڌو اٿم ته بس، اهو ڏاڏي سائين جي گارين کان بچي نه سگهندو هو ۽ جي ڪِري ﭘچن، سائين وڏو گوشت يا ننڍو گوشت فلاڻي فلاڻي بيماري سان بيمار کي کارايون؟ ته چوندا هئا ته ”ڪفن جو سامان اڳي ئي ٺاهي رکو.“ ان جي باوجود به مريضن جي پيهه لڳل هوندي هئي. چوندا هئا ته مهراج رامچندر جي هٿ ۾ شفا آهي. ڪيترا ماڻهو ته کانئس ائين ڊڄندا هئا ته جيئن باگڙيءَ اڳيان ڳوهه. وڏا وڏا ڌاڙيل، خوني، رهزن به اچي اوطاق جي سلام ڪندا هئا. شهر جا پهلوان به حاضري ﭘرڻ ايندا هئا. ملهه ڏسڻ جا ڏاڍا شوقين هئا. ڏاڏي سائينءَ جي وفات تي ﭘري ﭘري جي ڳوٺن جا ماڻهو ۽ وڏيون وڏيون شخصيتون ”رضا الله“ جي ڪرڻ آيون. رضا الله دوران زر جا نذرانا پيش ڪيا ويا، جن کي وٺڻ کان انڪار ڪيو ويو. ﭘوري شهدادڪوٽ ۾ لڏن جا ﭘئڪٽ ورهايا ويا ۽ ديڳيون .چاڙهي ڪيترن ئي سَوَن گهرن ڏني ماني موڪلي وئي
ڏاڏي سائين جي وفات تي دوست دشمن رُنا ۽ افسوس ظاهر ڪيائون. ﭘاڪرن جا ڍير لڳي ويا. سندن وفات کان ﭘوءِ هڪ ڏينهن ڪنهن ڳوٺ مان ڏاند گاڏي تي هڪ مريض کي آندو ويو چيائون: ”مهراج رامچندر کي مريض ڏيکارڻو آهي.“ کين ﭔڌايو ويو ته : ”مهراج رامچندر گذاري ويو آهي.“ اهو ﭔڌي روئڻ لڳا چوڻ لڳا، ”انهن کي گهڻو سمجهايو ويو ته حڪمت جو ڪم رام چندر جي وفات کان ﭘوءِ بند ٿي ويو آهي. مريض جي حالت خراب آهي ته بهتر ٿيندو ته لاڙڪاڻي جي وڏي اسپتال ۾ ڪڻائي وڃو. مريض جا مائٽ آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳا، ”اسين مرشد جي چائنٽ ڇڏي نه ويندا سين بچائڻ، مارڻ ابو گهر ۾ ڪونه هو، امڙ نڪري آئي، سندس پيرن تي ڪري پيا. ”اسين ﭔئي ڪنهن جي در تي نه “.اوهان جي هٿ ۾ آهي ويندا سين.“ امڙ مُنجهي ﭘئي، ڏاڏي سائينءَ جي طب جو ڪتاب ﭘيل هو، اُهو ﭘڙهي، ڪجهه ڏاڏي سائينءَ جون دوائون ﭘيون هيون ۽ ڪجهه پساري کان گهرائي، ڏٽي جو نالو ۽ ﭘنهنجي سُهري جو نالو وٺي، دوا ڏنائون ۽ چيائون، ڳوٺ ڪڻائي وڃو. امڙ کي حيرانگي .ڪجهه ڏهاڙن کان ﭘوءِ اُهو مريض چاڪ چڱو ﭔلو ٿي، مُستي، مکڻ، ۽ ﭔيا ڪيترا تحفا کڻي حاضر ٿيو .لڳي وئي. ﭘوري تر ۾ امڙ جو ڳوٺاڻن ۾ نالو ٿي ويو. چيائون، مهراج جي ننهن قابل آهي، هٿ ۾ شفا اٿس
بس اُن کان ﭘوءِ ڪيترا مريض امڙ وٽ اچڻ لڳا، ﭘنين تي لاباري توڙي ﭔجن ﭘوکڻ دوران گرميءَ جي لهس جا ماريل ڪيترا مريض ٺيڪ ڪري ڇڏيائون. اُنهن ۾ ڪيترا چور چڪار، خوني ۽ ڌاڙيل به هوندا هئا. امڙ نبض ڏسندي يا اُنهن ﭔابي جي چوڻ تي امڙ اُنهن کي .اڳيان ويندي جهجهڪ ڪندي هئي ، ﭘر اُهي امڙ کي ڏيءَ ۽ ﭘيڻ امڙ وانگر ڏسندا هئا دوائون ڏيڻ شروع ڪيون، جيترو دوائن تي خرچ ايندو هو اوترو ئي وٺندي هئي. هڪ ﭘيري جمعي خان شيخ جو ﭘوٽو سخت بيمار ٿي ﭘيو، جمعو خان ﭘين شيخن جي ﭘيٽ ۾ مالدار ۽ ﭘنهنجي برادريءَ جو چڱو مڙس ۽ ﭔابي جو چوندﭔ ۾ مخالف ويچار رکندڙ هو. ﭘر دعا سلام جو رستو ضرور هو. اک جي ديد به هيس. جمعو خان ﭘڪو نمازي ۽ اسلامي اصولن جو ﭘابند هو. جڏهن ﭘوٽو بيمار ٿي ﭘيس ته گهر جا سڀ ﭘاتي ﭘريشان ٿي ويا. هر ڪو گهر جو ﭘاتي ﭘچ ﭔڪ ۾ هو. چوڪرو ﭘوين ﭘساهن تي هو. خيراتون، ﭘيرن فقيرن تي چادرون، ڊاڪٽرن حڪيمن جي لائين لڳائي ڇڏيائون، ﭘر رتيءَ ﭘر به فائدو نه ﭘيو ٿئي. امڙ ٽيڻو وغيره به ڏسندي هئي. ڪنهن چين! ”مهراج گوپي ڪرشن جي گهر واري کان تعويذ وٺو ته چڱو ﭘلو ٿي مان چا ٿي ڪري سگهان.“ چيائون ”ٽيڻي مان ڏسي “ويندو.“ روئنديون ﭘٽينديون شيخياڻيون گهر ۾ گهڙي آيون. امڙ چيو، ﭔڌاءِ“ گهڻو انڪار ڪرڻ جي باوجود آخر امڙ کي رحم اچي ويو. مجبور ٿي امڙ کانئن ﭘڇيو، ”هينئر اوهان چا ڪري رهيا آهيو.“ چيائون ته ڏس مليو آهي ته چيلا کهائي خيرات ڏيون. امڙ چيو يڪدم نياﭘو موڪليو ته ”چيلا نه کهو، چو جو منهنجي تعويذ سان گڏ اهاخيرات نه هلندي.“ هنن جو عقيدو به ﭔجهي ويو هو. يڪدم گهر نياﭘو موڪليائون ته چيلا کهائڻ بند ڪريو، کين ﭘاڻي ﭘڙهي، اُن سان گڏ شلوڪ لکي، تعويذ ٺاهي ڏنائون، گڏوگڏ دوائون ۽ دعائون به چالو رهيون. قادر جي قدرت، چوڪرو چڙهي ﭘيو. خبر نه آهي انهن ﭔي زبان چيلن جي ﭔچائڻ جو نتيجو هو يا ڏٽي طرفان چڱائي ٿيڻي هئي، جو

ان گهڙيءَ چوڪري تان موت ٽري ويو. بس اُن ڏهاڙي کان پوءِ مسلمان عورتن ۽ شيخياڻين جي گهر ۾ پيهه لڳل هوندي هئي، نه صبح، نه منجهند، نه رات ، نه ڏينهن، نه تتي، نه مينهن، نه ٿڌي، نه جُهڙ، مهلو ڪمهلو عورتن جا ٽولا ڪري گهر امڙ کي ڪاوڙ ۾ چوندا هئا، "ستي لاءِ مايون ائين آهن ڄڻ پوليس وارو .۾ اچڻ وارو سلسلو جاري رهيو. ابو بيزار ٿي ويو اچي ويو هيءَ ته وئل ٿيو" امڙ به حجاب ۽ شرم وچان ڪنڌ نه ڪڍائي سگهندي هئي. زالون پيون روئنڊا روئنديون هيون، ڪي مڙس جا ، ڪي سس جا، ڪي سهري جا، ڪن جا مرد ڏنڌي لاءِ مهورت ڪڍائڻ لاءِ زالن کي موڪليندا هئا. ڪن جا .چوڪرا عرب ملڪن ڏانهن پڇي ويندا هئا تن جي موٽڻ لاءِ ڦار وجهائينديون هيون

هڪ پيري شهدادڪوٽ جي ساڌٽي مائي لڇي بيمار ٿي پيئي، ڳوٺ جون زالون ڪافي عزت ڪنديون هئس ۽ ڪو مائي زالون 40لڇيءَ جي ڳالهه به ڪونه موٽائيندو هو. نيڪ عورت هئي. گهر ۾ گرنٿ رکيل هوندا هيس ۽ روز شام جو 30 ڪٿا ٻڌڻ وينديون هيون. جڏهن مائي لڇي بيمار ٿي پيئي ته امڙ وٽ پنهنجي سورداس چيلي، مائي گيانيءَ ۽ ٻين عورتن کي موڪليائين ۽ چيائين "ادي ستيءَ کان وڃي پڇي اچو ته منهنجي ڪُپڙيءَ ۾ گهٽا ڪُٽا آهن." امڙ ٽپڙو ڏسي چيو ته هيترن ڏينهن ۽ هن تاريخ تائين ڪاشٽا اٿئي، جي لنگهي پار پوندينءَ ته پوءِ تنهنجو نئون جنم ٿيندو. امڙ جي ڳالهه ٻڌي مائي لڇيءَ علاج ڪرائڻ ڇڏي ڏنو، امڙ پريشان ٿي وئي. گهڻو ئي سمجهايائينس پر ساڌٽي امڙ جي چيل قول تي ڳنڍ ٻڌي، ٺيڪ اُن ڏهاڙي شهدادڪوٽ جي اُن ساڌٽي ڏيهه ٿياڳيو، بس اُن ڏينهن کان پوءِ وڏا وڏا سياستدان ، ايتري قدر جو ڪٽر مسلمان به امڙ جي لفظ تي اعتبار ڪرڻ لڳا. امڙ گهبرائجي وئي، سپني کي چوندي هئي، "ڏٽيءَ جي ڳجهه ۾ مان هٿ نه وجهنديس، منهنجي واتان ته اوچتو لفظ نڪري ويو هو. " آخر ان سلسلي کي ٽوڙڻ لاءِ امڙ پاسپورٽ ٺهرائي ڪجهه مهينن لاءِ جيئن ماڻهن جي اها عادت ٽٽي. هڪ ڏهاڙي هڪ عورت امڙ جي غير حاضريءَ ۾ .هندوستان پنهنجن پيڪن ڏي هلي وئي مون وٽ آئي. چيائين، "نياڻي آهين، تون ٽپڙو ڏسي ٻڌاءِ، منهنجو پٽ هندوستان مان واپس ايندو يا نه؟" ان عورت کي ڏيئري ماءُ ڪوٺيندا هئا. سندس پٽ هندستان گهمڻ ويو هو. جتي هن جو پاسپورٽ گم ٿي ويو هو ۽ واپس اچڻ جي اجازت نه پئي مليس. پويان ٻار ٻچا پريشان هيس، گڏوگڏ ڪاروبار به رلي ويو هين. مون ڏيئري ماءُ کي چيو، ڏيئري ماءُ مونکي ته ٽپڙو ڏسڻ ڪونه ايندو آهي. ان تي ڏيئري ماءُ چيو، "نياڻي آهين ناسڪا هٽي ڏس" خبر نه آهي مونکي ڇا ٿيو؟ مون به ڪري ناسڪا هئين. چيومانس تنهنجي پٽ جي ڪم ۾ هاڻي ڪائي رڪاوٽ ڪانه پوندي، جلد اچي توسان ملندو. بس ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڏيئري ماءُ ٻڪون پائيندي آئي ۽ اچي ريشمي وڳو پهرايائين. اها ڳالهه ٻڌي ڪيتريون عورتون اچي مون کان ناسڪا هٽائڻ لڳيون. جن ٻارن کي ٻيچو ٿي پوندو هو اُنهن جون مائر يا ڏاڏيون ڪپ يا چمچو ڪٽي جهاڙ وجهائڻ اينديون هيون ۽ ڪيتريون چونديون هيون "نياڻي آهين هلي پاٺ جو مهورت ڪر" منهنجي ماءُ جڏهن هندستان مان واپس آئي، اها خبر ٻڌي ٻڇي وئي ته منهنجي جان ڇٽي ته منهنجي ڏيءَ جي جان ڦاٿي. امڙ ابي زالن کي اصل گهر کان ڌڪي ٻاهر ڪيڻ شروع ڪيو، چوندا هئا، "ملڻ پلي اچو، اسان جي اکين تي، پر پڇا ڳاڇا لاءِ نه" وڏي مشڪل سان وڃي جان ڇٽي ۽ امڙ سان گڏ سپئي ٻار ڪي مهينا هندستان گهمڻ هليا آياسين. تڏهن وڃي اهو سلسلو ٽٽو. انهيءَ جي باوجود اڃا تائين ڪي زالون .امڙ کان پڇا ڳاڇا ڪنديون رهنديون آهن

**مروئان موت ملوڪان شڪار**

سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري ڳوٺاڻن ۾ ملهه، ڏاندن جي گوءِ، تتر، ڪڪڙن ويڙهائڻ جو خاصو شوق هوندو هو. ڪن ۾ وري بلبل پالڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. پاڻ ڪشمش ڪونه کائيندا، پر بلبل کي ضرور کارائيندا هئا ۽ بلبل وري جي هٿ ۾ ڪشمش ڏسندي ته ٺماڙ جاءِ تان به ٽپو ڏئي، ڇپي تي لهي ايندي هئي، بس رونشو لڳندو هو. بلبل کي چوندا هئاسين : "آءُ !بلبل ڇپي تي آءُ ، آءُ"

ڳوٺ ۾ ڏاندن جي گوءِ ته آئي ڏينهن ٿيندي هئي. پوري ڳوٺ ۾ ڌڌڙ چانئجي ويندي هئي، جيڪو گوءِ کٽي ايندو هو تنهن جو دهلن ۽ شرنائين سان جلوس ڪڍندا هئا. ڏاندن جي مالڪ کان وڏيڪ ڏاند ڏسڻ لاءِ ماڻهن ۽ ٻارن جا هشام پرٽجي پوندا هئا. ٻمپ ڪري ڏاند کي وڪوڙي ويندا هئا. ساڳيو ئي حال نانگ ۽ نوريئڙي جي ويڙهه تي هوندو هو. نانگ جو منهن ڇچرجي ويندو هو. نانگ ۽ نوريئڙي جي ويڙهه باگڙي ڪرائيندا هئا. باگڙي ته ڳوهه کي ڦاسائي ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي به گهمائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته اسين ٻپ وچان پڇندا هئاسين، ڇو جو گهر ۾ ڪم ڪندڙ مائي ٻڌايو هو ته ڳوهه جي ڦوڪ هٽڻ سان ڪڪڙن جي ويڙهه تي سَوَن روپين جون شرطون لڳي وينديون هيون. ڪڪڙن جو وڙهي .اکيون انڌيون ٿي وينديون آهن

وڙهي بُروحال ٿي ويندو هو. هڪڙي جون اکيون زخمي ڪري ڇڏيندا هئا. ڏسڻ وارن جا ٽپا لڳا پيا هوندا هئا. مروئان موت ملوڪان شڪار.

مهمان جي مهمان نوازي ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي. مان ائين چونديس ته سنڌ جا سنڌي مهمان نوازيءَ جا جنسي ڪوڏيا آهن ڪوڏيا. وڏا چوندا هئا : مهمان پاڳن وارن جي گهر ايندا آهن. مهمان نوازيءَ کي فرض ادائگي جو نالو به ڏئي سگهجي ٿو. پر مون کي لڳي ٿو ته سنڌ جي سنڌي سڀاجهڙن ڳوٺاڻن ۾ فرض ۽ شوق جي پنهي جذبن ملي جنون جو روپ اختيار ڪيو آهي. ائين ته مهمان نوازي ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي پر پنهنجو پيٽ ڪٽي مهمانن جو پيٽ پرڻ ته واجب نه آهي. ان جي برعڪس هتي ڀارت ۾ وسيل سنڌي مهمان نوازيءَ جو ڏيکاءُ ڪرڻ ۾ اڳرا آهن. پيا مهمان نوازيءَ جو وڏي واڪي ڍنڍورو ڏيندا . خاص طور اُهي سماج سيوڪ، جن جون تصويرون عمومن گاهي به گاهي هندستان جي سنڌي اخبارن ۾ ڏسڻ جيڪي پنهنجي پرچار ۽ اشتهار بازي خاطر مهمان نوازيءَ جو ڍنڍورو ڏئي ميزبان بڻجڻ واري شرف کي اڻ .اينديون آهن چاڻ بڻجي اخبارن ۾ سنڌ مان آيل ان شخصيت جي تعريف ڪري اهو اعلان ڪندا آهن ته ”سنڌ جو ادو قرب ڪري به پير پري، اسان جي غريب خاني تي پير گهمائڻ جي زحمت ڪري آيو.“ وڏي خوشي جي ڳالهه آهي، پر جي انهن سماج سيوڪن يا داني پرشن يا نام نهاد مهمان نوازيءَ جي ڪوڏين وٽ ڪو اڻ چاڻ غريب بڻ ڏهاڙن لاءِ پناهه گهرڻ وڃي ته ڪيس اهڙين ڪرڙين نگاهن سان ڏسندا جو شرم وچان اُنهن جي در تي ويندڙ غريب شخص ڇهه فوٽ زمين اندر پيهي ويندو.

خير، مان ائين به نه چونديس ته هندستان جا سڀ مهمان نوازيءَ واري قرب ۽ فن کان محروم آهن. پر اها حقيقت آهي ته هو سنڌ جي هندن چاهي مسلمانن جي مهمان نوازيءَ سان برميچي نه سگهندا. ائين ته سنڌ ۾ ڪي ڳاڻ ڳٽيا، سيٺيون ۽ زميندار اهڙا هوندا، جيڪي پنهنجي ڌن دولت تي نانگ وانگر ڦڻ ڪڍي ويهندا آهن. اُنهن جو شمار ڪنجوسن مها پيچن ۾ ڪري سگهجي ٿو. عام طور سنڌ جا رهواسي ميزباني جي فرض ادائگي ۾ پٺتي نه پوندا هئا. پيو ته پيو ڪُوهر وڪٽندڙ به وسان ڪين گهٽائيندو هو. مهمان لاءِ بن پاچين، گرمين جي مند ۾ انب گدري جو ضرور بندوبست ڪندو هو. نه صرف پنهنجي سيٽن سڄڻن ۽ نياٽيءَ سياٽيءَ جو خيال رکندا هئا. پر ڳوٺ جي نياٽيءَ کي پنهنجي نياٽيءَ ڪري پائيندا هئا.

ممڪن آهي سنڌ ۾ به هتي وارو دؤر اچي وڃي پر ايترو جلد ان منحوس دؤر جي اميد ڪرڻ حماقت ٿيندي، ڌٽي در دعا حالانڪه چوندا آهن ته .ڏڻ وار ملهائڻ ۽ دان پچ ۾ به اُتي جا ماڻهو اڳ اڳرا آهن .گهرنديس ته اهڙو وقت نه اچي ته بهتر اڳي وارا اُهي ڏڻ وار ۽ ڏينهن نه رهيا آهن. تنهن هوندي به وسان ڪين گهٽائيندا آهن. هتي جي ماڻهن کان وڌيڪ مذهب ۽ ريتن رسمن ۽ دنيا داريءَ جا پابند آهن. سماجي بهبوديءَ وارن ڪمن ۾ يا ڪنهن تي ڪوئي قدرتي قهر نازل ٿئي ته ڦوڙي ڏيڻ ۾ پٺتي نه هٽندا. ايتري قدر جو گهورڙيا ۽ پاٿولي به پاڻ ڦٽي پورو ڪندا. هتي ته سؤ روپيا دان ڏيڻ تي به تصوير ڇپجي وڃي ٿي ۽ ڪيترا ته اهڙا سماج سيوڪ آهن ، جيڪي ائسوسيئيشنن جي چندن مان اعلى شخصيتن کي نينڊ ڏئي گهرائي دان داني پرشن ۾ شمار ڪرائين ٿا. اهڙا سماج Philanthropist ۽ غريبن جي مدد جو اعلان ڪري اخبارن ۾ پنهنجو نالو سيوڪ فلنٿراپسٽ لفظ جي معنى کان يا ته ناواقف آهن يا وري معصومن کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيڪي هتي مان سنڌ جي سنڌين جي تصويرن ڇپائڻ ۽ داني پرشن جي فهرست ڏاهيان ته ڀارت جي سنڌي اخبارن ۾ سنڌ جي سنڌي هندو چاهي مسلمان ڳوٺاڻن جي تصويرن ڇپجڻ جو سلسلو ڏهاڪن تائين جاري رهندو. پوءِ ته ائين چونديس ته تقريبن هر هڪ سنڌ جي سنڌي اخبار ۾ تصوير ڇپائڻ جائز آهي ۽ سندن پيدائشي حق به دان پچ، خيرات، تيرٿن ۽ حج تي وڃڻ لاءِ واجهه وجهندا هئا. ڪي مومن ته حج تي گناهه بخشائڻ، خدا جي بارگاهه ۾ سر جهڪائڻ ۽ قيامت ڏينهن حساب ڪتاب جي سختي کان بچڻ لاءِ ويندا آهن. اُهي حاجي بڻجي، پنج ئي پهر نماز پڙهي ۽ خدا جو خوف ڪري قرآن پاڪ جو سهارو وٺي اسلام جي ڏسيل اصولن جي پيروي ڪندي زندگي بسر ڪن ٿا. هروپرو سڀئي حاجي يا حاجياڻيون انهي عمل تي پابند نه آهن. ڪن ته حج تي وڃڻ کي ڪمائي جو سرشتو به ڪري بڻايو آهي. اُتان ڈالر، ڪپڙو لٽو ۽ ساز و سامان ڪٽي بٺين رقمن تي وڪڻ سندن ڪم آهي، بس نالي ۾ حاجي يا حاجياڻيون سڏائين پر سودو ٺڪي ٺوڪي ڪن. اُتي جا شيخ بين مسلمانن جي پيٽ ۾ مالي طور مضبوط آهن. انهي ڪري حج تان واپس اچڻ تي انهن جي زندگيءَ جو معيار وڌيڪ ٿي وڃي ٿو. گڏوگڏ ڪٽرپٽي يعني دين تي پابند رهڻ واري شخصيت تهائين مضبوط ٿي وڃي ٿي. وڏي ڏاڙهي رکن، ابن ڏاڏن جي ٻيل ٻول کي ئي پلجي ويندا آهن، ڪي ته اهڙا تعصبي جو واٽئي جي صحبت کي ڪفر سمجهن. ٻئي طرف ڪيترا اهڙا به مسلمان آهن، جيڪي مذهب جا پابند هوندي به انسانن کي خدا جي خلقيل اولاد سمجهي گلي لڳائين انهن ۾ تعصب جي ڇٽنگ

۽ چوچڙيءَ جي پهل ۾ پيش قدمي خاص ڪري سنڌ ۾ آباد ٿيل مهاجرن طرفان ئي ڪئي وئي آهي.
اسان جو گهر ڪافي ڦهليل آهي، چوطرف وڏيون عمر جي ڪوٽ واريون پٽيون آهن. ان عمر جي ڪوٽ اندران نه ئي ٻاهر ڏسي سگهجي ۽ نه ئي وري ٻاهران ڪو ڪوٽ اندر ڏسي سگهي. واڙيءَ جي هڪ طرف مڪان ته ٻئي طرف ڪوجن جي ورهاڱي کان پوءِ جوڙيل مسيت، جنهن جي صبح شام واري اذان ۽ رمضان پاڪ واري مهيني جا واعظ چڱي طرح ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته اسين مولوي صاحب جي سُر ۾ سُر به ملائيندا هئاسين ۽ گهر جي جي ٻاهرين اوطاق جي پويان ڪجهه فاصلي تي شهدادڪوٽ جي جهوني وڏي مسيت آهي، جنهن جو مولوي صاحب بابي سائينءَ جي ڪافي عزت ڪندو هو. خبر نه آهي ته هينئر حيات آهي يا وفات ڪري ويو آهي. هڪ پيري ته مان به بابي سائين سان گڏ مسيت ۾ وئي هيس.
سنڌي مسلمان هندن کي واڻيو يا ڪافر چوندي ڪجهه حجاب ڪندا ۽ ڪجهه حضور شرمائيءَ ڪري ان لفظ کي استعمال نه ڪندا هئا. هروڀرو پنج ئي آڱريون برابر نه ٿينديون آهن. ڪي ٿوڙ ٿوڙ يا شودا، فرقيورانه جذبن کي هوا ڏيندا هئا، پر اُنهن جي عمل کي خدا جو خوف رڪندڙ وزن گهٽ ڏيندا هئا. هندو مسلمان ملي جلي عيد ۽ ٿڌڙي ملهائيندا هئا. اسان جي گهر ۾ عيد تي سڪو ميوو، مٺائي، زردو يا سَئين واري عيد تي سئيون موڪليندا هئا ۽ جلال خان بروهي عيد تي چانهه جا په وڏا پيڪٽ ۽ کنڊ ڪٽي ايندو هو. شيخن ۾ شيخياڻين جو رويو ٿورو ٿڌو هوندو هو. هونئن به جيڪو نئون مسلمان ٿيندو آهي، پاڻ کي پڪو نمازي ۽ ڪٽر مسلمان سمجهندو آهي. شيخن ۾ اهڙو طبقو خاص هوندو هو. بزرگن ۾ اک جي ديد ۽ لحاظ هوندو هو. خبر نه آهي ته چو انسان انسان کي الڳ سمجهي ٿو. قيامت جي ڏهاڙي هندو، مسلمان، سک، عيسائي سڀني کي مالڪ اڳيان حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو ائين نه آهي ته بداعمالن واري مومن کي خدا جي بارگاه ۾ حساب ڪتاب نه ڏيڻو پوندو. يا هندو ڪافر آهي انهي ڪري ان کي دوزخ نصيب ٿيندو. خلقيندڙ ته هڪ ئي آهي، نانءُ الڳ الڳ، هي جهان اُن سرجڻهار جي نانءُ تي ئي هلي رهيو آهي.
هڪ پيري هڪ شيخياڻي حج تان ٿي آئي، ڏاڍو مال آندائين، ڪپڙو لٽو وڪڻي خوب ناڻو ڪمايائين. سچي ڳوٺ ۾ ڏاڍي ڳالا ٿيس. جڏهن فوت ٿي ته جنازي کان اڳ قبر کوٽڻ لاءِ ڪي مڻ مائٽ اتي ويا جتي پيا قبر کوٽين، اُتي اڳ ۾ ئي جاءِ والاريل پوءِ وچي هڪ جاءِ دفنائڻ لاءِ خالي ملي. اها ڳالهه ڳوٺ .پئي نڪري. شايد ٻن ٽن هنڌن تي دفنائڻ لاءِ جايون کوٽيون ويون ۾ باهه وانگر ڦهلجي وئي. زالون ۽ مرد توبهه توبهه ڪرڻ لڳا. ”ڏسو نه خدا به پاڻ وٽ بدنصيب کي جاءِ نه ٿو ڏئي.“ اهڙين ڳالهين تي هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو عقيدو آهي، مان ته ڏٺيءَ در دعا گهرنديس ته ان مرحوم عورت کي خدا جنت جا خدا اُنهن .بخشي. آمين! ان عورت کان وڏيڪ بداعمالن وارن ٻندن کي هڪ دفعو ئي قبر کوٽڻ سان جاءِ ملي وڃي ٿي جي برن اعمالن کي نظر انداز ڪري بخشي ڇڏيو؟ نه بلڪل نه، حساب ڪتاب هر ڪنهن کي ڏيڻو آهي. نه پاءُ نه پيڻ، نه دنيوي .ماءُ نه پيءُ، انسان پنهنجي اولاد ۽ خون لاءِ ڪوڙ ڪمائي ٿو، امن ۾ خلل وجهڻ لاءِ ذليل حرڪتون ڪري ٿو ڳالهين ۾ ايترو ڪوهجي ٿو وڃي جو غلط ۽ صحيح، جائز ۽ ناجائز جي پرک نٿو ڪري سگهي.
لاڙڪاڻي پرسان ٻيڙي چانديي ۾ سيٺ نامومل رهندو هو، جنهن جي خاندان جا سڀ فرد هندستان هليا ويا، پر هڪ پائي سيٺ راتومل اُتي رهجي ويو هو. دلير ۽ همٿ وارو واڻيو هو. سيٺ راڌي مل جو، پنيءَ تي ڪن مسلمانن سان جهيڙو ٿي پيو. هن به ڪٽي ڪهاڙي وهائي. اتي ٻني واري جهيڙي کي سماج دشمن عنصرن فرقي وارانه فسادن جو نالو ڪري ڏنو. چوطرف باهه وانگر خبر لاڙڪاڻي ۾ ڦهلجي وئي ته واڻئي مسلمان کي ماري وڌو آ. ان وقت اسين لاڙڪاڻي ۾ هئاسين، چئني طرف مهاجرن جا گهر هئا. صرف اسين ئي هندو هئاسين. اسان جو پاءُ ڪانتيش گهر اچي رهيو هو. ايترو ته ٻچڙو آهي ڪُئلي مارينڊي به ڏڪندو آهي. مان پيڻ ۽ چوڪري به هن کان وڏيڪ بهادر ۽ همٿ واري آهيان. هڪ پوڙهي مهاجر عورت جيئن ئي ڪانتيش کي ايندي ڏٺو ته پنهنجي ننڍڙي نينگر کي ٻانهن کان گهليندي گهر اندر ڏڪيندي ويس. چوڻ لڳي، ”اندر آ، ڪافر تجهي مار ڊاليگا“ اُن وقت اسين پاءُ تي خوب ٺٺولي ڪري کلياسين ته تون ڪئلي مارڻ کان به ڏڪندو آهين. عورت کي ڪيتري نه غلط فهمي آهي جو پنهنجي پوٽيءَ کي چئي رهي آهي. ”ڪافر تجهي مار ڊاليگا“ اُن وقت جون اُهي ٺٺوليون ۽ پاءُ کي چيڙچاڙ ڪرڻ. هن وقت دل ۾ وڍ وجهن ٿيون ته ڪوڙن افواهن جا معصوم ابهم ۽ بي گناه تي راهه گناه وار ٿي سگهن ٿا. اهڙا شرارتي عنصر هندو مسلمان، سک عيسائي سڀني ۾ ٿي سگهن ٿا. انهن جو صرف هڪ ئي نالو آهي، گندا، جنهن جو ڪنهن به قوم سان واسطو نه آهي.
ان گرم هوا جي لهس متان اسان کي اچي. ٻپ وچان جلال خان بروهي جهڙو شخص گهبرائجي ويو ۽ اچي ڪري اسان

ٻنهي پيرن کي چيائين، ”پلا امان، وينا امان، اوهين پنهنجا سامان ٻڌو. رات واري گاڏي ۾ شهدادڪوٽ هلنداسين، هتي جو ماحول ٺيڪ نه آهي. اسان جلال خان کي چيوسين ”ان ۾ بين ماڻهن جو ڪهڙو واسطو ۽ وجهه؟ ٻئي ٽريون وچي پاڻ ۾ نبيرو ڪن. واٽئي جي زمين تي قبضو ڪندا ته ڇا هُو هُن کي ڇڏي ڏئي؟ اڄ ڪلهه ته ڀاءُ ڀاءُ کي نٿو ڏئي ته پوءِ سيٺ راڌي مل جي زمين تي هن جي قبضي ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ هن ٻنيءَ تي غيرقانوني قبضو ڪيو آهي. ڀلي ٻئي ڇٽا پاڻ ۾ نبيرو ڪن ان ۾ پلا ٻڇڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ جلال خان چيو، ”امڙ اوهين نا سمجهه آهيو. امڙ اوهين منهنجون نياڻيون آهيو، جيستائين مان جيئرو آهيان تيستائين اوهان جو وار ونگو به نه ٿيندو. منهنجي اکين ٻوٽڻ کان پوءِ اوهان جو الله مالڪ آهي.“ جلال خان جي چهري جا تاثرات ڏسي اسين به هيسجي وياسين، ماٺ ميٺ ۾ پنهنجو سامان ٻڌوسين، رات جو انڌيري شهدادڪوٽ ۾ ڇڻ ته ڳالهه ئي ڪانه .۾ اچي شهدادڪوٽ ويندڙ ريل گاڏي ۾ چڙهياسين، سُک سان شهدادڪوٽ پهتاسين گرم هوا وارو ماحول معمول تي اچڻ لڳو. ماڻهو وري پنهنجي ڪم ڪار ۾ .هئي، ٻئي ڏهاڙي ته لاڙڪاڻي ۾ ڻاپر ٿي وئي ڪجهه عرصي کان پوءِ سيٺ راڌي مل کي اُنهن ماڻهن جي ٽولي مان ڪنهن قتل ڪري ڇڏيو. سيٺ راڌي مل .لڳي ويا جي قتل تي نه ئي افواهه ڦهليا، نه ئي فرقي وارانه فساد، نه ئي داد فرياد، نه جلوس نڪتا ۽ نه ئي وري واءِ ويلا ٿي. معاملو لئه مٽي ٿي ويو. مان ته ائين چونديس ته خدا جي بارگاهه ۾ دير آهي انڌير نه آهي. بندن ان جو انصاف نه ڪيو ته ان جو حساب ڪتاب الله جي دربار ۾ انهن کي ضرور ڏيڻو پوندو. آهه غريبان قهر خدائي.“

**لاکو کٹي باريجو کائي**

بابا سائين جن دل جا سخي آهن ۽ ان سان گڏ امڙ به رحمدل، بس ڪنهن نه ڪنهن تي عنايت لڳي پيئي آهي. بابي سائينءَ جي سخاوت جو داستان لکڻ وِهان ته حاتم طائيءَ وارو داستان ٻڌجي وڃي ۽ شايد سندن دنيا جي ڳاڻ ڳڻين سخي شخصيتن ۾ شمار ڪيو وڃي. گهر ۾ ڪير ڪهي ايندو ته، نه، نه ڪندا پوءِ چاهي اهو دوست هجي يا دشمن، سندن ان فراخ دليءَ ۽ سخاوت واري جذبي جي ڪري اسان جي ملڪيت تي ڪيترن اهڙي ريت قبضو ڪيو آهي. جو دڪانن ۽ جاين جي مسواڙ نه جي برابر ملندي آهي. اگر مان مسواڙ جا انگ اکر لکان ته ڪيترا چوندا نالائق آهي. اڪثريت ان کي نالائقي ۽ آگرين تي ڳڻڻ جيترا داني لاطمع انسان، ان کي سخاوت جو نالو ڏيندا. شهدادڪوٽ ضلع لاڙڪاڻي ۾ اسان جون به اوطاقون آهن. هڪ گهر واري ۽ ٻي گهر جي پرسان ٻاهرين اوطاق ۽ ان ٻاهرين اوطاق جي لڳو ٻه جايون آهن. هڪ جاءِ، جا درياني ماڪوڙي مل کي 2 روپيا مسواڙ درماه تي ڏنل هئي، اها جيڪا درياني جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اُن جي ڏرم جي پيٽ جي اها عورت مٺ مائٽ ۽ مڙس، ڏرم جي ڀاءَ خاطر ڇڏي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ رهي پيئي. اهو .قبضي ۾ اچا تائين آهي ان جو جواب اها عورت ئي ڏيئي .ڪهڙو ڏرم جي ڀاءَ وارو ناتو آهي، جنهن پنهنجي خون جي رشتن کي ٽوڙي ڇڏيو ان سان لاڳيتي ٻي جاءِ هڪڙا واٽيا جهل .سگهي ٿي ڇهه روپيا مسواڙ جو انگ ٻڌي هر ڪنهن کان کل نڪري ويندي مگسي مان لڏي آيا. تن بابي سائينءَ جي پيرن تي ڪري پناهه گهرڻ وارين آزين نيزارين جي عيوض حاصل ڪئي، جن کي جهل مگسي جي هندو، مسلمانن منهن ڪارو گڏهه تي چاڙهي تڙي ڪڍيو هو. جاءِ حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ويٺا ۽ چوڻ لڳا ته مهاراج گوپي ڪرشن اسان کي پُٽ ڪيو آهي. هُو اسان جو بابو سائين آهي ۽ امڙ ستي اسان جي آئي آهي، اسين هنن جي گهر ۾ ٻچن وانگر ڪم ڪار ڪندا آهيون، ان ڪري هيءَ مهاراج گوپي ڪرشن اسان کي ان تي منهنجي پائرن يعني سائينءَ جي پٽن بغاوت ڪئي، ڪورٽ ۾ جڏهن انهن واٽين .مرڳوئي ٻچو ڪري ڏيئي ڇڏي آهي اهو ساڳيو ئي بيان ڏنو ته جج جي کل جي انتها نه رهي.

خير جاءِ تي اچا تائين انهن جو ئي قبضو آهي، پر مسواڙ نه جي برابر ملڻ شروع ٿي، ٻي جاءِ تي درياني ڀاءُ جو ناتو بيان ڪري 6 روپيا مسواڙ ڏيڻ شروع ڪئي هئي. اسان ٻارن کي ڏايا خار لڳندا هئا. بس چوندا هئاسين ته ان درياني کي مزو چکائينداسين. روز اچي بابي سائينءَ جي چمچاگيري ڪندو هو. اچي سٽڻ، اچي بند گلي سان ڪڙتو، جنهن ۾ سونا بٽڻ پيل، مٿي تي ڪاري وڏي ٽوپي، جنهن ۾ وڏو اڇو ڦندڻ ۽ ڪارو ڪوٽ، جنهن جي کيسي ۾ زنجير ۾ لٽڪيل واچ رکندو هو. هڪ دفعي بابو ڪونه هو، جيئن ئي اوطاق ۾ داخل ٿيو، گهر ۾ پاليل ڪتي کي ڪري هشي ڏنيسين. اُناش، اسان جو اُناش چوڻ، ڪتي درياني تي حملو ڪري ڏنو. رڙ واڪو ٿي ويو. اسان کي بابي سائين جو ڏاڍو ڊپ هو. انهي ڪري اسين ناٽڪ ڪري درياني کي چوڻ لڳاسين، ”اسين ته ڪتي کي حملي کان روڪي رهيا آهيون. هش، هش ڪري خاموش ڪرائي

رهيا آهيون.” درياني جي ڪٺن تي ٿپ ٿپان هجي، اسين ڪتي کي اُناش هش، اُناش هش پيا چئون. ڪجهه دير کان پوءِ واٽيو اسان جي چالاڪي سمجهي ويو ته هي اُناش ڪري ٻچ ۽ هشي ٿا ڏين. گڏوگڏ ماٺ ڪرائڻ وارو لفظ هش آهستي آهستي چون ٿا ائين اسان جي اُناش ۽ هش واري ڳالهه کلي پئي، بابي جي دٻ ڪري ڪتي کي ڳچيءَ کان ورتوسين. ساڳئي طرح ڪنهن کان وير وٺو هوندو هو ته هرڻ جي زنجير کولي ڇڏيندا هئاسين، وڃي ڪيس سنگ هڻندو هو. هرڻ کي زالن سان ته خاص دشمني هوندي هئي، پويان پوتيءَ ۾ زوم سان سنگ کڻي ڪپائيندو هو. ماين جو پوتيءَ سان گڏ چولو به مٿي کڇي .ويندو هو

هڪ پيري پُٽي صاحب جو سوٽ سردار پير بخش پٽو اوطاق ۾ آيو، هرڻ کي به ٿي ڪٺي ڪٽي، ٿپا ڏيندو اوطاق ۾ پهچي ويو. سردار پير بخش بابي سائينءَ کي چيو : ”مهراج! هي هرڻ مون کي پسند آهي، مان ڪٽي ويندس.“ اسان ٻارن روئڻ شروع ڪيو. اسان جا منهن لهي ويا. بابي سائين چيو : ”ڪائي ڳالهه نه آهي، توهان لاءِ ٻيو هرڻ اچي ويندو.“ ۽ سردار پير بخش کي چيائون: هڪ شرط تي ڏيندس، اوهين هرڻ کي کهندا نه وعدو ڪيو. ”مهراج! اوهين خود بنگلي تي اچي ڏسجو، ڪجهه ڏهاڙن کان پوءِ ادو اتي ويو. هرڻ مڇي پيو هو. اسان کي هرڻ ملڻ جو وسيلو هو. جهل مگسي ۾ هرڻ جام ٿيندا هئا. اُتي جو مُکي منومل گهر ايندو هو. اسين ان جا گر براهمڻ ۽ گرو هئاسين. ان ڪري جڏهن به گهر ايندو هو ته اسين ويڙهي اسين چوندا هئاسين ته منومل! اسان کي هرڻ کپي. .ويندا هئاسين. هڪ هٿ ۾ اڌ رنگ هيس، جو سدائين ڏڪندو هئس چوندو هو ته توهين اسان جا گرو آهيو. کوڙ هرڻ، دل هرڻ، هر پيري هڪ هرڻ ڏياري موڪليندو هو. اسان منومل کان پڇندا هئاسين ته هرڻ ڪٿان گهرائيندا آهيو؟ ٻڌائيندو هو ته هرڻي پنهنجي ٻچڙي سان گڏ جڏهن پاڻي پيئڻ ايندي آهي ته اُتي بروهي باڊ يا ٻيا قبائلي لِڪي ويهندا آهن ۽ هرڻي جي ٻچڙي کي پڪڙيندا آهن. هرڻي ته جان بچائي ڀڄي ويندي آهي، باقي هرڻي جا ٻچا ڀڄي ڪونه سگهندا آهن. انهيءَ ڪري انهن کي جهلي وٺندا آهن. جهل مگسيءَ جو سردار محبوب علي هو ۽ اُن جا به فرزند هئا، هڪ مير سيف الله خان مگسي ۽ ٻيو سردار يوسف خان، اسان جي گهر جي ڪافي عزت ڪندا آهن. سردار سيف الله مگسي جي گهر واري مائي ام تولا بابي کي ڌرم جو ڀاءُ ڪيو هو. بس اُن ڌرم جي ڀاءُ ۽ بابي جي سخي دل بابي کي چيائين : ”ادا گوپي! اهو باغ مون کي پنهنجي ڏي لاءِ کپي. مان تنهنجي گهر گهڙي آئي .جو فائدو پيڻ کي ملي ويو آهيان. مون کي يقين آهي، پيڻ کي انڪار نه ڪندين.“ بابو سائين ڪنڌ نه کڻائي سگهيو ۽ شهدادڪوٽ ۾ جيڪو سڀ کان اسان کي بيحد .خوبصورت باغ هو، سو اسان جي ملڪيت مان تبديل ٿي معمولي رقم تي مائي ام تولا جي حوالي ٿي ويو ڏک ٿيو. مائي ام تولا جڏهن گهر ايندي هئي، چوندي هئي هي باغ ادا گوپي توهان جو ئي آهي، پر اهو باغ اسان جو پنهنجو ڪڏهن .ڪڏهن ڪڏهن باغ جا انب، توت، ٻير ۽ ٻيا ڪيترا ميوا ٽوڪرو پرائي موڪليندي هئي .نه رهيو هو .پاڇيون به ايندیون هيون

هتي اچڻ کان پوءِ ڪجهه سال اڳ امڙ ڳالهه ڪئي هئي ته مير سيف الله خان مگسي کي پنهنجن ڪن عزيزن قتل ڪري ڇڏيو. ٻُڌي بيحد افسوس ٿيو. چوندا هئا ته ديرادون اسڪول مان تعليم پرائي هئائين. اسان جي گهر ڪيترا پيرا اچي چڪو اهڙيون ڪيتريون شخصيتون هيون پر .هو. ٺاهوڪو جوان هو. اڇو سلوار ڪڙتو، ڪارو اُس جو چشمو پيل هوندو هوس اسان جي گهر ۾ بابي سائينءَ جي ڪافي عزت به ڪندا هئا. هارين جو اڳواڻ حيدر بخش جتوئي، مير علي بخش، قاضي فيض محمد، ممتاز پٽو، سردار پير بخش، ذوالفقار علي پٽو، محبوب علي مگسي، علي گوهر کهڙو ۽ ٻيا ڪيترائي کهاوڙ، چانديا، مگسي، ۽ بروهي زميندار ايندا هئا ۽ انهن سان سٺو رستو به هئو. ان پهلو تي قلم کڻڻ جو هينئر وقت نه آهي ۽ نه ئي لاڙڪاڻي ۾ آزادي کان اڳ لوڪل بورڊ .واسطو. بابي سائين جي سماجي خدمت ۽ سياسي پوزيشن جو رڪارڊ موجود آهي جا ميمبر ۽ 1965ع ۾ ايوب جي دور ۾ بيسيڪ ڊيموڪريٽس جو چيئرمن رهي چڪو آهي. 1965 کان پوءِ اليڪشن يا سياسي پوزيشن حاصل ڪرڻ کان ڪنارو ڪيو اٿائون. شهدادڪوٽ جون ڪيتريون عمارتون ۽ روڊ بابي سائين جي نظرداري ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ ٺهيا آهن. جن جو اڄ به شهدادڪوٽ جي ميونسپلٽيءَ ۾ رڪارڊ موجود آهي. آزادي کان اڳ ٻوڏ دوران ڪيل خدمتن جي لاءِ حڪومت طرفان کين سوني ٻلي جي اعزاز سان نوازيو ويو. مطلب ته جتان لنگهندا هئا گجگوڙ تي ڌاڙيل به هيسجي ويندا هئا. کيس .سلام سلام ڪندي هٿ ٺڪجي پوندو هين. جوانيءَ ۾ شينهن مرد چوندا هئن ڪنهن به شخص ”اڙي“ ۽ ”واٽيو“ ڪري سڏڻ جي جرئت نه ڪئي. سڄي زندگي اڇي قميص ۽ اڇي پينٽ يا سٽڻ پائيندا .ڪڏهن ڪڏهن ته حيرانگي لڳندي آهي ته اڇا لٽا پائي ٺڪجي نه پيا هوندا؟ اُٺ تي چڙهي ٻنين تي ويندا هئا .آيا

هڪ پيري ٻنين تي وڃڻو هئن. سنپرڻ ۾ ٿوري دير ٿين. ان تي اسان اٺ واري کي چيو ته اسان کي اُٺ تي سير ڪرائي. اٺ

چڙا اُٺ تي چڙهي ويهي رهياسين. اوهين خود اندازو لڳايو. چاهي ٻار هجن، تڏهن به انن جو تعداد ته گهٽو ئي آهي نه؟ اُٺ به ويچارو ماٺ ڪري هلڻ لڳو. اسان کي ته اُٺ ماٺ ڪيل لڳو، پر دل ئي دل ۾ ضرور رُنو هوندو. چوندا نه آهن ته ”اُٺن اڳئي پي رنو، جڏهن ٻورا ٿئي لڏيا“ سو اُٺ به جڏهن هڪ هڪ ڪندي، پاکڙي تي پير رکندي ٻارن جي قطارن کي ڏٺو هوندو ته ضرور رُنو هوندو، خير اٺ جي ڪهڙي حالت هوندي، اُن کي سمجهڻ اسان جي وس جي ڳالهه ڪانه آهي. ٻارن جي قطار اُٺ تي چڙهي ويهي رهي، اُٺ ماٺ ڪري هلڻ لڳو. ڪجهه اڳتي هلياسين ته شهدادڪوٽ جي شاهي بازار ۾ دڪان اڳيان ٿين جو چاپرو هو. اٺ ته اڳ ئي ٻگهو، مٿان وري اسان ويٺا هئاسين، سو وڃي چاپري سان ٽڪرايو. اٺ وٺي گوهي ڏني. ڌوم سان وڃي اٺ ئي چڙا اُٺ تان ڪلٽي کائي پٽ تي ڪرياسين. پاڙي واري چوڪري جيڪا سڀ کان اڳ ۾ ويٺي هئي اُن جي نڪ مان رت ٽيڏيون ڪري وهڻ لڳو. اُن ڏينهن کان پوءِ اُٺ تي چڙهندي ڏڪندا هئاسين. قمبر ماٺرين ۽ رانوتيءَ ۾ ٻنيون هيون. هڪ پيري سڀني کي ٻنين گهمڻ جو اچي شوق لڳو، سو پورو ٽولو اُتي پهچي ويو. ٻنيءَ تي جيئن هنداڻن جي ولين ۾ ڪاهي پياسين. هنداڻن جي پوک جي وچ ۾ ڪٽولو وجهي ويهي رهياسين. ول مان هنداڻا پٽي، .ئي پهتاسين مڪ هڻي هنداڻا پچڻ لڳاسين. جيڪو ڪچو پيو نڪري، تنهن کي ڪٽولي هيٺان ڦٽو ڪندا پيا وڃون. اها خبر نه پئي پوي ته شام جي وقت ڍوڍي تي .پنهنجو ئي نقصان ڪري رهيا آهيون مطلب ته جيئن ڏڻ ڪاهي پوندو آهي، تيئن ڪاهي پياسين مکڻ، چؤنري لسيءَ جي ۽ اُن سان گڏ وڻ تان ڪچيون انبڙيون پٽي، اُن کي اڌو اڌ ڦاڪون ڪري، چير ڏيئي مصالحو وجهي، تئي تي گيهه ۾ سڪي کاڌوسين. اڄ ڏينهن تائين ياد ڪري، وات ۾ پاڻي ايندو آهي ۽ دل تڙپي اٿندي آهي. ٻير هيٺان ويٺا هئاسين. سامهون نار هلي رهيو هو، جنهن جي ڪنگرين مان پاڻيءَ جي ڪرڻ تي دل لپائيندڙ جهنڪار اچي رهي هئي. پاڻي اُچون ڏيندو ٻارن ۾ وڃي رهيو هو. ڏاندن جي اکين تي کوپا چڙهيل هئا، ڪجهه دير اسان به نار هلائي، سانجهي ڏاري ٽانگي تي ڳوٺ ورياسين، اُن منظر کي ياد ڪري اڄ به دل تڙڦي اٿندي آهي. شايد ڪجهه سمجهه هجي ها ته ان ٻنين .خوبصورت ماحول ۽ نظاري کي پنهنجي قلم سان چڱي طرح چٽي سگهان ها. اها ڌنڌلي ياد ذهن ۾ وڌ وجهندي آهي تان سارين جون گاڏيون پرجي ايندون هيون. هڪ ڪوٺي چٽ تائين پرجي ويندي هئي. مستيءَ ۾ اچي سارين تان ٽپا ڏيندا هئاسين. اِن سمجهه کان بي خبر ته اسان جي راند روند سان ڪيترو نقصان رسي رهيو آهي. اڌ ساريون لتن ۾ خراب ٿي وينديون هيون ۽ وارن ۽ ڪپڙن ۾ ساريون چپجي وينديون هيون. سارين سان گڏ جيڪو پلال ايندو هو، اُهو گاين لاءِ رکندا هڪ پٺاري ته پنهنجو کير پاڻ پي ويندي هئي. اوهان کي ٻڌي حيرانگي لڳي هوندي، ساڳيو ئي حال امڙ ۽ ابي جو .هئاسين به هو اُهي به چوندا هئا ته اسان هيءَ نظارو پهريون پيرو ڏٺو آهي ۽ اسين به تاڙ ۾ وهندا هئاسين ته کير لاهي ڏُهون. جڏهن به ڪو کير ڏُهندو هو ته کير چاڙهي ويندي هئي. اسين لِڪي وهندا هئاسين. بالٽي هٿ ۾ هوندي هئي، جيئن ئي کير پيئڻ لاءِ لاهيندي هئي ته اسان جي وڏي پيڻ ۽ ڀاءُ نوڙيءَ جو ڍنگ وجهي، کير ڏهڻ شروع ڪندا هئا. گانءِ جو پورو جسم ڏڪڻ .لڳندو هو. اڌ کير ته چاڙهي ويندي هئي باقي ٿورو ڏُهي وٺندا هئاسين

هڪ پيري گاين جي ڏڻ ۾ ڪي شاهينگ، اسان جي پٺاري ڪاهي رمندا رهيا. سانجهيءَ جو وٺ سٺ ٿي وئي. امڙ شهر اسين !جي زميندار کي چيو ته اسان جي پٺاري واپس ڪرايو. اُنهن کي ڪيترن پاٺاريدارن جي چاڻ هئي. اُنهن چيو ”پاپي ادا توهان جي هوندي، اسان جي پٺاري “ :توهان کي ان ڳئون جي بدران ٻي ٽا ڏيون، اوهين ناراض نه ٿيو.“ امڙ چيو ڪاهي وڃن. شرم جهڙي ڳالهه آهي. اها اسان جي ۽ توهان جي به گهٽتائي آهي.“ چور اسان جي تر جون گايون ڪٽي راتو رات بلوچستان، پهچائي ڇڏيندا هئا. دراصل منڍو فضلو ڏنار چورن سان ملتو هوندو هو. وڏي مشڪل سان ڳئون واپس ورتيسين. ٿُڪ لعنت ڪري ۽ مُرشد جي گهر جي ڳئون چورائڻ جو واسطو وغيره ڏئي، ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان شهدادڪوٽ شهر ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن جي همٿ نه ٿي ته اسان جي ۾ گهري چوري ڪري، اڪثر .ڳئون واپس آئي واٽين جي گهر ۾ چوريون ٿينديون هيون. اسان جي گهر جو ڪڙو اهڙو هو جو ڏک هڻڻ سان کلي پوندو هو، ۽ اڌ رات جو .به ڪنهن کي اچڻو هوندو هو ڏک هڻي يا هٿ وجهي ڪڙو لاهي ايندا هئا

هڪ پيري جهل مگسيءَ پرسان باريجن جو ڳوٺ هو. اُتان جا واٽيا لڏي اچي واڙي واري پٽ پرسان گهر ۾ رهيا هئا. ڪنهن کي خبر پئي ته اُنهن وٽ پئسو ڏوڪڙ، سون گهڻو آهي. سو انهن جي پٽ ٽپڻ لڳا، گاين وٺي راتياٺ ڪيا. چور کي ٻي ڪا واهه پچڻ جي نه ملي سو اُن وٺي اسان جي واڙي ۾ ٽپو ڏنو. اسان جي پاڙن ۽ بابي سائينءَ چور کي ٻک وڌو، پاڙيواري باريجن جي مائي به ٿڪ لعنت هڻڻ لڳس. بس چور جي حالت اهڙي هُجي جو ”مروئان موت ملوڪان شڪار“ .ايتري قدر جو زالون ۽ ٻار به ڏک ٻُجو هڻڻ لڳس ۽ هونئن باريجن جون زالون مردن کان به وڌيڪ همت واريون آهن

جهل مگسي طرف لاکي جو هڪ گرم پاڻيءَ جو چشمو هو، وهنجڻ سان ڪيتريون بيماريون ڦٽ ڦرڙيون لهي وينديون هيون. پري پري کان ماڻهو اچي اُتي سنان ڪندا هئا. باريجن ۾ چار پنج واڻين جا دڪان هئا. جيڪي لاکي تي ويندا هئا، سي واڻين کان سودو سازي وٺنديون هيون مسلمانن کي ٻٽي رقم تي سودو وڪڻي خوب ناڻو ڪمائيندا هئا ۽ جيڪا جمع پونچي هوندي هئي، اُتي جا ذاڙيل اچي واڻين کان ڦري ويندا هئا. پر عورتن کي هٿ نه لائيندا هئا. باريجاڻين جي اهڙي ".حالت هئي جو "پٽيندي ئي پيٽ، وئي چمار چٽ جي

جڏهن ڦرلٽ ڪرڻ ايندا هئا ته عورتن کي چوندا "امڙ پيڻ اٿي اوهين پاسيرو ٿي وڃون" پوءِ مردن کان مال پونچي کسيندا ".ڏوڙ ڏاڙيون، پٽين ناياڻيون" هئا. جيڪا سؤدي ساريءَ ۾ ٻٽي رقم وٺي ڪمائيندا هئا. اها رقم ذاڙيل اچي ڦري لٽي ويندا هُين هڪ پيري جڏهن اُتان جي مُکي جي گهر ۾ داخل ٿيا ته اُنهن جي گهر جي عورت جنهن کي دادلي ماءُ سڏيندا هئا، ڪوٺي اندر هئي. سندس ڏير ڊڪون پائيندو اندر گهڙي آيو. ڊپ وچان دادلي ماءُ جي پرسان جيڪا کٽ هئي، تنهن هيٺان اچي لڪو. دادلي ماءُ خارن وچان چيس "مرد ماڻهو ٿي عورت وٽ اچي پناهه ٿو وٺين" واڻيو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ آتو هو. عورت ڪري بچي ويو. ذاڙيل عورت کي ڏسي اُتان هليا ويا. اُن تر ۾ اها چوڻي مروج هئي ته "لاکو کٽي، باريجو کائي" لاکي تي ماڻهو چشمي مان سنان ڪرڻ ايندا هئا ۽ باريجن ۾ جيڪي چار پنج دڪان هئا، تن جي خوب ڪمائي ٿيندي هئي.

ڪجهه عرصي کان پوءِ واڻين جا اُهي چار پنج گهر لڏي اچي شهدادڪوٽ ۾ ويٺا زالون ڪچي سون سان جُنجهيل هُين.

اسان کي به اُنهن جي اُتي رهڻ سان ڏاڍو فائدو هوندو هو. ڪنهن نه ڪنهن هٿان هڙ بدڙي موڪليندا هئا. ڪڏهن سهڻا گج ۽ فدا ٿاهي موڪليندا هيون، اهڙي طرح ڪاڻ پيئڻ جون هڙ بدڙيون، جهل مان جڏهن لاري ايندي هئي ته اسان لاءِ ضروري ايندا هيون. حالانڪه اُهي قيمت جي لحاظ کان چند روپين جون هونديون هيون. پر سڪ ۽ قرب سان موڪلڻ واري شيءِ بي بها هوندي آ. جهل مگسيءَ جي مُکيءَ منومل جي گهر ۾ اسان جي گهر جي سيني پاتين جون تصويرون رکيل هونديون هيون، جن کي هر روز صبح جو اٿي پوڄيندا هئا. اڄ ڪلهه جي دؤر ۾ تصويرن جي اهڙي صدق ۽ عقيدي سان عبادت ڪرڻ بناوٽ لڳندي آهي. پر اُنهن عقيدتمندن ۾ بناوٽ نه پر سچائي هئي. هنن جي گهر جو ست ئي پيڙهيون اسان جي گهر جي پاتين کي گرو ڪري مڃينديون آيون هيون. هُن دور ۾ به اُنهن ۾ اهوئي عقيدو هو گهران پاڻي پڙهائي، .بوتل ۾ کڻي وڃڻ ٻارن کي پيئاريندا هئا. شادي مراديءَ ۾ گروءَ جي چوڻ کان سواءِ ڪجهه نه ڪندا هئا

امڙ کي هڪ پيري جهل مگسيءَ جي مُکيءَ منومل جي پٽ جي شادي جي نينڊ ڏني وئي. جڏهن لاري تان امڙ جهل مگسيءَ جي اڏي تي لٿي ته اڳ ۾ ئي بئنڊ باجن جو انتظام هو. سڄو ڳوٺ گرياڻيءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ پرڻجي پيو. جنهن کٽ تي امڙ گهٽو ئي چين ته سڀ انسان برابر آهن .امڙ کي فراسي وجهي وهڻ لاءِ ڏنائون، اُن جي واڏڻ تي ٻيو ڪير نه وِهندو هو اوهين فرق چو ٿا ڪريو؟ هنن جو اهوئي جواب "اوهين ڪٽي، اسين ڪٽي. اوهين ٿيا گرو برهمڻ. توهان جي هٿ ۾ سونو ڪٽوڙو آهي." چرچي وچان اسان جو وڏو پاءُ چوندو هو "اڙي امڙ چپ ڪريو ته ڪٽي سونو ڪٽوڙو چور نه کڻي وڃن" مطلب ته گهر جي هر هڪ پاتيءَ کي پيرين پوندا هئا. جهل مگسيءَ جي زالن جي ڳالهائڻ جو انداز ئي نرالو هو. چو .شاڪڻ ، اڙي مٺيس، کوڙ، دل وغيره وغيره اهڙن لفظن جو استعمال عام ڪنديون هيون

ڪجهه مهينا اڳ هتي دهليءَ ريڊيو تي قمبر تعلقي جو هڪ دوداڻي واڻيو آيو، مان سنڌي يونٽ ڏي مٿي لفٽ ذريعي وڃي رهي هيس. اُهو واڻيو پتو ڪندو لفٽ جي پرسان اچي مون وٽ پهتو، پڇيائين، "هتي مهراج گوپي ڪرشڻ جي ڏي ڪم ڪندي آهي چا؟ مون کي مهراج جي نياڻيءَ جو درشن ڪرڻو آهي." مون چيومانس ته "مهراج جي ڌيءُ ته مان آهيان." دوداڻي واڻئي نه ڪئي هم نه تم، منهنجي پيرن تي ڪري پيو. مان چرڪجي ويس ته ڪٿي منهنجا آفيسر يا ٻيا ساٿي نه جيڪو اُنهن جي ليکي ناٽڪ ۽ اُنهن سڌن سادن واڻين لاءِ پنهنجي گرو براهمڻ جي نياڻيءَ جي عزت احترام ۽ عقيدي .ڏسن .وارو جذبو آهي

هٿ ٻڌي چوڻ لڳو " پيڻ! اوهان کي نوڪري ڪرڻ جي کهڙي ضرورت آهي؟" اکين ۾ پاڻي تري آيس. چيائين "مهراج جي ڌيءَ ٿي ڪري ٻين جي نوڪري ڪري رهيا آهيو." مون چيومانس؛ "نوڪري ڪرڻ ۾ هرج ئي کهڙو آهي، ڪم ڪرڻ ڪا بري ڳالهه نه آهي." سنڌ مان هڪ واڻياڻي آيل هئي. مان صبح جو آفيس اهڙوئي هڪ ٻيو واقعو هتي پيش آيو. وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهي هُيس چيائين؛ " پيڻ! مون کي ڪپڙا ڏي ته استري ڪري ڏيانءِ" مون چيو مانس " استري ته ڪپڙا مون ڪري ڇڏيا آهن." حيرت وچان چيائين " هيءَ سوٽي چر جا ڪپڙا پائي ويندا؟" توهان جون ٻانهون به ٻُٽيون آهن." جڏهن شهدادڪوٽ ۾ هوندا هئاسين، تڏهن ننڍي هوندي کان ئي ٿنهي پيترن جي هٿ ۾ ڪچي سون جا ڪنگڻ هوندا هئا.

هتي اچي لاهي ڇڏياسين. واياٽي جڏهن ڳوٺ شهدادڪوٽ وئي ته اهو داستان هر هڪ کي ٻڌايائين ته ” مهراج جي ويچارين ڏيئرن جا تمام برا حال آهن. ٻانهون ٻڌيون ۾ سوٽي ڪپڙا پيون پائن.“ اها خبر امڙ تائين به پهچي وئي. مطلب ته ڪيترين کي افسوس ٿيو، ڇو جو اُتي جا واڻيا ۽ واياٽيون سون ۾ ريشمي ڪپڙي پائڻ تي ئي زندگيءَ جي اعلى معيار جو .اندازو لڳائيندا آهن

سنڌ ۾ هاڻي پڙهڻ لکڻ جو رواج ٿيو آهي، اڳي پڙهائي ايتري ڪانه هئي. ڪي ڪامورن جا، وڏن زميندارن جا ٻار پڙهندا هئا، ڇوڪريون ته بلڪل نه جي برابر پڙهنديون هيون. اسان جي پڙهڻ تي ڪيترن کي اعتراض هوندو هو ۽ ڪيترا ڇٽا ته ابي تي زور آڻيندا هئا ته ڏيئرن کي نه پاڙهيو، پر امڙ چوندي هئي؛ ” اسان جا مٽ مائٽ سڀ پڙهيل آهن، مان خود پڙهيل آهيان. منهنجون ڏيئر گهٽ ۾گهٽ مئٽرڪ تائين ته پڙهن.“ ڏٽي جو شڪر آهي ته پُل ۾ بي-اي پاس ڪئيسين، نه ته حالتون مئٽرڪ پڙهڻ لاءِ به سازگار نه هيون. هڪ ڀيري جهل مگسيءَ جو مُکي منو مل گهر آيو. پاءُ کي چيائين ” مهراج! تمام گهڻو ٿو پڙهين. جڏهن ڪ هو صرف پنجين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهي رهيو هو. اسان کي ڪل اچي وئي، اسان چيو ” منو مل! هن ست درجا سنڌيءَ جا، پنج انگريزيءَ جا، هڪ سنسڪرت جو ۽ چار درجا هنديءَ جا پڙهيا آهن.“ لڳو ”.اگرين ئي ڳٽڻ، چيائين ” اي ادا! سترهن درجا پڙهي ويو آهين، مهراج سائين ڪوڙ آهن، دل آهن ۽ هاڻي اڳتي نه پڙهجانءِ اسان سڀني جي پڙهائي تي ڪافي اثر پيو، ڇو جو اسين هندستان مٿن مائٽن سان ملڻ ايندا هئاسين. انهيءَ ڪري وچ ۾ پڙهائي جو سلسلو ٽُٽندو رهيو. واڻين جي ڇوڪرن جي پڙهائيءَ ۾ رنڊڪون نه پيون ۽ اهي تکا هوندا هئا، پر اسان جا ماءُ پيءَ پڙهيل هئا، انڪري اسان کي ايتري ڏکيائي ڪانه ٿي. رول نمبر پاس واري فهرست ۾ اچي ويندو هو. خاص ڪري .مون ۾ شروع کان وٺي اهو احساس هو ته ناپاس نه ٿيان

هئي، تنهن وڏي مدد ڪئي. اُن جي مسڪراهٽ ۽ دلاسي، (Invigilator) لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڀيري خديجا قاضي انويجيليٽر پيپر ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. مسلمان عورتون ساڙهيون گهٽ پائينديون آهن پر خديجا قاضيءَ کي سوٽي ساڙهي پٽي سان ڏاڍي ٺهي پئي، برقعو هن وٽ ڪونه هو، ڇوڪرين کان برقعو وٺي، گهر پائي ويندي هئي ۽ پوءِ واپس ڏياري .پيل هئي موڪليندي هئي. لاڙڪاڻي ۾ مهاجر ڇوڪريون هونديون هيون ۽ سنڌياڻيون تعليم واري محڪمي ۾ گهٽ هونديون هيون. هندو ڇوڪريون اسين ئي هيون سين؛ مان، منهنجي ڀيڻ ۽ هڪ ٻي ڇوڪري، منهنجي ڀيڻ جو گهر طرف لاڙو وڌيڪ .پڙهڻ طرف گهٽ هو

ٻي هندواڻي ڇوڪري ڪتابي ڪيڙو هئي، نڪ ۾ ڪوڪو، ٻه ڇوٽيون ۽ مٿي تان پوتي ڪڏهن ڪين لاهيندي هئي، ۽ آئون سان مقابلو هوندو هو. ان شرارتي Air Hostess جي PIAشرارتي ڇوڪرين جي گروه مان هڪ هيس. ڪپڙي لٽي ۾ ٽولي ۾ واحد هندواڻي هيس. ڪنهن جي مجال نه هئي، جو واياٽي ڪري سڏ ڪري، اڪثر ٻي هندواڻي ڇوڪريءَ کي مهاجر ڇوڪريون پريشان ڪنديون هيون، مهاجر ڇوڪريون ڪٽر هيون. اُن ڇوڪريءَ جو نڪ ۾ دم ڪري ڇڏينديون هيون. مون کي واياٽي يا مهتياڻي چوڻ جي ڪنهن جي مجال نه هئي، ڇو جو اُنهن کي ڄاڻ هئي ته خار لڳا ته ٻڪ وجهي هڪ زميندارِي خون، ٻيو ڳوٺ جا گيهه مکڻ کاڌل هئا. جيتوڻيڪ گوشت خور نه هئاسين. دال کائيندڙ .ڪيرائيندياسان ”.هئاسين، پر للڪارڻ جي همت ڪنهن ۾ ڪانه هئي. پنهنجو اصول هو ”ٻروچڪو پلئه ڪرڻ

۾ Debate رکي وئي. سڀني کلي چيو ته هنن جو ٽولو ته گهمڻ گهمڻ وارو آهي، هي ڇا Debate هڪ ڀيري انگريزي لاءِ لکايم.. سڀني کي غلط فهمي هئي ته هن جا هٿ Debate پنهنجو نالو .ٻهرو وٺنديون. پر مون ان للڪار کي قبول ڪيو جو وقت آيو ۽ ميدان ۾ مون پير پاتو ته خاموشي ڇائنجي وئي، پهريون انعام مون کي پلئه Debate پير ڏڪندا، پر جڏهن جنهن کي مهاجر ڇوڪريون واياٽي سمجهي نظر انداز ڪيو، اُن واياٽيءَ ٻروچڪو پلئه ڪري پهريون انعام حاصل .پيو ساڳيءَ طرح هڪ جلسو هو. اُن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي ضرورت هئي، جنهن کي رات .ڪيو لاڙڪاڻي ۾ منظور آرائين وڏو ٺيڪيدار هو، اُن جي .جو ڪردار ادا ڪرڻو هو. ڪردار کي خوبصورتيءَ سان نڀائڻو هو سالي ڊرامي لاءِ ڇوڪرين جو انتخاب ڪري رهي هئي. نجما آپا کي اهڙي ڇوڪريءَ جي ضرورت هئي، جنهن جو قد نجما آپا مهاجر هئي. هن سڀني .بت، ٻيهڪ ٺاهوڪي ۽ وار ڊگها ۽ ڪردار ادا ڪرڻ وارا چهري تي تاثرات عيان هجن جنهن تي غير سنڌي ۽ ٻين ڇوڪرين کي خار به لڳا ۽ مون کي .ڇوڪرين کي نظرانداز ڪندي منهنجو انتخاب ڪيو حيراني ۽ خوشي به ٿي. ناٽڪ ۾ منهنجي ئي ڪردار کي ساراهيو ويو. فنڪشن واريءَ رات جو جڏهن ڪاري زريءَ

تي پهتس ته خود Stage واري لباس ۾ چانديءَ واري گوٽي سان ستارن سان جڙيل لباس ۾ رات جي ڪردار ڪرڻ لاءِ منهنجي امڙ مون کي نه سجاتو. اها منهنجي ڪردار ادا ڪرڻ ۽ نجما آپا جي انتخاب جي ڪاميابي هئي. دوستن ۽ دشمنن داد ڏنو. اُهي يادگار تصويرون مون وٽ اڄ به موجود آهن.

**آپ نه پلي ڏوجهيان متيان ڏيوي**

سماج جا ٺيڪيدار سماج جي اوٺاين کي پاڙئون پٽڻ بجاءِ افواهن کي هوا ڏئي اوٺاين کي تهائين مظبوط ڪندا هئا. سرپئنچ، ها چار چڱا، جن سماج کي سڌارڻ جو ٺيڪو کنيو هو. مُکي ۽ سيٺيون آپ نه پلي ڏوجهان متيان ڏيوي واري ڳالهه هئي ڪنهنجي پٺ ورائي ڏسڻ بدران ٻين جي عزت تي وار ڪندا هئا ها. اڄڪلهه اهو ته دنيا جو دستور آهي. مينهن چوي ڳانءِ کي هل پڇ ڪاري. بس ستي ٿي سيڙائي لنبي ٿي لاڏ ڪري سماج جا اهي ٺيڪيدار مکي ۽ سيٺ چار چڱن جي گهرن ۾ جنم وٺڻ سان پنهنجي خاندان جي نالي ناموس سان گڏ پنهنجي جنم ڪنبليءَ ۾ عزت تي حملي ڪرڻ وارو وار ڏٺي وٺان پنهنجي گرهن سان گڏئي لکائي آيا هئا. پنهنجي مرتبي ۽ سرپئنچي جو مڪمل فائدو وٺي اهي نام نهاد سماج جا ٺيڪيدار پاڻ کي پاڻ سرپئنچ ڪوئائڻ وارا معصوم غريبن کي انهن چئن چڱن جي درٻار ۾ پيش ڪندا هئا ۽ انهن هٿيار بندن جي ٽوپي اڇاليندا هئا. ۽ انهن کي جاتيءَ تي داغ لڳائڻ جو الزام لڳائي جوابدار ۽ تلاهي ٺهرائيندا هئا.

اهو سلسلو اها درٻار ڪنهن نه ڪنهن چڱي مڙس جي اوطاق تي چلم چڪڻ جي روايتي رسم سان شروع ٿيندي هئي ڪنهن تي الزام هٽندا هئا ته تنهنجي پيڻ جي چال چلت ٺيڪ نه آهي ڪنهن کي نصيحت ڪندا هئا ته تنهنجي ڌيءَ اوسر ڪاڏي آهي جلدي پرڻاءِ پوءِ چاهي چوڪرو انڌو هجي ڪاڻو هجي يا پوڙهو يا وري اٺن ٻارن جو پيءُ مطلب ته ڪنوارو وياءُ گهر ۾ وهارڻو نه آهي. ڪيترا مت جا موڙها ۽ ڳنڍ جا ڳوڙها سماج جي ٺيڪيدارن کان ڏڃي وڏاتا جو ليک سمجهي هونئن به اسين ماحول، زماني جي گردش، مٽ مائٽ، سماج ۽ پنهنجين ڪمزورين ڪري وڏاتا جو ليک .فيصلو ڪندا هئا سمجهي چوندا آهيون ”جن لکيو ڙي منهنجو انگ اديون قلم کان ڪاڏي وڃان“ يا وري ”ڏني ڪا ماءُ سورن جي پينگهي منجهه لولي الا! “چئي، خاندان ۽ سماج جو ڏر رکي ڏکن سکن کي گلي لڳائي ڇڏيون يا وري ان زندگيءَ کي پنهنجو رهبر ٻڌائي ڇڏيون. اهڙين حالتن جو شڪار اڪثر ڪير نه ڪير ٻڻجندو هو. ايتري قدر جو شينهن مرد به سماج جي ٺيڪيدارن مکين ۽ چئن چڱن ۽ دنيا جي آڳرين کان ڏڃي فيصلو وٺندا هئا، چاهي پوءِ انهن عزت جي علمبردارن جي خود گهر ۾ ڪاٺ لڳل هوندو هو. ڪنهنجي ننهن ڏير سان نهيل هوندي هئي، ڪا سهري سان، ڪا منشي سان، ته ڪا گهران پڇي ويندي ڳڙ چاٽي ڳڙ جي ڳوٿري.“ انسان خطائن جو گهر آهي. تلاهي ” .هئي. هتي اهڙن جي نالن ڏيڻ کان ڪنارو ڪريان ٿي ٺهرائڻ وارو بندو نه بلڪه خدا آهي. ڏٺي در گناهه گارن جي قطار مان پاڻ کي ڇڏائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ بي سود جدوجهد ۽ جنگ ۾ ڪوڙي فتح پائڻ جو ناٽڪ ڪري دل ئي دل ۾ بي انتها خوشي ٿيندي آهي، ته انهن گناهه گارن جي فهرست ۽ دائري کان ٻاهر آهيان. پنهنجي حماقت ۽ بناوٽ تي ڏک نه بلڪه خوشي جو احساس ٿيندو آهي. هر انسان گناهگار آهي، پر اگر انسان جو گناهه کان پلاند آجو هجي ته اهو انسان نه پر فرشتو سڏجي ٿو. جيڪي ٻين کي نصيحتون ڏيندا هئا سي خود بدڪاريءَ ۽ بدچلنيءَ جو شڪار هئا. ٻيو ته شهداد ڪوٽ جي پنگياٽي، نالو نه ٿي ڏيان، جنهن هڪ عزت دار سان شادي ڪئي آهي. اُن جا ڪيترائي عاشق هئا. جنهن حقيقت کان ڪوبه انڪار نه ڪري سگهندو. انهن عزت دارن جي عزت بچائڻ لازمي به آهي ۽ فرض جي تقاضا به، ڌرمي ۽ مذهبي اسٿان پڻ اهڙن افواهن جو اڏو هوندا هئا. ان معاملي ۾ زالون به پٺتي ڪونه هيون ”ڏاچي ڏهه ته توڏو هٽي تيرهن“ ڪا چوندي هئي ته منهنجو مڙس منهنجي ماءُ يعني پنهنجي سس سان نهيل آهي. ڪا چوندي هئي، ڏيرياڻيءَ کي ڏسي ٺريو پيو ٺري. مطلب ته ”ڳڙ چاٽي ڳڙ جي ڳوٿري“. امڙ وٽ اچي روئڻا روئنديون هيون. ٻيو ته مڙسن تي جادو ٽوٽا ڪرائينديون هيون. ملان ۽ ٻيبين کان تعويذ وٺي پيون پائينديون هيون. يونگين فقيرن وٽ اولاد جي آس ۾ سڀ ڪجهه لٽائي اندر جون مڪون اندر ۾ هٽي واپس ورنديون هيون. هڪ اهڙو ئي پهتل درويش شهدادڪوٽ ۾ آيو. جنهن جي چڪر ۾ ڪيتريون هندواڻيون، شيخياڻيون ۽ مسلمانيون ور چڙهيون، ڪجهه عرصي کانپوءِ اُن پهتل پير کي ڪوئيٽا بلوچستان ۾ پوليس هٿڪڙيون وجهي، سچي شهر ۾ گهمايو.

ڪاش اسان جي عورتن کي عقل اچي. ان انڌ وشواس۽ پرائي پچار واري ناسور کان نجات حاصل ڪن. هڪ ڏهاڙي هڪ عورت امڙ وٽ آئي چيائين؛ منهنجو مڙس وقت به وقت پنهنجي پاڙي واريءَ سان ويٺو آهي. امڙ پئي سيني کي سمجهائيندي

هئي ۽ دلجاءِ ڏيندي هئي ۽ هدايت ڪندي هُين ته مڙدن تي شڪي نظر رکڻ سان ڪم تهائين بگڙجي ويندو، ان ڪري اهڙين ڳالهين کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. اجايو ٻين جي خاطر پنهنجو نهيل نڪيل گهر تباهه نه ڪريو. پڙهيل لکيل شهري چوڪرين تي طنز ڪرڻ کان مڙنديون نه هيون، پر خود انهن کان به هٿ اڳتي هونديون هيون. اسان جي گهر ۾ کوهه آهي. اُتي اوڙي پاڙي جون واڻياڻيون اچي ڪار جا ٿين ڌوئينديون هيون. امڙ کان اچي اجازت وٺنديون هيون. امڙ ڪار جي ٿينن ڌوئڻ جي اجازت ڏيندي هُين. پر سنانُ پاڻي ڪرڻ تي پابندي ۽ 144 قلم لاڳو ڪندي هُين. امڙ چوندي هين. ڪپڙا ڌوئو، پر سنان وڃي پنهنجي گهر ڪريو. ڪڙتو ململ جو، سٿڻ ململ جي، پورا ڪپڙا پڇي ويندا هُين. جنهن مان اڌ جسم جي نمائش خير اهو ته ٿيو اسان جي گهر جي چار ديوارين اندر. پر ڪيترين ته شهدادڪوٽ ۾ ڪو ننڍي پاڻيءَ جو واهه .ٿيندي هُين وهندو هو ۽ جنهن پرسان ريل جو بند ۽ ٿورا پر پريان باغيچا شروع ٿيندا هئا، اتي به مايون ڪپڙا ڌوئڻ ويندين هيون.

اسين به ننڍا هوندا هئاسين ته شوق سان پاڙي وارين سان گڏ سوئنٽي داٻڙو کٽائي، ڪور تي مستي مارڻ ويندا هئاسين، اُتي به انهن ماين جو اهڙوئي حال هو. ڪپڙا ڌوئيندي ڌوئيندي، اڌ جسم جي نمائش ٿيندي هُين. شاباس سنڌي مسلمان جي شرافت کي ڏجي، جو ڪنارو ڪري هليا ويندا هئا. خير پنج ئي آڱريون برابر نه آهن، ڪي نظرون بچائي ڏسندا، کلندا، مخول يا اسان .ڪندا لنگهندا هئا. اها خبر جڏهن بابي سائينءَ وٽ پهتي ته پوءِ واڻياڻين جو ڪور (ننڍو واهه) تي وڃڻ بند ٿي ويو ڪجهه عرصي کانپوءِ گهرن ۾ سرڪاري مٺي .جي گهر اچي کوهه تي ڪپڙا ڌوئينديون هيو، يا وري پنچائتي کوهه تي .پاڻيءَ جا نلڪا لڳا. تنهن کانپوءِ وڃي اهو سلسلو بند ٿيو

شادي غميءَ ۾ پير پرڻ جو به ڏاڍو شوق هوندو هُئن. پوءِ چاهي رستو ڏٽ پرت يا پاڇي وغيره جو هُجي يا نه هُجي. پير پرڻ کان وڌيڪ رونشو هوندو هُين. پڳوان سُک ڪري، شل نه ڪٿي ڪا غمي ٿئي. پنچائتي ٿهليو سڌ تي مس نڪرندو هو ته سپ اتي پهچي ويندون هيون. زالون ته ضلعي واري گهر جي پاٽين کان وڌيڪ پار ڪڍي روئنديون هيون. پرائي تڏي تي، پنهنجي مئل سسن، سهري يا ڏير ڏيرياڻيءَ جا پار ڪڍي اوچنگارون ڏيئي، پوتيءَ سان نڪ اگهي پيون روئينديون. بس ڪجهه دير کانپوءِ پار بند ڪري منهن کولي پوتيءَ سان نڪ رڳڙي، اُتي جو اتي پرائي پچار کي لڳي ويندون هيون، .“”اهي ئي لاٿون اهي ئي چڳهه

جڏهن اسان جو ڏاڏو سائين گذاري ويو ته تڏي تي اچي پار ڪڍي روئڻ لڳيون ۽ زوريءَ امڙ کي چوڻ لڳيون ته پار ڪري روءُ. هڪ واڻياڻيءَ امڙ جي رئي کي چڪ ڏيئي، امڙ جو منهن ڍڪيو. امڙ کي منهن ڍڪڻ ۽ پار ڪڍڻ جي عادت ڪانه امڙ کي پاڪر پائي، .هئي. امڙ سٽ ڏئي رئو منهن کان پري ڪيو . امڙ کان وڌيڪ ٻيون پار ڪڍي ڪري روئڻ لڳيون ڏاڏي سائينءَ جون ڳالهيون ياد ڪري اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳيون. امڙ جي اکين مان صرف ڳوڙهن جي ڌارا جاري هئي، ساڳيو حال اسان ٻارن جو به هو. امڙ کين چيو ”ٻار اڳيئي پريشان آهن. مهرباني ڪري پار نه ڪڍو نه ته ٻار بيمار ٿي پوندا.“ تڏهن وڃي ماين ماٺ ڪئي. اُنهن جي دل ڏاريندڙ پارن تي گهر جا پاتي ڪڪا وڪا ٿي رهيا هئا. بس ڪجهه گهڙين چاهي شادي مُرادي هجي يا جٽين .کانپوءِ وري ڳالهين ۾ لڳي ويون. مطلب ته مايون هر ڳالهه ۾ اڳ اڳريون هونديون هُيون جا لاڏا هجن. يا وري ڏڻ وار هجن. ٿنڙيءَ تي دل کولي داءُ هٽنديون هيون. ٻن ٽن واياڻين جي گهر ته ڪافي وڏو پڙ هوندو ڪٿي روپيو اچپ هوندي هئي ته ڪٿي پنج. ڪٿي ڪٿي ته سؤن تائين اچپ ڪنديون هيون. ڪي وري بلئڪ تي اچپ .هو ڪنديون هيون . جن وٽ پئسو ڪونه هوندو هو، سي بادامين تي راند ڪنديون هيون. سڀني کي ٿنڙيءَ تي جوئا ڪندي ڏسي اسان جي دل سرڪندي هئي، پر امڙ ۽ ابو ٿنڙيءَ جي اچڻ کان اڳ ئي پئسا ڏوڪڙ يا خرچي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيندا هئا ۽ چِتاوني ملندي هئي ته اگر ڪٿي ٿاس ڪندي ڏٺو ويو ته هَڏ گُڏ پڃي ڇڏينداسونوَ. دل پئي سرڪندي هئي. پوءِ پيا الڳ ڪنهن جي اڳيان .الڳ گهرن ۾ لڳل ٽڪريون ڏسڻ ويندا هئاسين. سڀئي زالون پيون ڪرڙين نظرن سان ڏسنديون هُيون پتن سٺن نه اچڻ تي خاصي دٻ “ويهي تري کوڙيندا هئاسين ته ڪاوڙ ملندي هئي، ” تري نه کوڙ مان هارائيندس .ڪڍنديون هيون، هڪ هنڌان ڌِڪو ملندو هو ته ٻئي هنڌ ٻي ڌِڪو ڏيندي هئي، ته ٿينءَ جي پر ۾ وڃي وهندا هئاسين

اسان جو پاءُ اشوڪ ڪوئيٽا ۾ نوڪري ڪندو هو. اشوڪ چڱو چلتو پرزو هو. هن وقت اسپين ۾ آهي اسان تي ڪافي اثر رسوخ هوس. خبر هئس ته چغلي لڳڻ جو امڪان گهٽ آهي انهن عورتن سان گڏ اهو به تاس کيڏڻ ويهي رهندو هو، اسين خرچي جي لالچ تي گهر ڪونه ٻڌائيندا هئاسين، اشوڪ جي اها ساعت گهٽي هئي هميشه کٽندو هو، صرف ڏهن ويهن رپين سان راند شروع ڪندو هو، سؤ سؤ تائين کٽي اٿڻ لڳندو هو، ته زالون زوري پڪڙي ويهارينديون هيس، ته اڌ ۾ نه وڃ،

سپني جا پئسا ڪٽي ٿو پچين، پر بابي سائينءَ جو نياپو پهچي ويندو هو، ته اشوڪ ۽ ٻار ڪٽي به هجن ڳولي وٺي اچون، ٻارن جو گهر کان ٻاهر ۽ غير حاضري جو مطلب جوا جي ٿڪرين تي وڃڻ. بابي جي نياپي پهچڻ تي اسين سڀ ائين پڇندا هئاسين جيئن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ. زالون به ڊپ وچان خاموش ٿي وينديون هيون، ساڳي طرح مردن جا به الڳ الڳ جوا جا اڏا ۽ ٿڪريون لڳنديون هيون، پوليس کي به ڄاڻ هوندي هئي، صوبيدار ڪيسو گرم ڪندو هو، پر جي ڪنهن ڪيسو گرم نه ڪيو ۽ سٽيو گراهڪ هوندو هو ته ان تي ڇاپو هڻائيندا هئا. ڪيترن کي ته بابو سائين ضامن ٿي ڇڏائي ايندو هو. هڪ پيري رات جو ستا پيا هئاسين ته اسان جي سامهون واري اوطاق ۾ ٺڦا ٺڦي ٿي وئي، رڙ واڪو ٿي ويو، ”مهراج سائين مهراج سائين بچايو“، اسين سڀ ٻار ۽ بابو سائين ڏڪندا وياسين. صوبيدار جو ڪيسو گرم نه ڪيو ويو هو، تنهن ڇاپو هڻايو هو، ڪيترن جون واچون سونا سڳا، پونچيون، لاهي ورتائون. ڪن وري چالاڪي ڪري سونا بٽڻ، سڳا وغيره بابي مڙئي صوبيدار کي چؤ چواءِ ڪري ۽ پنهنجو اثر رسوخ هلائي .سائين جي ڪيسي ۾ ڪري وڌا. انهن جو مال بچي ويو .واڻين جي جند ڇڏايائون. مختيارڪار ۽ صوبيدار چوندا هئا مهراج تون وچ ۾ نه پئو اسان کي نقصان ٿو پوي

اسان جي واڙي جي سامهون هڪ واڻئي جي اوطاق هئي جنهن ۾ هڪ مسلمان ڪٽنب رهندو هو، اتي روز رڙ واڪو لڳو پيو هوندو هو. عورت ابتي پير تي هئي. هر روز تماشو لڳل هوندو هو. وڏي مشڪل سان انهن کي اٿاريوسين. مسلمانن ۾ ڏي وٺ جو به سرشتو تمام خراب آهي، پوءِ چاهي جوڙي ٺهي يا نه ٺهي، عمرين به ڪافي تفاوت هوندو هو. ٻه ٻه ٽي ٽي زالون پرڻجڻ ڪري گهرن ۾ ڪٽڪو لڳو پيو هوندو هو. ڪيترا ته اهڙا به هوندا هئا جو ڍور ڍڳي وانگر عورتن جو سؤدو ڪڌهن ڪڌهن انهن ڳالهين تان خون به ٿيندا هئا. بس پوءِ ڪچهريءَ ۾ هڪ ئي بيان هوندو ”ڪارو ڪاري .ڪندا هئا .ڪري پڪڙيو سين“. جيلن مان ڇٽي ايندا هئا يا خون جو بدلو خون سان وٺندا هئا

اسان جي تر جا زميندار پنهنجي وڏن جي مزار تي پڳ لاهي رکندا ”جيستائين خون جو بدلو خون نه وٺنداسين، تيستائين اها پڳ نه پائينداسين“. اسان جي گهر جي سامهون انهن جو تڪرار وارو زميندار رهندو هو. حاجي الاهي بخش کوکر جنهن تي ڪيترا خون جا حملا ڪيا ويا. ان جي پٽ تي ڪيترائي پيرا بندوق سان حملا ڪيا ويا، هر پيري بچي ويندا هئا. ان جي نوجوان فرزند تي ايترا ته حملا ڪيا ويا جو هو بدصورت ٿي پيو. نيٺ ڪيس قتل ڪري بدلو وٺي پوءِ ئي پڳ پاتائون. ان نوجوان جو والد الاهي بخش کوکر مونکي بيحد پائيندو هو، مهالڪشمي ايندي هئي ته سڏ ڪري چوندو هو ته ”وينا! ست پُٽا ته ڪاراءِ“ يا وري ٽڌڙيءَ جا لولا ڪائڻ ايندو هو. اڄ ڏينهن تائين ان جو ڪنن ۾ آواز گُونجندو آهي. اکين آڏو سندس صورت اچي ويندي آهي. اڇي ٻگهي ڏاڙهي، رنگ صاف، اکين جا تارا ناسي، وڏي ويڪري سلوار ۽ ڪڙتو ململ جو، .مٿان پٽڪو ٻڌل، ان ڇهري کي پلائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي آهيان، پر ڪاميابي پلئه نه پوندي آهي

**!ستي ٿي سيڙائي، لنبي ٿي لاڏ ڪري**

چوٽي آهي ”هجئي ناٽو ته گهم لاڙڪاڻو !“ اها چوٽي ڪا غلط نه آهي، ڇو جو لاڙڪاڻي جو رائيس ڪئنال لاڙڪاڻي کي سارين جي پوک سان مالا مال ڪري ٿو. لاڙڪاڻي تر جي سارين جي پوک نه صرف مڪاني ضرورتن جو پورائو ڪري ٿي، پر لاڙڪاڻي مان بنگلاديش ڏي به 1981ع کان اڳ چانورن جا گاڏا روانا ڪيا ويندا هئا، ڇو جو ڍاڪا جا بنگالي .چانور جو جهجهو استعمال ڪندا آهن

ساڳيو ئي حال سنڌ جي سنڌين جو به آهي. جي چانور نه ملي ته ماني اڌوري رهندي. هڪ ويلي تي چانور ضرور کپن. سياري جي منجهند جو ۽ اونهاري جي رات جو. ڳوٺن ۾ ته اڪثر گرمين ۾ رات جو کير چانور کائيندا هئا. اها خوراڪ ڪا مجبوريءَ وچان نه بلڪه خوشيءَ سان ورتي ويندي هئي. ان ۾ ڪنجوسائيءَ جو ته سوال ئي نه پيو اُٿي. جن جي سارين جي پوک هئي، سي ته خوش قسمت سمجهيا ويندا هئا. انهن چند خوش نصيب زميندارن ۾ اسان جي گهر جو به شمار ٿيندو هو. ڇو جو لاڙڪاڻي ۽ قمبر وچ ۾ ٽنبي جي ڳوٺ ۾ اسان جون ٻنيون هونديون هيون، جتي سارين جي پوک پلي ٿيندي هئي. شهدادڪوٽ اناج جي وڏي ۾ وڏي منبي آهي. اُتي سڄي تر جا زميندار ۽ هاري، ساريون يا ٻيو فصل ڪٽي ايندا هئا. فصل لهڻ وقت شهدادڪوٽ جي اناج منبيءَ ۾ ڏاند گاڏين ۽ اُٺن جي پيهه لڳل هوندي هئي. فصل لهڻ دوران ڏنڌوڙين جو ڪاروبار عروج تي هوندو هو. ڪو هر وڪڻندڙ به سانجهيءَ جو جڏهن گهر موٽندو هو ته ٻارن ٻچن لاءِ مند آهر ڪاشيءَ واپارين جون ته پنج ئي آڱريون گيهه ۾ هونديون هيون. اُهي گاڏا پري الڳ الڳ شهرن ڏي روانا ڪندا هئا. .وٺي ايندو هو اسان جي ٽنبي واري زمين جو فصل پلو ٿيندو هو، ڇڻ ته سون پيدا ڪندي هئي. نوٽن جا ٿها ئي ٿها ايندا هئا. اڪثر پاڻيءَ

واهي جي يا بند پچڻ تي جهيڙو ٿيندو هو. جتي اسان جو بروهي ڪمدار امير بخش ڪهاڙي ۽ بندوق سان مقابلو ڪري سيني کي ٻوڙائي ڪيندو هو. امير بخش بروهيءَ جون خود پنهنجون زمينون هونديون هيون ، ۽ هو پنهنجي بروهي قبيلي جو سردار پڻ هو. هو پاڻ سان بروهين جا 50_60 گهر وٺي لڏي اچي اسان جي ٽنڊي واري زمين تي آباد ٿيو هو. امير بخش بروهيءَ جو ٽنڊي واري زمين تي اچڻ سان چڻ اسان جي لاءِ سنهري قسمت جي ۽ زر جي نديءَ جي وهڪري بند امير بخش سنڌي مسلمان نه بلڪه سمرقند، بخارا، يا تاشقند جو روسي مرد لڳندو هو. اچي .پچي ناٽي جو سيلاب آٽي چڙيو ٻگهي ڏاڙهي، رنگ گلابي، نڪ ٻگهو، قدآور، اکيون شيريون، گهر ۾ ايندو هو ته خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويندي هئي.
گهر جي اندر غير مردن، خاص طور مسلمانن جي اچڻ تي پابندي هئي. حالانڪه پڙدو ڪونه هو. پر تڏهن به غير مردن جي داخلا تي پابندي هئي. پر چند شخصيتون هيون، جن کي مسلمان يا غير مرد نه بلڪه گهر جي ڀاتين وانگر گهر ۾ اچڻ جي اجازت هئي ۽ امير بخش اُنهن چند شخصيتن مان هڪ هو. اسان جي گهر لاءِ ته صرف هاري هو، پر پنهنجي قبيلي جو سردار ۽ خود زميندار هو. نوٽن جا ٿها آٽي امڙ جي پلاند ۾ وجهندو هو. جيڪا ابن ڏاڏن جي جهوني ڪٺ لڳل ٽجوڙيءَ ۾ نوٽن کي ٺونسيندي ويندي هئي. هڪ طرف چانديءَ جا باسڻ برتڻ، ٻئي طرف وڏن ابن ڏاڏن جي ٺهرايل مندر جي پڳوان جا چانديءَ جا مڪٹ ۽ ٻيا زيور وغيره هوندا هئا. اُن خوش نصيبيءَ ۽ زر جي ڦوهه وهڪري تي نه صرف بندن کي پر ڏٽيءَ کي به هوس ۽ حسد ٿيڻ لڳو. شايد انهيءَ هوس ۽ حسد ڪري اُن راجائي دؤر کي وقت ۽ قدرتي قهر جي چپيٹ .ڪمزور ۽ هيڻو بڻائي ڇڏيو
امير بخش جي فرزند يا ٻئي ڪنهن ويجهي عزيز ڪنهن جو خون ڪيو، جنهن ڪري شيردل همراهه جي دل پچي پئي. امير بخش پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ زر مان دلچسپي ۽ موهه ڇڏي تياڳ طرف لاڙو ڪرڻ لڳو. عمر پنجاهه کان مٿي بابي سائينءَ .هئس، پر طاقت ۽ همت نوجوانن کان به گهٽي. امير بخش جي هڪل تي ڇگن پلن جو هانءُ ڇڇي پوندو هو کي چيائين؛ ”مرشد! مان هاٽي ٽنڊي مان وڃڻ چاهيان ٿو. مون کي اجازت ڏيندا.“ نه صرف بابو سائين، پر امڙ ۽ اسين سڀ ٻار وڪوڙي وياسين کيس ته ”اسان کي ڇڏي نه وڃ.“ پيار جي زنجيرن ۾ جڪڙيل، مايوس دل هوندي به ارادو ترڪ ڪري ڇڏيائين. پر مالڪ کي ته ڪجهه ٻيو ئي منظور هو. ٻلا قدرت جي ڳجهه ۾ ڪنهن هٿ وڌو آهي. اوچتو فصل کي ڪيڙي لڳڻ وارو دؤر شروع ٿيو. سارين جو فصل تيار ٿي بيهي، جڏهن لابارو لهڻ وارو هجي، تنهن کان اڳ ڪيڙو اچي مار ڪري، فصل برباد ٿي وڃي. ڪٺ سٺ جو ته سوال ئي نه پيو اٿي. اهو سلسلو هڪ سال، ٻئي سال، ٽئين سال لڳاتار جاري رهيو. ڍل جي معافي، ملڻ نه ملڻ جهڙي، تپيدار اچي ڍل جي وصوليءَ لاءِ ديرو ڄمائيندو هو. هوڏانهن امير بخش پنهنجي گهرو حالتن ڪري دل لاهي چڪو هو، امڙ ۽ ابي کان هٿ ٻڌي نوڙت ۽ نياز سان اجازت گهريائين. نه چاهيندي به امڙ ابي، بي دليو وڃڻ جي اجازت ڏنس. امير بخش بابا جن کي تسلي ڏيندي چيو؛ ”مرشد مان ڪو پري نٿو وڃان، پنهنجي ڳوٺان، ٻارڙن سان ملڻ ايندو رهندس.“ جنهن بهادر بروهيءَ کان تر جا سڀ هاري ناري ٻڃندا هئا، اُهو نيڪ بخت انسان .ڪمزور ۽ هيڻو پئي لڳو. اکيون آليون ڪري الوداع ڪيائين
امير بخش نه ويو، پر پاڻ سان ڪجهه وقت لاءِ اسان جي قسمت به ڪٽي ويو. جنهن ٽنڊي واري زمين کي خريد ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا زميندار نوٽن سان جهول پري ايندا هئا، اُها زمين پڙ پانگ ٿي وئي. اهو سلسلو سال ٻه نه بلڪه لڳاتار ڏهن سالن تائين جاري رهيو. حالانڪه ٻيون جايون، دڪان هئا، شهدادڪوٽ ۾ هڪ هوٹل ۽ هڪ جاءِ سرڪار کي پوسٽ آفيس طور ڏنل هئي. پڪي عمارت هئي، جيڪا اجا تائين سرڪار وٽ ئي آهي، انهيءَ ڪري گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ جي نالي سان شهدادڪوٽ جي پٽي تي خط پهچڻ ۾ ڪابه دقت نه ٿيندي هئي. پوسٽ آفيس ۽ ٻين جاين جي مسواڙ ۽ ٻنيءَ ٻاري مان ايترو پورائو نه ٿيندو هو. گهر ۾ هر روز مهمانن جي اچ وڃ هوندي هئي. مٿان وري مهمان نوازيءَ وارو پهاڪو ته مهمان ته قسمت وارن جي گهر ۾ ايندا آهن. هڪ ويندو هو ته، ٻيو ايندو هو، جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي طبقا شامل هوندا هئا. خرچ برداشت نه ڪندي به مسڪراهٽ ۽ ڪلي ڪيڪاري مهمان نوازيءَ جو فرض ادا ڪيو ويندو هو. مهمانن جي پيهه تي ڪيترا سچو ڏينهن چانهه جا ”ماڻهو امڙ ۽ ابي کي چوندا هئا، ”توهان تي دڙ وڏي آهي، پنهنجو پرائو هر ڪو اچي ٿو خيما کوڙي ٻاٽلا پيا چڙهندا هئا. جنهن تي ڪڏهن ڪي واياٽيون پنهنجائپ ڪري بابي تي ڪاوڙجي به وينديون هيون ته دوست چاهي دشمن کي بنا حجاب داخلا ٽڪيٹ جاري ڪئي اٿو. اڳلو توهان کي چاهي نه چاهي. اوهان ڪري پندارو لڳايو ٿا. ”گُهر ته گهرانءِ“ ماڻهو توهان جي مخالفت ڪن ۽ اوهين آهيو، جو پنهنجي گهر ۾ مهمان نوازيءَ ڪري ڪين پناهه پيا ڏيو. نانگ کي ڪيترو به کٽي کير پياريو، پر نانگ ڏنگ ضرور هڻندو. پر انهن هدايتن ۽ نصيحتن جو امڙ ۽ ابي تي اهڙو اثر

ٿيندو هو، جهڙو اونڌي گهڙي تي پاٽي. مالي حالت تنگ هئڻ جي باوجود مهمان نوازيءَ کان ڪين ڪيٻائيندا هئا. مهمانن جي دڙ جي باوجود مسڪرائيندا هئا. پر اسين ٻار جٺ ڦٺ ڪندا هئاسين. ايتري قدر جو ڪمدار جلال خان به ڪاوڙ ۾ اچي ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو؛ الله سائين تنگ به پٽين جي نٿو پڇي. ان مهمان نوازيءَ جي نتيجي طور اسان جيڪي امير بخش جي گهر وارين عورتن جهڙا چٽڪا ڪچي سون جا ڪنگڻ ۽ جهومڪ نهرايا هئا، سي سڀ ڊلن ۽ پلاوٽي جي نذر ٿيندا ويا. جيئن ئي فصل تيار ٿئي ته ماڪڙ ۽ ڪيڙو اچي مار ڪري .پلاوٽي کان ٻج ۽ پاڻ وٺي، ٿنڊي وارين ٻنين تي لڳايو وڃي ائين چئجي ته زندگيءَ جو اُهو دور بدترين دور هو، جو گهر جو ڪمدار، جيڪو گهر جو پاتي، منشي ۽ مالڪ ڪٽي چئجي، اُهو پنهنجي گهران ڪڏهن ڪڏهن ڪڪڪ ۽ چانورن جون ڳوٽيون ۽ پنهنجي باغيچي مان پاڇيون ڪٽي ايندو هو، جنهن سان گهر ۾ مهمانن جي پورائيءَ لاءِ ٿوري مدد هوندي هئي. مثان پلاوٽي جو وياج پٺيان وياج امڙ چوڻ لڳي؛ ”وڏن جو پاراتو لڳو آهي.“

ٿنڊي واري زمين اسان جي بابي جي ڏاڏي جي هئي، جنهن کي آل اولاد ڪون هو. امڙ ڪاوڙجي چوندي هئي ”ان کان ته ڪنهن کي دان ڪري ڇڏيو ها ته سٺو. اُن جي نالي تي زمين وڪڻي هردوار ۾ مندر نهرايو ها ته چڱو.“ ان زمين جي مالڪ ڪشور داس کي آل اولاد ڪونه هو. اسان جو ڏاڏو سائين ئي سندن واحد وارث هو.

امڙ جو بابي سان ان ڳالهه تي تڪرار به ٿيندو هو. پر اهو تڪرار نرالو هو. نه پٽ، نه پاراتو، نه گار نه گٿو لفظ نه ئي گهر ڇڏڻ جي ڌمڪي ۽ نه ئي ڪني عورت وانگر وڏي واڪي جنگ جوٽڻ. ڪڏهن ڪڏهن اسين ٻار، جلال خان ۽ ايتري قدر، اسان جو ڏاڏو ۽ سندس سهرو چرچ ڏيندا هئاسين ته ”بي انصافيءَ ۽ غلط طريقي واري مهمان نوازيءَ خلاف آواز اٿاريو.“ پر امڙ چوندي هئي؛ ”خانداني عورت جو اهڙو وڙ نه آهي.“ امڙ جو والد ڪراچيءَ ۾ آنري مئجسٽريٽ ۽ اسان جي ناني، بوبڪن جي اڻ پڙهيل ڳوٺاڻي عورت هئي، پر عقل ۽ سياڻپ ۾ پڙهيل لکيل به اُن جي اڳيان پاڻي ڀرين. اسان جي ناني ٻه شاديون ڪيون. اسان جي ناني ۽ نانيءَ جي عمر ۾ وڏو تفاوت هو. ننڍيءَ عمر ۾ ئي ڏهاڳڻ بڻجي وئي ۽ امڙ جيڪا سندس آخري اولاد، ۽ پائرن ۽ پينرن ۾ ننڍي ۾ ننڍي هئي، تنهن کي شاديءَ وقت هدايت ڪيائين ته ”تنهنجو آواز گهر جي چوديواري کان ٻاهر نه نڪرڻ گهرجي.“ امڙ به پنهنجي ماءُ جي هدايت کي ڪري ڳنڊ ٻڌي. ڪراچيءَ جي اُن شهري ماحول کي ترڪ ڪري، ڳوٺ جي گهٽيل ماحول ۽ عمرڪوٽ واري بند کي گلي لڳايائين. ڪراچيءَ ۾ امڙ اولڊ ٽائون ڪانگريس شاخ جي ڪئپٽن ۽ ڪنيا ناري منڊليءَ جي جنرل سيڪريٽري هئي. مهاتما گانڌيءَ، سروجني نائڊو، ونودني، سر رامن پائي، ليڊي هاروئن مهوٽا ۽ سيٺ رتن چند جهڙين شخصيتن سان سماجي خدمتن ۽ پرارٿنا سڀائن ۾ پنهنجي اولڊ ٽائون جي چوڪرين ۽ عورتن کي وٺي ويندي هئي، جتي اڪثر عامليائين چوڪرين سان اصولي تڪرار ٿيندو هئن. هڪ ڀيري دادي چيٺي سپاهيملاڻيءَ سان گڏ ڪيترن دڪانن تي ولديشي ڪپڙي کي تياڳ ڪري سوديشي ڪپڙي جي وڪري جي هدايت ڪرڻ لاءِ وئي. اُن تي دڪاندار چيٺي سپاهيملاڻيءَ سان ٽڪر کاڌو جنهن کي هٿ ۾ ولائتي واچ پئي هئي. چيائين؛ ”دادي خود ته ولائتي شيون واپرايو ۽ اسان غريبن جي روزگار تي لت هڻڻ لاءِ اسان کي هدايت ڪريو ٿا. هيءَ جنهن تي امڙ کي ”واچ ته پهرين لاهيو.“ امڙ دوڪاندار کي ٿاريندي چيو ته ”اوهان کي غلط ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي چيائين؛ ”ستي پيڻ! اوهان وچ ۾ نه پئو، مان ڏسان پيو، اوهين ڪاڏي واپرائيندا آهيو، پر هن داديءَ کي ڪوبه چوڻ جو حق نه آهي.“ جنهن تي پيڻ چيٺي سپاهيملاڻي ڪکي وکي ٿي وئي. دادي چيٺي سپاهيملاڻي، ڪراچيءَ جي ستي شاهاڻي، ساوتري آڏواڻي، امڙ جي عزت ڪنديون هيون ۽ ڪم جي تعريف به اُن زماني ۾ جڏهن روپئي جو ملهه اجوڪي سؤ برابر هو، تنهن وقت ۾، پنج سؤ رپيا بهار ٻوڏ فنڊ ۾ گڏ ڪري امڙ ڏنا هئا. اهڙي شخصيت ۽ ڪردار هُين، جو ڪير به ستي پيڻ کي انڪار نه ڪري سگهندو هو. ڪنهن ذڪر ڪيو ته دادا ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ستي ۽ ساوتري (امڙ ۽ امڙ جي پاءُ جي ڪراچيءَ جا بنيادي رهاڪو ستي، ساوتريءَ ۽ جيٺلي سسٽرس جي نالي سان واقف هوندا، جن .ڏيءَ) جو ذڪر ڪيو آهي جي ڪراچيءَ ۾ سماج سيوا، اخلاق ۽ تهذيب ۾ هاڪ ۽ ڌاڪ هئي. امڙ اهڙي دؤر کي الوداع ڪري ڳوٺاڻو ماحول اپنايو، ۽ ڏک سک ۾ ابي سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺي. قرضن مٿان فرض چڙهڻ لڳا. بابو نه پيو زمين وڪڻي ۽ نه ئي ڪا ٻي واهه تلاش پيو ڪري. امڙ گهڻو سمجهائڻ لڳيس، پر ترڻيءَ تيل ئي نه لڳائڻ ڏنائين. هڪ ڀيري امڙ ڪاوڙ ۾ اچي ابي کي چيو؛ امڙ جا اهي لفظ ٻڌي بابي کان کل نڪري وئي، کلي جلال خان کي چيائون؛ ”ستيءَ “.”نماڻي رهزنن جي ور چڙهي آهي تي ناولن جو اثر آهي. پلا سچو ڏينهن جو پئي ڪتاب پڙهي.“ امڙ جي، ابي جي ضد ۽ زمينداري هٺ کان هيٺ نه لهڻ امڙ جي نه وڙهڻ واري ڪردار تي اسان کي ڪاوڙ به لڳندي هئي. ٻارن جو .واري دانهن تي اسين ٻار به کلي اُٿياسين

ساڳيءَ طرح جو رويو، بابي جي پنهنجي سياسي ۽ سماجي حيثيت ۾ فائدي نه وٺڻ تي رهندو هو. امڙ ابي ۽ اسان ٻارن وچ ۾ اصولن جي جنگ هوندي هئي. دليلن ۾ امڙ صحيح هوندي هئي پر فتح بابي سائينءَ جي ٿيندي هئي، ڇو جو آخرڪار مرد جو هو، ۽ اُهو به زميندار، ڳوٺاڻو، سياسي ۽ سماجي مرتبي وارو مرد. هٿان هيٺ لهڻ مرد ذات جي گهٽتائي ۽ توهين ٿئي ها. بابي سائينءَ جي ايمانداريءَ اسان کي ڪروڙپتين جي فهرست مان خارج ڪرائي ڇڏيو. حق تي هلڻ واري اصول اسان کي ڪيترين سنسٿائن ۽ ڪميٽين جي ٿاقيل عهدن کان وانجهي ڇڏيو. نه ته اڄ گهر جا تقريباً سڀ ڀاتي ڪيترن سماجي ميڙن ۾ هارن ۽ سنمان جا حقدار بڻجن ها.

ٽنڊي جي نقصان واري دؤر ۾ قرض مٿان قرض چڙهڻ لڳو. اُن دؤر جو ذهن تي ايترو ته اثر پيو، جو اڄ به نه نوٽن جون ٿهيون ڀاڻ طرف ڪشش ڪنديون آهن ۽ نه ئي پئسي نه هئڻ جو ملال ٿيندو آهي، نه ڪڏهن احساس ڪمتريءَ جو، نه وري برتريءَ جو احساس ٿيندو آهي. ڏک سک جي ڪوري ۾ گهر جا سڀ ڀاتي پڪي ٿانو وانگر پچي نڪتا آهيون.

انهن ڏهن سالن واري مصيبت ۽ قدرتي قهر يا خدائي ناراضپي واري دؤر دوران پنهنجن پراون جي چڱيءَ طرح پرک ٿي آهي. پنهنجي پرائي ثابت ڪرڻ لاءِ، وقت کان مٿي بيو ڪو پارکو نه ٿو ٿي سگهي.

جڏهن ٽپيدار گهر ۾ ايندو هو ته سيني جي چهرن تي فڪر ۽ گهٻراهٽ جا تاثرات عيان هوندا هئا. بابو سائين آٿت ڏيندو هو. چوندو هو؛ ” اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي. ڊل ڏئي ڇڏيندا سين.“ امڙ ۽ ابو ٻئي همت کان ڪم وٺندا هئا. پر مون کي يقين آهي ته اُن وقت سندن دل به ڇڄي پئي هوندي. صرف ٻارن اڳيان ظاهر ٿيڻ نه ڏيندا هوندا. جلال خان جو ساٿ ته اسان سان مينهن جهڙ، ڏک سک، ٽتيءَ ٿڌيءَ ۾ رهيو. جنهن تي ڪيترا تعصبي مسلمان ڪيس چوندا هئا ته تون هندن جي گهر ۾ رهي ڪافر بڻجي ويو آهين. جلال خان مذهب جو پابند انسانيت ۾ اعتقاد رکندڙ، نيڪ مسلمان آهي. رمضان مهيني ۾ پورا روزا رکندو هو، ۽ اڄ ڏينهن تائين جلال خان شهدادڪوٽ ۾ ابي امڙ ۽ ڀائرن وٽ ايندو رهندو آهي، جيڪي اُتي ئي رهندا هاڻي امڙ ۽ ابو ٻئي پرلوڪ پڌاري ويا آهن. جلال خان کي گهر جي هر هڪ ڳالهه جي ڄاڻ آهي. شايد ڪيترين ئي .آهن ڳالهين کان اسين به واقف نه هجون، پر هو هر هڪ حادثي، هر هڪ ماڻهوءَ جي رويي کان واقف آهي.

ٽپيدار جي اچڻ تي جلال خان اردليءَ تي لڳي ويندو هو. ٽپيدار جي حيثيت ڏسجي ته ڪجهه ڪين آهي. اُن وقت ۽ ان دؤر ۾ ڀاڻ سان گڏ ٽولو خوشامدڙين جو وٺي نواب وانگر اوطاق تي آرام فرمائيندو .هُو مالڪ کان به ڏاڍو پئي نظر آيو گوشت خور نه هوندي به ٽپيدار لاءِ هوٽل تان گوشت ۽ ٻوڙ پلاءُ گهرايا ويندا هئا. جيڪڏهن ان طبقي جي لباس جو .هو بيان ڪريان ته ائين محسوس ٿيندو ته معمولي پگهار وارو ٽپيدار نه، بلڪه ڪنهن رياست جو رئيس، ڪنهن ڳوٺ جو وڏيرو يا ائين چئجي ڪنهن شاهاڻي خاندان جو سڪيلڌو نورچشم، سونو سڳو، هٿ ۾ پونچي ڪچي سون جو ويڙهه ۽ هڪ لباس ۾ فل وائل جو ڪڙتو. مطلب ته ڊل اڳاڙڻ نه، بلڪه ڀاڻ .به منڊي، مٿان وري امپورٽيڊ واچ چڱن ڀلن به نه ڏٺي هوندي پسند ڪرائڻ يا جڙيل خان وانگر سنيري، ڀاڻ موڪائڻ تي سندرو ٻڌو هجائين. کائڻ پيئڻ ۾ ٻوڙ پلاءُ کان سواءِ، مڇي مانيءَ مرسين مرسين ڊپ نه چرسين“ اگر ٽپيدارن جي ڪردار تي ”طرف نگاهه ڪٽڻ به گناهه سمجهندو هو. بس ائين چونديس قلم آزمائي ڪريان ته شايد ڪيتريون بهارون سندن داستانن جي نذر ٿي وڃن.

قمبر تعلقي ۾ اسان جي زميندار آهي رانوتي، ماريا، ٽنڊي وغيره ۾ اتي هڪ هاري هو جيڪو ٿنهي هنڌ ايندو ويندو هو، جنهن جو نالو باگو هو. ڪوشش ڪندو هو ته ٻيڙي چانديي، مارين، لالو رائنڪ، ٽنڊي وغيره ۾ سندس چڱ مڙسي کي مڃيو وڃي ۽ ڪيس چڱو مڙس ڪري وچ ۾ ويهاريو وڃي. ڪيترا ته سندس چڪر ۾ اچي ويندا هئا. ٻٽن هٽن جو استاد هو. ڏاڏو سائين ڪيترا ڀيرا تعنا تنڪا هڻندو هوس، پر باگي تي اهي اهڙو اثر ڪندا هئا، جهڙو اونڌي گهڙي تي پاڻي. پوري تر ۾ باگي جهڙو ڪو لباڙي ۽ گشئي ڪونه هوندو هو. ڏاڏو سائين ڳالهه ڪندو هو ته هڪ ڀيري باگي پوري قمبر تعلقي ۾ واءِ ويلا مچائي ڏني هئي. چيائين ”پڇو ڙي پڇو ،شينهن ڪاهي پيو آهي“. ماڻهن ۾ حراس ڦهلجي ويو، جڏهن ڏاڏي سائين هڪل ڪري چيس، ”اڙي قمبر جهڙي شهر ۾ گهاٽا وڻ ته ڇا پر ٻوٽن جا جهرمٽ به ڏور فاصلي تي ملندا، اتي وري شينهن ڪٿان ايندو“؟ باگو لغاري پهرين ته پنهنجي ڳالهه تي اِٽ هٽي بيٺو پر پوءِ اڻ سڌي طرح ڪوڙ جو اظهار ڪيائين. بس ان ڏينهن کان پوءِ پوري تر ۾ ڪوبه ڪنهن کي ڪوڙ هڻندي جهليندو هو ته چوندا هئا، ”آهين ته ڪو باگو لغاري.“

**آ بلاڙي ! ويندينءَ ڪاڏي؟**

شهدادڪوٽ ۾ ننڍي نهر آهي جنهن کي ڪور ڪوٺيندا آهن، پرسان ريل جو بند ۽ ڪيترا ڪارخانا هوندا هئا، جتي سارين کي سيڪي جوشي چانور ٺاهي گرم رک ڦٽي ڪري ڇڏيندا هئا. جوشي چانورن جي اوپر پاڪستان (جيڪو هينئر بنگلاديش آهي.) ۾ ڏاڍي طلب هوندي هئي. ڪور جي پرسان ڪارخانن جي رک جا ڍير لڳل هوندا هئا. ڪور جي گپ مان بدڪون پرجي نڪرنديون هيون، اسين به بدي سراڏن واري مهيني ۾ جڏهن عورتون پتر موڪلائڻ لاءِ ڪور تي ڏيئا پرواهه ڪرڻ وينديون هيون ته انهن جي پويان پويان ويندا هئاسين، ڪڏهن ڪڏهن گهران ٺاهوڪي دٻ ملندي هئي. بدڪن جو آواز ڏاڍو وڻندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته بدڪون چڪ به پائينديون هيون. بدڪن جو اهو آواز اڄ ڏينهن تائين ڪنن ۾ دهلي جهڙي شهر ۾ نه بدڪون آهن نه ئي ڪور ۽ نه ئي وري صبح .گونجندو آهي. پر اهو وهم ۽ صرف دل جو خيال آهي جو ڪڪڙ جي ٻانگ ۽ پکين جا ڇهچاٽ. نه ئي ڪنياتي (ڪانو ) جو لنوڻ، هتي ڪانو جي لنوڻ جو انداز ئي نرالو آهي. صبح ٿيندو هو ڪانون جو ميڙاڪو لڳي ويندو هو، ڪوهه جي بالٽيءَ مان پاڻي به پيئندا هئا، ۽ وهنجندا به هئا، ۽ شام جو .ولر ڪري پکي پنهنجن آکيرن ڏي روانا ٿيندا هئا

هڪ پيري اسان جي گهر جو پالتو ڪتو مري ويو، بيحد افسوس ٿيو. پاڙي واري ڇوڪري ٻڌايو ته اهو ڪتو ٻاليشاهي ڪور تي ڦٽو ڪيو آهي. منهنجي دل ڪتي کي ڏسڻ لاءِ تڙڦي اٿي. ابي امڙ کي ٻڌائڻ بنا ان ڇوڪري سان گڏ ڪتو ڏسڻ ويس، ڇوڪري شرارت ڪري چيو؛ ”او هتي مٿي رک جي دڙي تي پيو آهي.“ ڪارخانيدارن جوشي چانورن جي گرم بس پوءِ ته آءُ ٻلاڙي، وينديءَ ڪاڏي؟ گرم رک ۾ .رک اڇلائي هئي، مون به نه ڪئي هم نه تم سڌو دڙي تي چڙهي ويس ائين ٿيا ڏيڻ لڳس ڄڻ جيئري جاڳندي دمبي (رِڍ) کي بلوچستان جا بروهي ڪاني ۾ اونڌو ٻڌي ٻاهه ۾ روسٽ ڪندا هجن. جيئن پير ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريان تيئن پير وڃن گرم رک ۾ ڌٻڻ وانگر ڦاسندا. منهنجون رڙيون واڪا ۽ هانوَ ڏاريندڙ رانياٽ لڳا پيا هجن. اکين مان ڳوڙهن جا وسڪارا لڳا پيا هئا. ڇوڪرو ته ڊپ وچان اٿي ڀڳو، مان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي رک جي ڍير تان رڙيون واڪا ڪندي روئندي رڙندي گهر طرف زمين ڪان ٻه فوٽ مٿي ٽپا ڏيندي پهتس. امڙ حالت ڏسي تڙڦي اُٿي. جلال خان نه ڪئي هم نه تم، سڌو بزار ۾ وڃي وچي نيروليءَ جي نير جي دٻ ۾ پير وڌائين. پير ته ٺري پيا، پر پيرن تي وڏا ڦوڪٽا ٿي پيا ۽ پيرن جي اهڙي حالت هئي جهڙي نيروليءَ جي نير ۾ گدڙ جي رڱڻ واري. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ڦوڪٽا ڦاٽي پيا ۽ ڪمپائونڊر ڪئنچيءَ سان مٿين چمڙي ڪٽي ڇڏي، جنهن ڪري اندرين اڇي چمڙي ظاهر ٿي پاڙي وارو ڇوڪرو ته ڊپ وچان ڀڻ .مهينو ساندهه پير وڃي ويٺي هيس. جڏهن ڦٽ لٿا تڏهن پيرن تي اڇا داغ ٿي پيا .پئي ٽن مهينن لاءِ ڳوٺ ڇڏي پڇي ويو. امڙ ۽ ڏاڏي سائين کي پيرن جي اڇن داغن جو فڪر ٿي پيو. وڏيءَ مشڪل سان ڪيترن حيلن ڪان پوءِ وڃي پير ٺيڪ ٿيا. پر پيرن تان اڇا داغ لهن ئي نه پيا. ڪنهن ڏس ڏنو ته پيرن کي ميندي لڳايو. رفته رفته .اهي داغ لهي ويا ۽ پيرن تان وڃي اڇا داغ جهڪا ٿيا

اسان جي ٽنڊي واري زمين تان امير بخش بروهيءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ اسان کي وفادار ۽ ايماندار هارين جي تلاش هئي. اسان جي پريشانيءَ ڪان شهدادڪوٽ جو زميندار ۽ سندس مهاجر هاري واقف هئا. زميندار ڪان اُهي هاري ٻج ۽ ڪپڙي لاءِ ڪري رکيو هو. ڏاڍا پريشان هئا. جيئن ئي (Bonded Labour) پئسو وٺي ڪائي ويا هئا، زميندار اُنهن هارين کي بيگاري امير بخش بروهيءَ جي وڃڻ جي خبر ٻڌائون ته اسان جي اوطاق ۾ پنهنجي برادريءَ جو ميڙ وٺي لنگهي آيا ۽ ابي کي پناهه ڏيڻ لاءِ عرض ڪيائون ته اسان کي زميندار جي چنبي مان نجات ڏيار. اسين اُن جي عيوض اوهان جي ٻنيءَ تي ڪم ڪري اوهان جو قرض لاهينداسين. تيستائين اوهين زميندار کي اها رقم پري ڏيو، زميندار جا منهنجي ويچار ۾ ڏهه هزار روپيا هئا. ان ڪان وڌيڪ ٿي سگهن ٿا، پر گهٽ نه، جيڪي زميندار هنن کي ريزڪيءَ ۾ ڏاندن جي جوڙن يا ڪپڙي لٽي لاءِ ڏنا هئا. اوطاق ۾ اڇي زارو قطار رنائون، بابي سائينءَ جي سخاوت جي چا ڳالهه ڪريان. امڙ کي چيائون؛ نديون نيٺيون زالون اٿن. اسان جي .ٽنڊي واري زمين تان امير بخش هليو ويو آهي. هي ويچارا ٻارن ٻچن وارا آهن !”ستي پوک به ڪندا ۽ زميندار جو قرض به لاهيندا.“ زميندار ڪو اسان جي ابي وانگر پورڙو يا رحم دل نه هو، تنهن مهراج سائين! هنن جا ڏهه هزار توهين پري ڏيو ته پوءِ ئي هنن کي رِهائي ملندي.“ ابي زميندار کي چيو؛ ”مان هنن ”چيو؛ جو ضامن ٿو پوان، فصل لهندو ته ڪجهه رقم ڪٽي اوهان کي ڏياريندس.“ پر زميندار ته اِٽ هٽي بيٺو ته مان ضامن کي پيرن تي ڪري آزي نيزاري ڪرڻ .مڃان ئي ڪونه . هوڏانهن مهاجر هارين جون دانهون ڪُوڪون لڳيون پيون هجن خداتعاليٰ اوهان جي رزق ۾ برڪت وجهندو. اسين محنت ڪري اوهان جي .لڳا ته ”اسان جي زميندار مان جان ڇڏرايو “.رقم لاهينداسين ۽ اهو احسان اوهان جو تا زندگي اسان تي رهندو، غريبن تي رحم ڪريو

بابي سائينءَ هنن کي سمجهائيندي چيو ته ”هن وقت اسين خود وقت جي چيپٽ ۾ آهيون، اسان جي مالي حالت ٺيڪ نه آهي ۽ منهنجي ٽجوڙيءَ ۾ ڏهه هزار روپيا ته ڪونه آهن، جو مان هن وقت زميندار کي ڪڍي ڏيان. ان تي زميندار چيو، ”ٺيڪ آهي مهراج سائين! توهين مون کي دستاويز تي لکي ڏيو ته مان ڏهه هزار هٿ امانتي ورتا آهن.“ ابي چيو، ” اهو ته مشڪل آهي.“ ان تي زميندار چيو ته هنن ڪمبختن تي رحم کائڻ جي ضرورت نه آهي. هوڏانهن هاري بابي سائينءَ جا پير پڪڙي ويهي رهيا. ڏٽيءَ ٻچن جا واسطا وجهڻ لڳا.
امڙ اوطاق مان بابي کي منع ڪئي. چيائون ”امانتي لکي ڏيڻ جي ڪائي ضرورت نه آهي. اسان ڪي ڏهه هزار زميندار کان روڪ ٿورو ئي ورتا آهن. آخرڪار اسين به ٻارن ٻچن وارا آهيون. ننڍا ننڍا ٻار آهن. امڙ ۽ ابي وچ ۾ اهو گفتگوءَ جو قرآن پاڪ جو واسطو ڏيئي امڙ کي .سلسلو هلي رهيو هو ته مهاجر زالون ٻارن ٻچن سوڌيون گهر اندر ڪاهي پيون آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳيون ته اسان جي زميندار مان جان ڇڏايو، حالتن ۽ قسمت ابي کي گهيري ورتو. زميندار کي لکي ڏنائون ته مان ڏهه هزار هٿ امانتو ورتا آهن. ان جي شهدادڪوٽ جي هر هڪ هندو مسلمان کي ڄاڻ آهي. زميندار چيو ته ڳوٺائي آهيون، زميندار جو ڀاءُ ۽ ٻيا سؤٽ ۽ هُو خود بابي سان گڏ آزاديءَ کان وٺي .اسان جا بزرگن کان وٺي تعلقات آهن ميونسپالٽيءَ ۽ لوڪل بورڊ جي چونڊن ۾ پنهنجن پنهنجن تڪن مان کٽي ايندا هئا. اڪثر بورڊ جي ميٽنگن ۾ به دعا سلام ٿيندي رهندي هئن. زميندار اُنهن هارين کي پنهنجي چنبي مان آزاد ڪري ڇڏيو. هاري ته رِها ٿي ويا، پر بابي سائينءَ امانت جي قيد ۾ پاڻ کي اڙائي ڇڏيو. پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙي هنيائون. هارين کي لڏائي ٽنڊي واري زمين تي پوک لاءِ آندو ويو. مٿان ٻي رقم به لڳائيسين. ڏاندن جا جوڙا، ڪپڙو لٽو، اناج جون ڳوٿيون وغيره. هارين جي ته الله ٻڌي زميندار ڪجهه عرصي کانپوءِ پنهنجي رقم جي تقاضا ڪرڻ شروع ڪئي، ٻئي طرف مهاجر هارين جا اهي ڏهه ٻارهن گهر راتون رات ٻارن ٻچن سوڌو پنجاب ڀڄي ويا. خبر به ڪانه هئي ته ڪٿان جا هئا. نه ئي داد فرياد ٿيو. چو جو پنجاب جو علائقو سنڌ کان ڏور آهي. تر ۾ هجن ها ته ڪٿان نه ڪٿان سگهُ ملي وڃي ها. ڪافي ڀڇا ڳاڇا ڪئيسين. پر هُو پکيءَ وانگر پڃري مان آزاد ٿي، پر ڦڙڦڙائيندا اُڏامي ويا. اسين اڙجي وياسين، آخرڪار بابي سائين کي رحم دلي ۽ سخاوت جي قيمت ادا ڪرڻي پئي.
Geologicalمصيبتن مٿان مصيبتن جو دؤر شروع ٿي ويو. اهو سلسلو وڏي ڀاءُ کي ڪوئيٽا بلوچستان ۾ جيالاجيڪل سروي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي نوڪري ملڻ سان رُڪيو. مالي طور ٿورو سُک جو ساهه کنيو سين. Survey گرمين کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوئيٽا (بلوچستان) هوا بدلائڻ وياسين، جتي سڄي سنڌ جي تر جا هندو مسلمان اچي ٽڪندا هئا. ڪيترا علاج خاطر به ويندا هئا. ائين لڳندو هو ته سڄو ڳوٺ ته ڇا پر سڄي سنڌ، ڪوئيٽا ۾ پرڏجي پئي آهي. ڪوئيٽا جي مشهور بازار جناح روڊ تي اڪثر ڳوٺائي ملي ويندا هئا. وڏي ڀاءُ کي آفيسر جي نوڪري ملڻ تي اردلي به هوندا هئا، ان سان گڏ گهمڻ لاءِ جيپ به حالانڪه اُن کان وڏا آفيسر به انهن سهوليتن کان محروم هئا، اهو سڀ هن جي فرض شناسي ۽ پنهنجي آفيسرن سان رهائي اسائيءَ جو نتيجو هو. هن جا اعليٰ عملدار کيس پيار ڪندا هئا، پر اسان سڀني جو به خيال رکندا هئا. ڪوئيٽا جا بلوچ بيحد ايماندار ۽ عورتن جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. نه ڊپ هوندو هو نه ڊاءُ. رات رات تائين نمائش ۾ پيا گهمندا هئاسين. واياٽيون ململ جون سٿڻيون ۽ واٽيان ڏوتي پائي گهمندا هئا. ته به انهن تي حملو ڪندا ڪانه آهي، اهڙا Eve teasing هئا ۽ نه ئي گٿن لفظن جو استعمال، عورت جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا، هتي وانگر واقعا صرف عورت جي پنهنجي مرضيءَ سان يا ڪنهن ذاتي تڪرار سان درپيش ايندا هئا.
پنهنجو پاڻ لاءِ مصيبت ڪٽڻ واريون عورتون به هيون، جيڪي گهٽ ذات يا اخلاقي طور ڪريل هونديون هيون، جهڙوڪ باگڙياڻيون، ٻاليشاڻيون، ميراثڻيون يا خراب پيشي واريون عورتون، باگڙياڻيون دڪانن تي پنڻ وينديون هيون ته پوءِ ڇاڻي واڻي ناز نخرا ڪري مصيبت کڙي ڪنديون هيون. ڪن عورتن کي افسوس نه بلڪه فخر ٿيندو هو. ڪيتريون پنڻ جي بهاني دل لڳي ڪندي، چگن پلن جو کيسو ڪتري وٺنديون هيون. اهڙا مرد دانهن ڪوڪ به نه ڪندا هئا. مٿان سندن تنهن هوندي به .شرافت جو پڙدو فاش ٿي وڃي! ” اندر جون مڪون اندر .“ ڏوڪڙ وڃائي منهن مٿو پٽي ويهي رهندا هئا ڪنهن نه ڪنهن ذريعي اُنهن مان ڪن جون خبرون عام تائين پهچي ئي وينديون هيون. آئي ڏينهن باگڙياڻين جي پڇڻ جو خبرون ملنديون هيون، پوءِ سڀ باگڙي پٽ وغيره ميڙ ڪري بابي وٽ ايندا هئا ته اسان جي عزت هلي وئي، ڌيءَ يا نُنهِن پڇائي ويا آهن. جنهن تي امڙ ڪاوڙجي چوندي هُين؛ ”اوهين خود ڏنڊا ڏوٽا آهيو، عورتن کي چو ٿا پنڻ لاءِ موڪليو. ان ۾ اوهان جو پنهنجو ئي قصور آهي.“ ڪن کي اُتان واپس آندو ويندو هو ۽ ڪي وري خود اچڻ کان انڪار ڪري اسلام قبول

ڪنديون هيون، پوءِ چاهي ڪجهه عرصي کان پوءِ اُهي مڙس اُنهن کي وري ڇڏي ڏيندا هئا. ڪي ته ”نه رهنديون هيون گهر جون نه گهاٽ جون.“ ڪي وري موٽي پيهر پنڻ وارو پيشو اختيار ڪنديون هيون.

ڪي بزرگ هندو عورتون نه ڏينهن ڏسنديون هيون نه رات، نه تتي نه ٿڌي هندو چاهي مسلمان جي گهر بنا ڊپ ڊاءُ جي هليون ويندون هيون. اُهي داروئَ يا جهاڙ ڦوڪ ڪرڻ واريون عورتون هيون. هڪ وڏي خاندان کياٽيءَ جي ڪٽنب جي بزرگ عورت هئي. ان جي ڪٽنب جا سڀ ڀاتي هندستان لڏي ويا هئا. هوءِ صرف اڪيلي ئي اُتي رهندي هئي. سؤ سالن کان مٿي ڄمار ٿي وئي هيس. ڪلها جُهڪي ويا هيس، پر مجال جو ٿڪاوٽ ٿئيس. سڄو شهر قطار ٻندي هئي. ٻار بيمار ٿيندا هئا ته پرمي ماءُ کي ٻڳي تي گهرائي ٻارن کي ڏيکاريو ويندو هو، ٻار ساهيءَ ۾ پئجي ويندا هئا ته ڦوڪ هڻندي هُين. ايتري قدر جو ڳوٺ جو صوبيدار، مختيارڪار ۽ وڏي مسيت وارو مولوي صاحب به سُتي وغيره لاءِ گهرائيندا هُيس. سڀ ”امڙ“ ۽ ”آئي“ ڪري ڪوٺيندا هيس. هٿ ۾ شفا هُيس. ان هٿ شفا سان گڏ هٿ جي صفائيءَ جو فن به سڻو هوندو هُيس. ڪپڙا لٽا ميرا جهڙا مٿي ڪيترا ماڻهو وڳا پهرائيندا .ويٺي ويٺي ٿالهيون، ڪٽورا، لوٽا، سون وغيره تڳائي وٺندي هئي هُيس. پر اهي ويندي هئي سانديندي، بابو چوندو هُيس؛ ”پرمي ماءُ! ڪنهن لاءِ ٿي ڪوڙ ڪمائين. جنم سڦلو ڪري هاٽي پرماتما جو نالو وٺ“ پر هُن تي اهڙو اثر ٿيندو هو جهڙو اونڌي گهڙي تي پاڻي. اُهي لاٽون اهُي چڳهه. هينئر پرلوڪ سِڌاري آهي. ڀڳوان شل هن جي آتما کي شانتي ڏئي! مئل ماڻهو، چوندا آهن ديوتا سمان ٿيندو آهي.

پيو ته پيو ان عورت مندرن ٺڪاڻن ۽ مسجدن کي به ڪونه بخشيو هو. هڪ ڀيري وڏي مسجد مان ڪجهه کسڪايائين. اُتي هڪ ڇٽ هن کي اُبتو ڪري کوهه ۾ لٽڪايو. جڏهن مولوي صاحب آيو ته هن اُن ڇٽ تي ڪافي ڪاوڙ ڪئي، ڇو جو هو ملياٽين وٽ وڏي مسيت مولوي صاحب جي گهر ويندي ڪئي هئي ۽ ايتري قدر جو ٻارن جو علاج وغيره به ڪندي هئي. صوبيدار ۽ مختيار ڪار جي گهر کي به نه بخشيائين. اُهي به پرمي ماءُ جي عادت کان واقف هوندا هئا. پر ڪيس چوندا ڪجهه ڪين هئا. جڏهن انهن جا ٻار بيمار ٿي پوندا هئا ته پرمي ماءُ کي گهرائيندا هئا. هڪ ڀيري اسان جي گهر ويٺي هئي ته اُتان ويٺي ويٺي ئي چار وڏا ٿالهه ۽ پتل جي گهاگهر کسڪايائين. اسان جو نوڪر جلال خان پويان ڊڪون پائيندو ويس. ڪجهه مال هٿ لڳو. ڪجهه هڪ اڳ واري چڪر ڪٿي کسڪائي رکي آئي هئي. امڙ گهٽوئي ٻاسيس ته وڏن جون نشانيون آهن، ڏي پر پرمي ماءُ چئي: ” هئه حرام، مون ته ڏٺوئي ڪونه آهي.“ گهر اندر هڪ انڌيري ڪوٺڙي هيس، ان ۾ ويندي هئي ڪن ڦٽ لڪائيندي اسان جي واڙي مان سندس گهر جي دري هئي. جتان اسين لڪي اندر جهاتيون پائيندا هئاسين ته من اسان کي پنهنجا ٿالهه ۽ گهاگهريون ڏسڻ ۾ اچن، پر ڪوٺڙيءَ ۾ اونده انڌڪار لڳل هوندو هو. ڪي چوندا هئا ته اندر نانگ ۽ بلائون آهن، ڇو جو اهي اونده ۽ ٿڌڪار واري جڳهه تي وڃي واسو ڪندا آهن. سڀ ڪجهه هوندي به ڪين جو ڪنو چڙهيل هوندو هوس. چوندا آهن، جن جو ڌن دولت ۾ موهه هوندو آهي، سي ٻئي جنم ۾ نانگ بڻجي اُن هنڌ تي واسو ڪندا آهن. اها ڳالهه ڪيتري قدر سچ آهي، ان جي صرف ڏٺيءَ کي ئي ڄاڻ آهي.

**حب الوطني**

پنهنجي وطن سان پيار، انساني فطرت ۽ خون ۾ سمايل رهي ٿو. جنهن جو احساس عمر ۽ حالتن جي لحاظ کان وڌندو ئي ٿو وڃي. پر ننڍپڻ ۾ انهن جذبن جو شدت سان حاوي پوڻ شايد ڪن خوشنصيبن کي پلئه پوندو آهي. ننڍپڻ جي انهن احساسن جي، معصوميت ۾ ڄاڻ ڪانه هئي. پر هينئر ان احساس ۽ اڻ ڄاتل حب الوطنيءَ جي جذبن جي اثر ڪري پاڻ کي دنيا جي عجوبن مان پانيان ٿي. شايد ڪنهن کي ئي ان ابهم عمر ۾ اهو احساس ٿيو هوندو. جڏهن ستن سالن جي هيس ته گهر لاءِ امڙ سَوڙيون ٺهرايون هيون، اڃا سيارو شروع ڪونه ٿيو هو پر شروع ٿيڻ وارو هو. گهر جا سڀئي ڀاتي واڙي ۾ سمهندا هئاسين. ڪٺولن جي قطار لڳل هوندي هئي، ڪجهه فاصلي تي کوهه هو ۽ ان کان ٿورو پر پرو ڳاين جو ڌڻ الڳ الڳ ڪلي انهن اڳيان ڪُتي ۽ ڪڙ کي رلي ٻُهه سان خوراڪ جا ڪونر ٺهيل هوندا هئا. جنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن ۾ ٻڌل هوندو هو مڇر جهجها ٿيندا هئا. جنهن تي اڪثر امڙ ۽ ابي جو تڪرار به ٿيندو هو. امڙ گهر ۾ ايتري چوپائي مال رکڻ جي خلاف هئي. ڪي ڳايون کير ڏينديون هيون ۽ ڪي ته پوين پساهن تي هيون. ڳابا اڏياريءَ تي هاري ٻنيءَ تي ڪٽي ويندا هئا. امڙ کير نه ڏيندڙ ڳاين کي وڪڻ لاءِ بابي سائينءَ تي زور ڀريندي هئي. پر بابو سائين انڪار ڪري ڇڏيندو هو. ته ڳاين کي ۽ نه ئي وري زمين تي موڪليندا هئا. پر جي موڪليندا به هئا ته اهڙي هاريءَ کي ڏيندا هئا، جيڪي .کهاٺو نه آهي بابو سائين يا ڀائرن مان هڪ ٻنيءَ تي وڃي ڳانءَ کي دفنائي .صحيح طرح سنڀال ڪندا ۽ فوت ٿيڻ وقت اطلاع ڪندا هئا

ايندا هئا. ڳاين کان علاوه گهر ۾ هرڻ، سها، ٻيا پکي وقت به وقت پاليندا رهندا هئاسين. ائين چئجي، گهر ۾ ننڍڙو جانورن جو گهر هو، اهڙيءَ حالت ۾ ڪافي مصروف رهندا هئاسين. ڪنهن نه ڪنهن ڳانءَ جي ويم ڪرڻ تي پِس به اڪثر گهر م جنهن جي سواد ۽ چشڪي کان هن وقت محروم آهيون .ٿهندو هو.

اڪثر سيئي پائر پينر ڏنار سان ڳڏ ويهي رهندا هئاسين ۽ کير ڏهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن آرام ڪري، چونري ڪٽي کير ڏهڻ ويهي رهندا هئاسين. چُڪو کن کير ڏهندا هئاسين. ڳانءَ جا ٿڻ ننهن جي زور تي پڇي پوندا هئا. جڏهن بابي سائينءَ کي خبر پوندي هئي ته ڪاوڙجي چوندا هئا: ”اڙي چريا ته ڪين ٿيا آهيون يا مالي خوليا اٿو؟“ ان دڙڪي جو اهڙو اثر ٿيندو هو، جهڙو اونڌي گهڙي تي پاڻي.

ڳاين جي رانياٽ ڪري ننڊ به حرام ٿيندي هئي، پر فائدو به هوندو هو. جيڪڏهن ڪو شاهينگ لوڙهو ٽپڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته ڳاين جا رانياٽ لڳي ويندا هئا ۽ گهر جا سڀ ڀاتي اُٿي کڙا ٿيندا هئا. هڪ ڏهاڙي امڙ نيون ڇيٽ جون ڳاڙهيون سوڙيون ٺهرايون، جنهن ڳاڙهي ڇيٽ تي ننڍڙا ننڍڙا گل هئا. نين سوڙين جو چاپو ڏاڍو وڻيو. مون آتو ڪيو ته مون کي ان ڇيٽ جو سلوار ڪڙتو ٺهرائي ڏيو. پيار، ڦٽ لعنت، ريجهائڻ جو مون تي ڪو اثر ڪونه ٿيو. منهنجي ضد، انگل آري، ممتا تي سوڀ پاتي. ماءُ پيءُ دڙڪي داٻ جا هٿيار ڦٽا ڪري پيش پيا. اهو رت جو ريلو ئي ته آهي، جيڪو پٿر دل به پگهرائي ڇڏي. مون کي ڳاڙهو ڇيٽ جو سلوار ڪڙتو نصيب ٿيو. اهو لباس بروهين وانگر ٺهرايم، پيرن تائين پهچندڙ چولو، وڏي ويڪري سلوار ۽ ٻڳهيون ٻانهون. اڪثر شهدادڪوٽ جي شاهي بازار ۾ بروهياڻين کي ڳاڙهي چر جي لباس ۾ ڏٺو هيم. قدبت ٻگهو، ٺپنوا ڪٽ وار، گلابي چپ، ڳالهائڻ مٺو، سودو ساري خريد ڪرڻ ايندي هيون ته اُنهن جي گفتگوءَ جو دل ۽ دماغ تي ڪافي اثر هو. نه صرف بروهين ۽ بروهياڻين جي گفتگوءَ جو پر سندن ٻٺون وانگر ڪٽيل وارن واري اسٽائيل به بيحد پسند ايندي هئي. اُنهن جون ڪوڏين وارن سڳين سان ڪيل ٻه چوٽيون به خوب وڻنديون هيون. جڏهن مون ڳاڙهي ڇيٽ جو چر وارو لباس پاتو ته ٻن ڳڻن ڪرڻ تي به دل ٿي. گذريل سال جڏهن پاءُ ولايت مان آيو، تڏهن ڪڏهن ڪڏهن رات جو ٻه چوٽيون ڪري سمهندي هيس ته صبح جو جڏهن ڳائون پاتل ٻن چوٽين سان لان ۾ ويهي چانهه ۾ جيسي عورتون ائين چوٽيون Siebera ائين ته وار نه ٿاهه. اسپين پرسان” :پيندي هيس ته ڇهري طرف ڏسي چوندو هو ڪنديون آهن ۽ گهگهو پائينديون آهن. توکي ڏسي اُنهن جيسي عورتن جو ڌيان ٿو اچي.“ پاءُ جي روز روز جي ڪٽ ڪٽ بدلائي ڇڏيم. هن وقت پاءُ جي چوڻ تي ڪڏهن ڪڏهن ڳائون، جيڪو هن کي بروهين جي گهگهي Hair Style ڪري وانگر لڳندو هو ترڪ ڪيم، پر ننڍپڻ ۾ پيءُ ماءُ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئا ۽ نه صرف ڳاڙهي چر جو لباس پاتو هئم، پر انهن بروهين وانگر وار به ڪٽايا هئم. بس پاڻ کي بروهڻ پئي پانيم، رنگ روپ ۾ انهن جي برابري ڪرڻ يا برميچڻ ته مشڪل هو، جو انهن جا چپ گلابي ۽ ڳل ڳاڙها هوندا هئا. قدرتي سونهن سان مالا مال هونديون هيون ۽ ڏٽيءَ طرفان عطا ڪيل نزاڪت به هئن جنهن ۾ بناوٽ جو ڪوبه دخل نه هو. آواز ۽ گفتگوءَ جو انداز به نرالو هين. ”هان“ ته اهڙي انداز چونديون جو لفظ دل ۾ پيهي ويندو هو. اڪثر سودي سيڌي خريد ڪرڻ وقت سندن واتان شاهي (چار آنا) انگ گهٽو ٻڌڻ ۾ ايندو هو. جڏهن مون انگل آرو ڪري ڳاڙهو چر جو لباس ٺهرايو ته خوشي ۾ نه پئي ماپان. پٺ پٺيهر ڇڏي ڪوري ڇيٽ جي لباس ۾ پاڻ کي ڪنهن شهزاديءَ کان گهٽ نه پئي پانيان. مٿان وري ٻه ڳوتون ڪري، پوتي مٿي تي چوٽين ۾ پويان اٽڪائي، جُتي پائي، هٿ کي لوڏو ڏيئي هلڻ لڳيس ته امڙ کي کل اچي وئي، جلال خان جيڪو خود بروهي هو، تنهن کي چوڻ لڳي! جلال خان ڏس لڳي ٿي نه بروهڻ! ” اڙي آءُ لم نه گودي.“ اڪثر اهو لفظ بروهڻين تي استعمال ٿيندو ٻڌو هئم! رنگ ته بروهين جهڙو نه هئو، پر مان پاڻ کي اُنهن کان وڌ پانيان پئي، گهٽ نه. شايد اهو پنهنجي حب الوطني، پنهنجي وطن جي لباس ۽ تهذيب جو اثر ئي هو، جو ريشم ۽ پاش گل جي ڪپڙن کي تلانجلي ڏيئي، کهنبي کي ڳلي لڳايم. جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن امڙ ڪاوڙجي چوندي هئي، چريءَ چتران وانگر اچي هڪ ئي وڳي کي ورتو اٿيئي. نوريءَ وانگر محل ماڙين کي ڇڏي، ڪکي مڇيءَ جي ٽوڪرين وچ ۾ رهڻ وارو احساس ۽ انهيءَ احساس ۽ جذبي ڪري سڄي گهر لاءِ مشڪل ٿي پئي. سنڌ ۾ ڏياريءَ کان وڌيڪ مهالڪشميءَ جو ڏڻ ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن. اُن جون تياريون سڱڙن ٻڌڻ واري ڏينهن کان وٺي ئي شروع ٿي وينديون آهن. سورهن تندين ڳنڍين واري هن سڳڙي کي ڇوڙڻ لاءِ سورنهن ڏينهن ٻي ڇينيءَ سان انتظار رهندو هو. گهر جا سڀ ڀاتي نوان ڪپڙا ٺهرائيندا هئا. ڇوڪرا ڊبل گهوڙا بوسڪي يا ٽري ڪاٽ وغيره جا سٽا جا لباس وٺي Crape جي Lady Hemleton سلوار ڪڙتا ٺهرائيندا هئا. امڙ ۽ اسان سڀني پينرن لاءِ بابو سائين اوچي ايندو هو. امڙ کي سوٽي ڪپڙو پائڻ نه ڏيندا هئا. حالانڪه خود سڄي زندگي اڇي قميص، اڇو ڪڙتو يا اڇو سوٽ اڇ ڏينهن

تائين پائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته سوچيندي آهيان، سڄي زندگي اهو اڇو لباس پائي ٿڪجي نه پيا هوندا. اسان ۽ امڙ
.جا تاڪين جا تاڪيا وٺي ايندا هئا، جنهن ۾ ناسي چاڪليٽي رنگ اڪثر هوندو هو Lady Hemleton Crape لاءِ

امڙ جو رنگ ائين ته نه چونديس ته اڇو کير جهڙو آهي، پر سنو اٽن مٿان وري چاڪليٽي يا ناسي رنگ جو سلوار ڪڙتو امان (پيار وچان ڪڏهن امان ڪوٺيندا آهن) ٻارهن ماهي ڏينهن تي سوٽي ڪپڙا :ڪپي. بابي جي واتان ازخود نڪري ويو نه پائبا آهن. پر مان پنهنجي ضد تي نئر ٻار وانگر اڙيل رهيس. مون کي سُوسيءَ جو سلوار ڪڙتو ئي کپي. جڏهن بابي (فينسي) دوڪانن تان سُوسيءَ جو ڪپڙو پڇڻ شروع ڪيو ته سڀ ڪنهن کلي ڏنو. چوڻ لڳا ”مهراج Fancy وڏن وڏن ڪپڙي جي دوڪانن ۾ شيخن جي Fancy “.سائين اهڙا سٺا ريشمي ڪپڙا ڏيکاريونَو ٿا، اوهين آهيو جو سُوسي پيا گهرو هڪ هٿي هئي ۽ واٽين جي بافتن، چرن يعني ٻهراڙيءَ جي ماٺهن جي ڪپڙي ۾. منهنجي انگل آري ڪري شهدادڪوٽ جي شاهي بازار جي هڪ هڪ دڪان تان سُوسيءَ جي باري ۾ پتو ڪيو ويو. مشڪل سان هڪ ننڍڙي دڪان تان جتي ڳوٺن جي بروهي باندن يا ٻروچن جي پيهه لڳل هوندي هئي. سي فصل لهڻ کانپوءِ بافتو وغيره وٺندا هئا. مشڪل سان اُن دڪان تان وچي سلوار ڪڙتي جو ڪپڙو مليو. امڙ ۽ ابو چوڻ لڳا!، هي ڪو ڪپڙو آهي؟ صفا چاٽو لڳو پيو آهي. پيار صفا کهرو ڪپڙو آهي.“ پر مان ته پنهنجي ضد تي اڙيل هيس. سُوسيءَ جي سلوار جي پاچن تي ڪاون ”وچان چوڻ لڳا، جي لائين پرايم ۽ ڪڙتي اڳيان ڪاون سان پريل ڦدو (اڪثر ڳوٺن ۾ عورتون ڪاون سان ڳچي ۽ هيٺ الڳ ڪيسو پرائي پائينديون آهن، جنهن ۾ پئسا ڏوڪڙ وجهنديون آهن) جڏهن مهالڪشميءَ جو ڏڻ آيو ته سڄي ڳوٺ جي واياٽين زربفت، ريشم، ڪريپ پاتا هئا پر مان سُوسيءَ جا سلوار ڪڙتو پاتا ۽ پيرن ۾ گل واري سپاتي پائي، پاڻ کي ڏسي پئي ڏسان، قدم قدم سنڀالي پئي هلان. ائين پئي پانيان ته هرڪو مون ڏي نهاري رهيو آهي پر مان غلط فهميءَ م مبتلا هيس، سپني کي ٻارهن ماهي ڏينهن تي سوٽي ڪپڙا پاتل ڏسي تپرس پيو لڳي. شايد ڪن جو رايو اهو هو ته چنديءَ رن وارا پار پيا اٿائين. پر مون تي نوريءَ وانگر پٽ پٽيهر چڙي ککي مچيءَ جي ٿوڪريءَ اڳيان وهڻ وارو جنون طاري هو. ننڍپڻ جي اُن روپ کي ياد ڪري، پاڻ تي فخر ۽ ناز ٿيندو آهي. ته ايتريءَ ننڍڙي ڄمار ۾ پنهنجي ڏيهي لباس پائڻ جو پوت ديوانگي نه آهي بلڪه پنهنجي مٽيءَ سان پيار، پنهنجي وٽن جي مهڪ سان محبت وارو جذبو هو. ان وقت جا ڪاون جي پرت پريل ڪيترائي ڪڙتا اڄ به مون وٽ موجود آهن. جيڪي وڏي شوق سان پرايا هيم. پر بيرحم وقت، قد بت ۾ اوسر اچڻ ڪري ڪسي ورتا. پيو ڪير جي ڪسي ها ته جنگ جوٺيان ها، پر وقت اڳيان ته دارا ۽ سڪندر، اڪبر ۽ جهانگير جهڙا نادر به ناچيز رهيا. پٺائي گهوٽ شاهه عبداللطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ جهڙا درويش به وقت اڳيان ڪنڌ جهڪائي پنهنجي تحريرن جو ورثو ڇڏي، پنهنجو وارو وڃائي رمندا رهيا. مان پنهنجن لباسن کي حسرت پريل نگاهن سان ڏسي ٿڌو ساهه ڀري، ماضيءَ کي وسارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي آهيان. ان جذبي، اُنهن احساسن ۽ يادگيرين کي برقرار رکڻ لاءِ اڄ به سنڌ مان جڏهن ابو امڙ يا پائر ايندا آهن ته چوندي آهيان ته سُوسيءَ جا سلوار ڪڙتا ۽ گل واري جتي وٺي اچو. هر ڀيري پاليسٽر ۽ نهايت خوبصورت ۽ قيمتي ڪپڙا وٺي ايندا آهن. پر اُن سُوسيءَ واري لباس کي وساريو ئي اچن. هر وقت ان ڳالهه تي ٻه چار سؤ واريون ٻريسون آٽيان ٿي ته به خوش نه آهين. شاباس ته چُٺي، ” :تڪرار ٿيندو آهي. امڙ ڪاوڙجي چوندي آهي پر مٿان منهن چڙهيو پيو اٿئي.“ اهو سلسلو هر ڀيري جاري رهندو آهي، نيٺ سنڌ مان ٻه گل واريون جتيون آٽي ڏنائون، جيڪي سنڀالي سنڀالي پائيندي آهيان، جي خراب ٿي ويئون ته ڪٿان وٺي سگهنديس؟ ۽ سُوسيءَ جا ٻه سلوار ڪڙتا ڪن .خيرخواهن تحفي طور موڪليا آهن. جيڪي وڏي خبرداريءَ سان پائيندي آهيان

هن سال سورهين مارچ تي ريڊيو تي هوليءَ جو جشن ٿيو. ڪيترن ڏهاڙن کان وٺي هوليءَ جي ان ميلاپي ميڙ ۽ رنگا رنگي پروگرام لاءِ تياريون ٿي رهيون هيون، جو اطلاعات ۽ نشريات کاتي جي وزير صاحب وعدو ڪيو هو ته اُن ڏهاڙي ايڪسٽرنل سروسز جي اسٽاف سان، اُن هوليءَ جي رنگارنگي پروگرام ۾ شريڪ ٿيندس. 16 تاريخ کان وٺي چهل پهل لڳي وئي. ان ڏهاڙي مان سوٽي سُوسيءَ جو سلوار ڪڙتو پائي ويس. جيئن ئي ريڊيو تي پهتيس ته ڪيترائي حيرانيءَ سان ڏسڻ لڳا ۽ ڪن ٽوڪيو ته هونئن ڪپڙا سٺا پائي اچين، اڄ هوليءَ جو ميلاپي ميڙ ۽ جشن آهي ۽ اطلاعات ۽ نشريات جو وزير صاحب اچڻو آهي، ته تون سوٽي ڪپڙا پاتا آهن، هنن کي کهڙي چاڻ ته ان سوسيءَ جي لباس جو ملهه ڇا آهي؟ ٻئي طرف پوري ايڪسٽرنل سروسز جون انائونسر اُڇيون اُڇيون ساڙهيون پائي آيون. ٽن سَوَن کان وٺي هزار تائين ساڙهين جي قيمت هئي. ايتري قدر جو، اسان جي ڊائريڪٽر صاحبه خود به اُڇي قيمتي سلڪ جي ساڙهي پهري آئي. ان سان گڏ وارن ۾ گلن جي ويڙهي پڻ پاتي هئائين. نه صرف ڊائريڪٽر صاحبه پر ٻين عورتن به گلن جي ويڙهين سان زلف سجايا

هئا. جيئن ئي مان آيس ته ڪيترن ساٿين ڪي منهنجي سوٽي لباس تي حيرت لڳي. هڪ انائونسر گلن جي ويڙهي ڏني ۽ چيائين ”وارن ۾ لڳائي ڇڏ.“ مون ٺاريندي چيومانس: ”مون وٽ ڪانٽو ڪونهي،“ ان تي يڪدم ٻي ساهيڙيءَ ڪانٽو ڪڍي مون ڪانٽو موٽائي خاموشيءَ سان گلن جي ويڙهي پنهنجي پرس ۾ وجهي ڇڏي. وقت مطابق اطلاعات ۽ نشريات کاتي .ڏنو وارو وزير پهتو. ايڪسٽرنل جي ڊائريڪٽر صاحبه پوري اسٽاف جو، وزير مسٽر هرڪشن لال ڀڳت سان تعارف ڪرائڻ شروع ڪيو. سڀني سان رسمي طور ڪنڌ ڌوڻي ملندو اڳتي وڌندو ويو. جڏهن منهنجي اڳيان ڊائريڪٽر صاحبه پهتي ته وزير صاحب کي چيائين، ”هيءَ سنڌي انائونسر آهي.“ ٻه قدم اڳتي هلي پلٽو کائي موٽي آيو، چوڻ لڳو: ”اوهان کي ڪٿي ڏٺو اٿم“. هڪ ٻن فنڪشن جو ذڪر به ڪيائين: مون چيو: مون کي ياد نه آهي. ٿي سگهي ٿو، اوهان ڏٺو هجي. پر جنهن پروگرام ۾ توهان انائونسمينٽ جو ذڪر ڪري رهيا آهيو، اُن ۾ مان ته ڪانه هيس. اُن وقت مون کي پنهنجي لباس، پنهنجي ٻولي، پنهنجي انفراديت تي فخر ۽ ناز ٿيو. منهنجي رواجي لباس ۽ منهنجي سڀاجهڙي سادي سنڌي ٻوليءَ ۾ ايتري ڪشش .هئي، جو سڀني سان دستوري طور ڳالهائڻ بدران مون سنڌي انائونسر کان حال احوال ورتائين

ڪڪيءَ هاٽيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٿا ڇڄ،
ڀاند جنين جي ڀاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
.سمو ڇام سهڄ، اُيو ڪري اُن سين